# ادب ۽ اديب : گوبند مالهي

(عجب، هيءَ رشتا ناتا!)

گوبند مالهي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر-٣.

# ادب ۽ اديب: گوبند مالهي

## (عجب، هيءُ رشتا ناتا!)

●

گوبند مالهي

●

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر-٣.

# ADAB AIN ADIB

## GOBIND MALHI

(Autobiography)

By: Gobind Malhi

●

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3
Phone: 75618, 73100

●

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication

●

Printed by:
Smt. Mohini Sobhraj
Budhwani, INQLAB Press
Ulhasnagar-3 (Phone 70066)

●

Sole Agent:
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2. (Phone: 70455)

●

Quarterly Book Series
( Oct. Nov. Dec. : 1991 )

Price: Rupees Thirty
Year: October 1991

## ڪتاب بابت ...

تازو ٻه ڪتاب پڙهيا اٿم ۽ اهي ٻئي آتم - ڪهاڻيون آهن. هڪ آهي راجا نابر جي لکيل ”اهي سڀ ڏينهن“ All These days ۽ ٻيو پاڪستان جي تهمينا دراني ۽ جو ”منهنجو جاگيردار پتي“ .My Feudal Lord ٻئي آتم - ڪهاڻيون استري ليکڪائن جون لکيل آهن. هن کان اڳ به ڪي آتم - ڪهاڻيون پڙهيون اٿم، جيئن بينظير ڀٽو جي Daughter of East وغيره.

۽ سنڌيءَ ۾ به آتم - ڪهاڻيون / جيون ڪهاڻيون پڙهيون اٿم - پر الائي ڇو مونکي سنڌيءَ ۾ لکيل آتم - ڪهاڻيون اپتروڪشش نه ڪنديون آهن. لڳندو آهي ته اهي اختياريءَ واريون نه آهن جيتريون ٿيڻ کپن. دل سان لکيل نه آهن، پر دماغ تي زور ڏيئي لکيون ويون آهن. اهي جيون ڪهاڻيءَ جي بدران اخباري رپورٽ لڳنديون آهن. مون اها پنهنجي دل جي ڳالهه هن آتم - ڪهاڻيءَ جي ليکڪ گوبند مالهيءَ سان ڪئي گوبند مالهيءَ بابت دوستن ۾ اثر آهي، ته خاص ڪري پنهنجي دوستن باري ۾ جيڪڏهن ڪنهن سوال جو پورو جواب نه هوندو اٿس ته هو ان سوال جي ارد گرد هڪ وڏو تاڃي پيٽو ناهي ويندو آهي. پر تڪڙ جواب نه ڏيندو آهي ان کي سنڌيءَ ۾ ”ڏنڊ ۾ پير هڻڻ“ سڏبو آهي. هن پنهنجين پاڳي پڙهڻ بعد مان ان راءِ سان شامل آهيان.

مان هاڻ هن ڪتاب تي ايندس "**عجيب، هي رشتا ناتا!**" گوبند مالهيءَ جي آتم-ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ ڀڳونتي ناواڻيءَ جي سنگيت ياترا جي ڪهاڻي آهي. پر سوال گوبند مالهيءَ جي آتم-ڪهاڻيءَ جو آهي. جو هن ۾ موجود ڪانهي آهي. هن ائين ڇو ڪيو؟ ڇا لاءِ جو سندس جيون ڪهاڻيءَ جا پهريان ٽي ڀاڱا سنڌ جي حالتن ۽ زندگيءَ وارا آهن، ان بعد جي اَڄ واري زندگيءَ جو ذڪر ٿو اچي ۽ ان ۾ آيل ڪيترا پاتر جيئرا جاڳندا آهن انهن کي ناراض ڪرڻ ادبي تحريڪ ۾ آيل دوستن جي صحيح تصوير ڏيڻ کان مالهي ڪنارو ڪري ويو آهي ۽ ٻيو ڀڳونتي ناواڻيءَ کي ڪتابي روپ ۾ آڻڻ چاهيو اٿائين.

ڪيئن به ڪتاب پڙهڻ جهڙو آهي. دلچسپ آهي. پوءِ گوبند مالهيءَ جي آتم-ڪهاڻي نه ته ڀڳونتي ناواڻيءَ جي سنگيت ياترا ئي سهي. پوءِ به سنڌي ساهتيه ۾ هڪ سٺي دين آهي.

سنڌي ٽائيمس آفيس
ڀرين آڪٽوبر ١٩٩١

**نارائڻ ڀارتي**
مکيه سمپادڪ
**سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن**

اڙ ڀيم

پنهنجي ڀڻيءَ ديويءَ کي
جا پنهنجي ڏاڏي سان نباهيندي رهي
عمر ڀر .

— هالهي

## ليکڪ طرفان :

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن جي مکيہ سمپادڪ ناراين ڀارتيءَ مونکي آتمڪٿا لکڻ لاءِ همٿايو. هن جو اهو رايو هو تہ جيئن تہ مان پنجاہ سال سنڌي ادب ۽ ادبي تحريڪ سان جڙيو رهيو آهيان، تيئن منهنجي سوانح عمري سنڌي ادب ۽ ادبي تحريڪ جي اهم پنجاهہ سالن جي مڪمل تواريخ، نہ تہ بہ اُن جي جُزڻ ۾ سهائڪ ٿي سگهندي، اِن ڪري ئي شايد هن اُن جو عنوان تجويز ڪيو- ”ادب ۽ اديب.“

آتمڪٿا اِتهاس نہ آهي پر اِتهاس جي الاهي ذريعن مان هڪ ضرور ٿي سگهي ٿو جي آتمڪٿا-ڪار جو نظريو شخصي نہ، جماعتي آهي ۽ هن جو مقصد پنهنجي ثنا خواني نہ پر پنهنجي وقت جي ترجماني ڪرڻ آهي، ۽ ڏيک ضروري آهي تہ هو اديب طور نہ، اِنسان طور پنهنجي همسفر ٿيندڙن وڏن انسانن جي ماحول، منزلن ۽ موڙن جي پس منظر ۾ اپنائي ڪري، سا بہ همدرديءَ سان. سڀ کان لازمي آهي آتمڪٿا لکندڙ جو پنهنجي پاڻ سان- پنهنجي سنسڪارن، سڀاءَ، جذبن ۽ سڌانتن سان نباهڻ.

منهنجي آتمڪٿا جو پهريون ڀاڱو پنهنجي پر ۾ پورو منهنجي ٻالپڻ، اُن جي سنسڪارن، اُنچرن ۽ جسماني ۽ مانسڪ واڌ جو مڪمل دستاويز رهيو. اُهو منهنجي وقت جي منهنجي ڳوٺ جو اِتهاس رهيو. ڪرشن کٽواڻيءَ اُن کي سنڌيءَ جي ٻين آتمڪٿائن کان بهتر ڄاڻائيندي لکيو، ”سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ جو اهڙو سچيو چٽر اڃا ڪنهن نہ چٽيو آهي.“

باقي ڀاڱن ۾ مون پارٽيءَ جي اُميد جي برٿوابي پنهنجي

طرفان لازمي قرار ڪيل ڇڱن نقطن کي ڌيان ۾ رکندي ڪئي آهي.

مون پنهنجو پاڻ سان وڌيڪ نباهيو آهي.

پوءِ به مون سنڌي تحريڪ جي تواريخ سان ٻئين، ٽئين ۽ چوٿين ڀاڱي ۾ نباهيو آهي، شخص ۽ هنن جي ڪمين پيشين کي نظرانداز ڪندي ادبي تحريڪ جي ڪاميابين ناڪاميابين تي نظرثاني ڪئي وئي آهي، ۽ منهنجي سچ چوڻ جي صلاحيت جو سلسلو اهو رهيو جو موهن ڪلپنا پاڻ کان پاڻهي موڪلي چيو، "چوٿين ڀاڱي ۾ تون ٻولڊ (همت) وارو رهيو آهين."

منهنجي زندگي ساهتيه سرجڻ ۽ ادبي تحريڪ سان جڙيل هجڻ سان گڏوگڏ ڪلچرل ڪيندر سان به وابسته رهي آهي - ١٩٥٣ کانوٺي، پهرين انڊين پيپلس ٿيٽر ائسوسيئيشن سان ۽ پوءِ ڪلاڪار منڊل سان، ١٩٦١ کانوٺي مسلسل ووڪل ڪلچر کي سلامت رکڻ جو عملي يتن ڪندو رهيو آهيان، مکيه ريت سنگيت معرفت، ڪلچرل ڪيندر ادبي تحريڪ سان جڙيل هوندي به اُن کان الڳ پنهنجو يگانو وجود رکي ٿو. اُن جو پنهنجو ماحول آهي، پنهنجون تقاضائون آهن، پنهنجا تجربا آهن، پنهنجا مسئلا آهن ۽ پنهنجا تاثير آهن. ساري ڀارت ۾ دور دور تائين ڦهليل جاتيءَ کي پنهنجي سنسڪرتيءَ جي اهميت ۽ وسعت بابت وشواس ڏيارڻ ساهتيه سرجڻ کان وڌيڪ اؤکو ڪم آهي - جسماني خواهه مانسڪ سطحن تي. چوٿين ڀاڱي ۾ اُن جي اُپٽار ڪئي آهي.

اُنهن پنجويهن سالن جي مسلسل تحريڪ ۾ ڀڳوتي ناواڻيءَ جو مون سان اٽوٽ ۽ اٿاهه ساٿ رهيو. هن جي اٿڪ لگن ۽ لامحدود اعتقاد آوازي ڪلچر جي اوج ۾ يادگار يوگدان ڏنو. هن جي پنهنجي اعتراف موجب "هوءَ اُهي پل اُئي جيوت

رهي جي هن ڳائيندي وتيت ڪيا.“ ۽ سنسڪرتڪ ٻوليءَ ۾ هوُءَ ميلو مٿل ڇڏي ويٺي. مون هنڪي آتم ڪٿا جي ٻنهين ڀاڱي جي نائڪا ٻڌايو آهي ۽ ”عجيب، هيءُ رشتا ناتا!“ اظهاريا آهن. نائڪ ڪيتر ۾ ٻرڍي ٻنيان رهندي، هٿ سوتر ڌار جو ڀاڱو ٻـ ادا ڪيو آتم، ۽ آتم ڪٿا ڪار ۽ سوتر ڌار وچم ميزان رکڻ جو تجربو ٻه ڪيو آتم.

منهنجو عقيدو آهي - ٻهتر اديب ٻهتر انسان هجڻ کپي، مون ٻهتر انسان ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هيءَ آتم ڪٿا، يا جيڪي ڪي اِها آهي - اِها منهنجي اِتفاقن ڀري زندگيءَ جي تضادن جي ڪهاڻي آهي ۽ بس.

- گوبند مالهي

٧، راج ڪرڻ،
مهاتما گانڌي روڊ،
ڪانديولي،
ٻمبئي - ٤٠٠٠٦٧.

# عجيب رشتا ناتا !!

منهنجي ڏاڏي هر صبوح جو ايڏائي گھرڻ جو خير گھرندي هئي، ڀڳوان کي آراڌنا ڪندي هئي، "حقون به رکج، ناحقون به رکج." وڌيڪ پرارٿنا ڪندي هئي، "سهنديءَ بار نه ڏج." ٿورو وڏو ٿيندي ئي ايڏائي گھرڻ جي خير گھرڻ جو مطلب سمجھي ٿي ويس، پنهنجي خير کان اڳ ٻين جي خير گھرڻ جي سنڌي - ڀارتي سنسڪرتيءَ جي پرمپرا به منهنجي دل دماغ تائين پهتي. عمر ۽ عقل ۾ اڳا به وڌو ٿيندي "حقون به رکج ناحقون به رکج" جو رهسيه به ڄاتم ۽ شاهه لطيف جي اِها بندگي به راس آئي ته "عدل ڇٽان آن نه، ڪو قهرو ڪج فضل جو." باقي ڏاڏيءَ جي ٽين تمنا، "سهنديءَ بار نه ڏج." منهنجي عقل کي نه ٻيٺي آئڙي: سهنديءَ بار نه ملي ته اڻ سهڻ جهڙو بار ڪيئن کڻي سگھبو؟ جوانيءَ ۾ پير پائيندي امان کان اِن عجيب آرزوءَ جو مطلب پڇيو ٿي، امان چيو، "ماڻهو اهڙو نؤد آهي جو ڪهڙو به ڀاري بار ڪنجھندي ڪرڪندي، روئندي رڙندي به سهي ئي ويندو. ماءُ پٽ سهسائي ويندي؛ زال ڏهاڳ جو ڏک سهي ڇڏيندي؛ ڌيءُ جو پرائي گھر يا ڀڳوان وٽ وڃڻ جو وڇوڙو وساري ويهندو......"

مونکي اهڙا ٻه ٻگانا ٻه نؤد پٽا سجھن - اڳ پنهنجيءَ پيڻ دادن جي ديهانت جو، هوءَ پنهنجيءَ ۽ منهنجي جوانيءَ ۾ هميشه هميشه لاءِ هلي ويئي. منهنجيءَ اک ڳوڙهو نه

ڳاڙيو، سور ٻڙيندو آهي، ڪي ڏينهن، ڪي سال پر ناسور اندر جهوريندو آهي، عمر ڀر. ۽ اِهو اندر جو جهڄڻ جهرڻ منهنجو پنهنجو نجو.

ٻيون ٺؤد پٺو تہ ڪلهہ ڪلهوڻي ڳالهہ آهي ......

پڳوڻي (ڏڪي) بہ وقت کان اڳ ويندي رهي!

ظاهري نہ زخم، نہ رڙيس؛ نہ ڪنجهيس، نہ ڪرڪيس؛ سنڌوءَ جي نياڻي سهسائي وينس، ڳوڙها ٻـي ويس، پيئندو رهيو آهيان.

دادن منهنجي زندگيءَ جو دڳ جوڙيو هو، ڏڪيءَ زندگيءَ جو دڳ سنواريو هو.

دادن منهنجي زندگيءَ کي وشواس ڏنو هو، ڏڪيءَ اُن وشواس تي وشواس رکيو هو.

ڏڪيءَ دادن جي وڇوڙي جي درد کي دل اندر دٻائي رکڻ ۾ واهر ڪئي هئي، هن جي هلئي وڃڻ جي خال کي گهٽي حد تائين پريو بہ هو. پاڻ ويئي تہ خال اُٿليو، گهرو بہ ٿيو ۽ ويڪرو بہ، ۽ بس چوڻ کان قاصر آهيان. پوءِ بہ اِن جي وڏيڪ اُپٽار نہ ڪندس. اِهو ساهہ ۾ سمايو رهندو.

ڪن سالن کان ڏڪيءَ کي ٻرون پٺجي ويا ۽ ان ڪري هن چٺجي ڪٽي، جيئڻ جو موهہ ئي ٽجي چڏيو هو. اِها لکا هن مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي پوڻ نہ ڏني هئي.

۽ اِهي ٻرون ڪن ڪن کي ئـي ٿيو پوندا آهن، سو بہ گهٽو ٽٽو زالن کي، مان اَڄا تائين سمجهي نہ سگهيو آهيان، اِهي ٻرون منهنجي پتنيءَ ديويءَ کي بہ پيا هئا، پر اُن جو ذڪر اڳتي هلي موزون جڳهہ تي ڪندس. اِهي ٻرون ديديءَ کي بہ پيا هئا. هوءَ ڏڪيءَ جي ديهانت کان پنج سال اڳ جس لوڪ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي خبر ٻڌندي ئـي

هوائي جهاز ۾ دهليءَ مان بمبئيءَ هلي آئي هئي؛ شايد اهو ٽپ هوس ته ريل گاڏيءَ، راڄڌاني ايڪسپريس ۾ ايندي ته هوءَ ڪٿي ڪڪيءَ کي زنده ڏسڻ کان محروم نه رهجي وڃي، ديديءَ هنکي ڳراٽڙي پائي چيو هو، "منڙي، ڏسجانءِ وڃي؛ مان توکان اڳ مرندس."

ڪڪي جيئري ئي هئي جو ديدي ٽن سالن اندر رمندي رهي!

ڪڪيءَ جي جسم لوڪ مان ڪٿي چٽي نڪرڻ کان سٽت پوءِ آسان ڪڪيءَ جي آرام سانگي ڪجهه ڏينهن دهليءَ ۾ رهياسين، پوءِ به انهن ٽن سالن اندر پنج ڇهه دفعا دهليءَ وياسين. ديدي جڏهن ڪڏهن ڪڪيءَ کان اڳ ساسين سڪالي ٽيڻ جي ڳالهه دهرائيندي هئي!

ديديءَ جو ڪڪيءَ سان عورت جو رشتو نه هو، پوءِ به ديدي - ڪڪيءَ جهڙو دلين جو ڳانڍاپو ڪن رشتيدارن وچ ۾ به مشڪل رهيو هوندو.

عجيب زندگيءَ جا عجيب رشتا ناتا!

درحقيقت اُن زماني ۾ عجيب رشتن ناتن جو عجيب ٽڪنڊو، چوڪنڊو چورڻ بيجاءِ نه ٿيندو، ٿهي ويو هو، ديدي، ڪڪي، مان ۽ واسديو آچنتاڻي، "آشا" بهتر آهي، مان منڍ کان وٺي بيان ڪريان:

١٩٧٤ جي فيبروريءَ جي ڳالهه آهي ......

مونکي نيشنل ساهتيه اڪادمي انعام مليو ٿي - "پيار جي پياس" ناول تي، مونکي انعام وٺڻ لاءِ دهليءَ اچڻو هو. انعام وٺڻ جي تاريخ هئي ٢٨ فيبروري ۽ هڪ ڏينهن وچ وڇهي ٢-٣ مارچ تي دهليءَ ۾ اکل ڀارت سنڌي ساهت سڀا

جو اڪيل ڀارت ساهت سميلن ٿيڻو هو. اِن سميلن جي صدارت ڪرڻ وارو هو ڪيرت، ڪيرت ٻاٻاڻي.

اِنعام جي ورهاڱي ۽ سميلن جي تاريخن جي ظاهرات لڳ ڀڳ ساڳئي وقت تي ٿي، ڊسمبر ١٩٧٣ ۾.

ڪيرت مونکي سميلن جي ڪلچرل پروگرام ۾ ڪلاڪار منڊل جي ڀاڱي وٺڻ لاءِ چيو، سميلن تال ڪٽورا گارڊن ۾ ٿيڻ وارو هو، پنڊم، ڊيليگيٽ ۽ ڪلاڪار تنبن ۾ رهايا ويندا. هيترن سالن اُٿانگن سفرن ۽ اوچاڻن وارن پروگرامن جي دؤران ۾ ڪڏهن ڪنهن جي تمنا پنهنجي ڪٿي نه طلب هڪ ٿي هوندي؛ رهائش جي جڳهه گوڙ گهمسان کان پري هجي ۽ اُها ڌرمسالا نه هجڻ کپي ۽ دير سان پروگرام ڏيڻ ڪري هن جي ننڊ ۾ رخنو پوڻ جو امڪان هجڻ نه کپي. هوءَ جهو ٻڙيءَ جهڙي گهر خواهه محلات جهڙي بنگلي جي نوڪلي ڪمري ۾ هڪجهڙي خوش رهندي هئي. هوءَ رهائيندڙن کان غير رواجي سهوليتون نه نه وٺندي هئي هيڪاري گهر جي ڌڻين کي ڪمرڪار ۾ همٿ وڌائيندي هئي، هن جي سڀاجهي سڀاءَ ڪري به هنکي ڪو به ٻاڻ وٽ رهائڻ ۾ خوشي ۽ فخر پئي محسوس ڪندو هو. ۽ ريگيولر پروگرامن واري ڳوٺ / شهر ۾ اسانجو دائمي ميزبان ميسر ٿي ئي ويو هو. دهليءَ ۾ اسان رهندا سدائين منهنجي پڦات گوبندرام پنجي مل جي بنگلي تي هئاسين ڪملا نگر ۾. هو پروگرام واري هنڌ تي پهچڻ ۽ اُتان آڻڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيندو هو! مون پوءِ به ڪيرت کان پڇيو، ”اسانکي رهائيندا ڪٿي؟“

چيائين، ”تون پنهنجي ۽ ڪلاڪارن جي رهائش جي ڳڻتي نه ڪر.“ هن کليو ۽ چيو، ”تنهنجو ۽ ڪلاڪار منڊل

جي پين ڪلاڪارن جو هڪ شرڌالو ڇاپيو آهي، اوهان مان ڪنهن کي ڏسڻ کان اڳ ئي. اوهان ڪلڪتي ۾ ڊراما فيسٽيول (اِن ڊراما فيسٽيول ۾ ڪڪيءَ "آٿيلو" ۾ اداڪاريءَ لاءِ بهترين اداڪاره جو اِنعام کٽيو هو) ڪانپوءِ لکمي ڪلاڻيءَ سان ڏؤهاتيءَ ويا هئا. اُتي چڱي ڌوم مچائي هئيوَ، هن سڄڻ کي اُتي ڊراءِ ڪلينگ جا دوڪان آهن. هوُ اُن وقت اُتي نه هو پر پڳونتيءَ جي آواز جي ساک ٻڌي هوُ اَڄ ڏني پڳونتيءَ جو شرڌالو بڻجي پيو آهي."

مون ڪڪيءَ کي اِها ڳالهه ٻڌائي، هوءَ به حيران. چيائين، "ضرور هوندو ٻئي وارو ۽ گهر به ضرور وڏو هوندس - پنڊن ڇهن جي رهائش جو بار تو کڻي..."

ڪيرت به اسان سان گڏ دهليءَ هليو. ٢٧ فيبروري ڊيلڪس ايڪسپريس ۾ بمبئيءَ مان نڪتاسين، ٢٨ صبوح جو ساڍي نوين ڏهين ٻجي دهلي اِسٽيشن تي پهتاسين.

ڪيرت جو سنڌو تولو ويرواڻي ۽ اسان جو ميزبان اسانکي وٺڻ آيا هئا.

ٻڌن جو پورو ٻنو، وار کسڻ تي، عينڪ سان، سليٽي سوٽ ڪوٽ ۾ ملبوس شخص هو، اسانجو ميزبان. نالو ڪيرت به پهريون دفعو ٻڌو - واسديو اَچنتاڻي "آشا". تخلص ٻڌي مون پهريندي هٿ ملائيندي هن کان پڇيو، "اديب آهيو اوهان!" مرڪي چيائين، "ننڍي هوندي تڪبندي ڪندو هوس، هاڻ راڳ سان رچي اَٿم،" ٻنا دير چيائين، "ڳائيندو نه آهيان، ٻڌڻ جو شونق اَٿم،" ڪڪيءَ کي هٿ جوڙي نمستي ڪيائين، فيئٽ ڪار آندي هئائين، ٽئڪسي به ڪيائين، ٽئڪسيءَ ۾ ڪلاڪار چڙهيا. ڪيرت، تولو، ڪڪي ۽ مان ڪار ۾ وينا سين. ڪار اَچنتاڻيءَ پاڻ

ڊرائيور ڪئي، رميش نگر ۾ ڪيرت ۽ تولي کي لاهي، اسين اچي راجوڙي گارڊن جي J بلاڪ ۾ پهرئين ماڙي تي پهتاسين، هڪ شاهي هال هو ۽ چار ڪمرا، اُن مٿان ٽيريس تي به هڪ ڪمرو هو. ڪلاڪار اُن ۾ رهيا ۽ اسين ڪٽنب جا ڀاتي سمجهيا ويا سين. اڇنتاڻي ڪار شروع ڪندي ئي اسان جي ڳوڙهائيءَ ۾ ڏنل پروگرام جي ٽيپ هلائڻ شروع ڪئي هئي. ڪار بند ڪرڻ کان اڳ اُها ٽيپ ڪڍي ڪوٽ جي کيسي ۾ وڌائين. ظاهر هو، ٽيپ کي قيمتي وستو سمجهي پاڻان پري ڪرڻ نٿي چاهيائين.

ڪيرت رميش نگر ۾ لهندي چيو، ”مان ڪٿان به شام جو اڪادمي واري اِنعامي اُنسؤ ۾ پهچندس، تون، ڀڳونتي ۽ اڇنتاڻي مون سان هلجو. رات جو ڊنر به آهي ته پريس ڪانفرنس به آهي. سمپلن جي آچيان سڀا جي چيئرمين پريم وڃاڻيءَ جي بنگلي تي دعوت آهي، ٻيا ڪلاڪار پڻ موٽي اڇنتاڻيءَ جي گهر اچن.“

منجهند جي مانيءَ کان اڳ ئي اڇنتاڻي مون سان ۽ ڪڪيءَ سان اهڙو گهائل مائل ٿي ويو جو ڄڻ ورهين کان واقف ٿي نه، گهرو مٽر هو اسانجو. هن جي گهر جا ڀاتي به اسان سڀني سان حد کان وڌيڪ پنهنجائپءَ سان پيش آيا.

ساهتيه اڪادميءَ جي اِنعامي اُنسؤ ۾ ڪيرت، نارائڻ شيام، لڇمڻ ڪومل، هرو مل سدارنگاڻي ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي اديب شامل ٿيا. ڪيرت ۽ ٻيا اديب اُنسؤ بعد هليا ويا. لڇمڻداس ڀمناڻي پاسي ۾ ”چيلمسفورڊ ڪلب“ ۾ چانهه پيارڻ وٺي هليو. هن سان ڳوالهيار لاءِ، سمپلن ڀڃاڻا، هوليءَ جو پروگرام به مڃيم.

پريم وڃاڻي، ويسٽن اليڪٽرانڪس جو چيئرمين به هو،

ڊفينس ڪالونيءَ ۾ هن جو نئون بنگلو هو، جنهن کي دهليءَ جي پاشا ۾ڪوٺيءَ تي سڏايائون. پريس وارن، آجيان سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽي ميمبرن ۽ چونڊ اديبن ڪلاڪارن کي ماڙيءَ تي وهاريائون - ڪڪي هيٺ زالن ۾ وڃي ويٺي، مونکي دل ئي دل ۾ اهو فڪر رهيو ته مرداني ڪڪي، شاهوڪار گهرن جي زالن ۾ پاڻ کي اڌارو اڌارو محسوس ڪندي. مٿي شراب جو دؤر شروع ٿيو ۽ اُن سان چهڙ چالو ٿي، پريس ڪانفرنس صرف بهانو هئي. ڪيرت جي پريس پڌرائي پريس وارن ۾ ورهائي ويئي ۽ پريم هنن کي اها ڇپڻ جي پلاڻ ڪئي. جتي پريم رعبدار شخصيت جو مالڪ ٿي ڏٺو، تتي ڪانٽس نندو پاڻ سندر ڪافي ملنسار لڳو. اچنتائيءَ ٻڌايو، ” ويسٽن کي هن ڪڙيءَ تي پهچائڻ ۾ سندر جي وڌيڪ محنت رهي هئي، نڇپت نگر ۾ هڪ ڪمري ۾ انڊيا ٽرانزسٽر ٺاهيندي، هن پنهنجي لگن ۽ ملنسار سڀاءَ سان ويسٽن ٽي. وي. تائين پهچندي اوکلا انڊسٽريل اسٽيٽ ۾ شاهي بلڊنگ جوڙي ورتي هئي، پريم جو دماغ ۽ فئڪٽري هلائڻ جو ڏانءُ ۽ سندر جي وڪري وڌائڻ جي هنر وچاڻين کي غريبيءَ کان اميريءَ تائين پهچايو هو. “ مونکي رکي رکي ڪڪيءَ جو خيال پئي ٿيو ته هوءَ ڪهڙي حال ۾ هوندي.

محفل پوري ٿيڻ بعد آچنتائيءَ جي ڪار ۾ چڙهندي ئي ڪڪيءَ چيو، ” گهڻين زالن ۾ شاهوڪاريءَ جو اجايو ادمبر ڪونه هو. سڀني منهنجو خاص خيال پئي رکيو. هڪ ته منهنجي مٿان جنسي گهول پئي ويئي. ويسٽن جي مالڪن وچاڻي پاڻن جي ڀيڻ هئي. سڀني ديدي ديدي پئي ڪونيس. رعب ته چڱو هوس، محفل جي مورٽي به اها هئي. جهڙو بدن موٽو هوس، دل اُن کان به وڌيڪ وڏي هيس... “

جتي مونکي آئت مليو تتي اُچنتائيءَ کي ديديءَ جي هيڏي ساري ساراه نه آئڙي شايد، اهڙي ڪا ڏيکاري نه ڏيندي ٻه ڇپائين، "موهنيءَ جي ڳالهه تي ڪرين نه، شراب ٻه ڍُڪ پيتو هوندائين، سگريٽ به چار ڇڪيا هوندائين." ڪڪيءَ چيو، "ها، ٽي چار پيگ پيتائين، ٻه ٽي سگريٽ ٻه ڇڪيائين." ۽ پوءِ گويا اُچنتائيءَ کي ڳالهه وڌائڻ کان روڪڻ لاءِ چيائين، "سياءَ ڪري مونکي حد وٺي."

ٻئي ڏينهن صبوح جو ڪيرت تولي وٽان فون ڪئي: مالهي، هيءَ وڇائي پائر راڳ جا شيدائي ٿا ڏسجن. هينئر فون آئي آهي ته شام جو پنجين بجي ساڳئي رات واري بنگلي ۾ راڳ جي محفل رکڻ ٿا چاهن. رات جي روٽيءَ جي به دعوت ڏني اٿائون. ڪاني ڪلاڪارن کي گهرايو اٿائون. ڪلا هزاري صبوح جو پهتي آهي. هوءَ ٻه ايندي، تون به ڪلاڪارن سميت اچجانءِ."

مونکي رت نه آئڙي؛ چيم، "شاهوڪارن لاءِ پروگرام ڏيڻ تي منهنجي دل نٿي ٿئي..."

ڪيرت چيو، "هنن جا ساٿي جيون ڪر سهائي ۽ شنڀو ڄمسنگهاڻي چون ٿا، پروگرام ڏيڻ کپي. سميلن لاءِ پريم ۽ سندر ڪافي مالي امداد ڪئي آهي، ڪوٽ جي حالت ۾ اچا ٻه وڌيڪ مدد ڪندا. ٻيو ٻڌ، هي خواهان آهن پگو نتيءَ کي ٻڌڻ لاءِ، منهنجي صلاح آهي پروگرام ڏيڻ کپي."

مون چوڳي ٿي همت رکي ڪڪيءَ کي ٻڌايو ۽ هن کان رايو پڇيم. وچم اُچنتائيءَ چيو، "شاهوڪارن جا به نخرا آهن، "سياڻي رابيندر رنگ منچ تان پروگرام ته ٻڌندا ئي..." مون ڪڪيءَ ڏانهن نهاريو، هن چيو، "همت واندي ويهڻ کان پروگرام ڏيڻي ايندا سين." مون ڪيرت کي چيو، "ٺيڪ

آهي، پنجين بجي شام جو پهچنداسين."

اڇنتائيءَ چيو، "مان نه هلي سگهان ته..."

ڪڪيءَ چيو، "اسين ٽئڪسيءَ ۾ وينداسين. هونءَ به اوهان سدائين تڪليف ڇو ورتو؟"

اڇنتائي ڪڪو وڪو ٿي ويو. چيائين، "مونکي پگڙين تي وڃڻو آهي."

مون چيو، "ٺيڪ آهي، اسين ٽئڪسيءَ ۾ وينداسين. ممڪن آهي، موٽ لاءِ ڪار ڏين."

اڇنتائي پنهنجي بڌ تر ختم ڪري ورتي. چيائين، "چڱو، مان اوهان سان هلندس. راڳ ٻڌڻ، سو به داديءَ جي مک مان، اهو موهه مان ڇڏي نه سگهندس، منوءَ (پٽ) کي پگڙين تي موڪليندس."

وري ڪلي ڪڪيءَ ڏانهن نهاري چيائين، "دادي، سميلن تي رهڻ بعد منهنجي گهر به پروگرام ڏيڻو پوندؤ."

ڪڪيءَ جواب نه ڏنو. مونکي خراب لڳو، مون چيو، "منظور، همت به پروگرام ڏينداسين."

اڪيلائيءَ ۾ ڪڪيءَ چيو، "اڇنتائي ڪافي سٺو ماڻهو آهي، مهمانواز به آهي، حسد ڪان به پري آهي. پر لڳي ريسارو ٿو، خاص طور وڃائين سان هنجي نٿي پوي. لڳي پاڻ به شاهوڪار ٿو پر..."

عجب مونکي به لڳو. گويا ڏايان سوچيندي (thinking aloud) چيم، "ويسٽن وارا هن ڪانپوءِ چڙهيا ته ڏسڻ ۾ سوشل لائيف ۾ اڇنتائيءَ به پنهنجي لاءِ ڪا جڳهه جوڙي آهي. اڇنتائيءَ جي جڳهه محدود رهي آهي، وڃائين جي وڏيڪ وسيع ٿي ويئي آهي. پر دل ڪري اڇنتائي ڪافي سٺو انسان آهي.

ڊڪيءَ مون سان سهمت ٿيندي چيو، ”دل وارو شخص آهي، اِن ۾ ڪو شڪ نه آهي.“

۽ شام واري خانگي پروگرام ۾، جنهن اُميد رکي وئي هئي، ڊڪي ميدان ماري وئي. هن جي آواز ۾ ادائگيءَ مڙيني کي متاثر ڪيو. هتا وچائين جا ڪٽنبي، سنبنڌي، آجيان سڀا جا مکيه ميمبر جن سڀني ۾ ڪنهن نه ڪنهن قسم جي سهائتا ڪئي هئي. ڊيڊيءَ کي مون ٻيون دفعو ڏٺو. موٽي ديهه واري، سانوري، ملنسار ۽ رعب واري. پائڻ خواهه پين تي هلندي ڦرندي به چڱي هئس. جني هوءَ ڊڪيءَ تي مفتون ٿي ڏني تني نظرانداز مونکي به نه ڪيائين. اَچنتائيءَ جو به چڱو خيال پئي رکيائين. اچنتائي مونکي اُداڙو اُداڙو لڳو. ڊيڊيءَ جو ڊڪيءَ ۾ ايڏو ڏهٽو چاهه هن کي راس نه پئي آيو، زبان سان چيائين ڪجهه به نه، پوءِ به مون دل ئي دل ۾ چيو، ”مهمان نوازيءَ جي صدقي پيا پن پاسين ۾ آهيون. هڪ طرفي پيا / ۽ ٻه طرفي ايترا ڪڏهن نه ڪڏهن پڙڪو کائي سگهي ٿي.

ائين به سوچيم، ”هڪ ئي ڏينهن ۾ ڊڪيءَ جا ٻه شرڌالو پيدا ٿيا آهن، خدا خير ڪري.“

۽ تڏهن ئي پنهي کان يا پنهي مان ڪنهن به هڪ کان جند ڇڏائڻ ممڪن نٿي نظر آيم! ۽ جند ڇڏائڻ لئي به دل نه ٿي.

موٽندي ڊڪيءَ چيو، ”هيءُ خانگي پروگرام ڊيڊيءَ رکايو هو.“

اَچنتائيءَ چيو، ”منهنجي گهر واري پروگرام ۾ مان وچائين ۽ موهنيءَ کي نه گهرايان ته؟“

ڪڪي سهمجي ويئي. هوءَ مون ڏانهن ڏسڻ لڳي، سوالي نگاهن سان.

مون ڀهريندي محسوس ڪيو، اَچنتائيءَ کي ڇوٽو عرف ديوي هو پر ڪڪيءَ جي جذبات جو لحاظ رکي وچائين کي بہ ڳنڍيو هٿائين. ڪڪيءَ جي سوالي نگاهن کي نظر انداز ڪري اچنتائيءَ جي سوال جو جواب ڏنم، "پيل هنن مان ڪنهن کي بہ نہ گهرائجو."

نويڪلائيءَ ۾ ڪڪيءَ کي چيم، "اَچنتائيءَ اڳيان ڏيڊيءَ جو نالو بہ نہ ڳنهہ ۽ نہ هن جي ساراهہ ڪر. اچنتائيءَ جي ريس کي ايسرڪا جي شڪار ٿيڻ کان روڪڻ جو اهو ئي طريقو آهي."

ڪڪيءَ مرڪي چيو، "– As you say. هنن ٻنهي جي ناتن وچ ۾ بہ رهبري اوهانکي ڪرڻي پوندي."

سميلن جي سموري ڪلچرل پروگرام جي واڳ ڏور منهنجي هٿ ۾ رهي، بہ ٽي راتيون، پهرين رات جو مکيہ مهمان هو اندر ڪمار گجرال جو آءِ. ڪي. گجرال سنڌ جو لڳو هو. اُن وقت هو انفرميشن ۽ براڊڪاسٽنگ جو منسٽر هو. پروگرام جي دوران ۾ هڪ گروپ جو اڌ ڪلاڪ جو پروگرام اناؤنس ڪري مان آڊيٽوريم ۾ هن سان وڃي ويٺس. مون کي چيائين، "انهيءَ گروپ جي مکيہ گائڪا کي سويل منچ تي آڻ." مون چيومانس، "مان ڪوشش ڪندس پر پڪ نٿو ڏيانءِ جو ٽوليون ڏهٽيون آهن ۽ پروگرام منهنجي هٿ ۾ آهي. ٻيا ڪلاڪار ناراض ٿيڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا..."

مون گجرال کي بہ ٽي سال اڳ هند- پاڪ وچ ۾ سملا سمجهوتو ٿي رهڻ بعد، اُن جي ماتحت ڪلاڪار منڊل سان سنڌ وڃڻ ۾ سرڪاري سطح تي مدد ڪرڻ لاءِ آفيشل خط لکيو

هو. هن به آفيشلي جواب ڏنو هو، ”تنهنجو خط پرڏيهي معاملن جي کاتي ڏانهن موڪليل آهي.“ پرڏيهي کاتي جي سيڪريٽريءَ لکيو، ”توهانجو خط منسٽر آف انفرميشن اينڊ براڊڪاسٽنگ اسان ڏانهن موڪليو آهي، اهو زير ويچار آهي.“

اُن بعد منهنجي رمائينڊر جو به ڪو جواب ڪونه آيو. آٿرس گلڊ جي سلياني ميڙ جو اُدگهاٽن ڪندي گجرال مونکي ۽ ڪيرت کي ويڙهل ڏسي چيو، ”منهنجا ڪي سنڌ جا ساٿي هت وينا آهن جن سان ڪراچيءَ ۾ فرينڊس آف سوويت يونين سنسٿا ۾ گڏ ڪم ڪيو هوم...“ ظاهر هو ته اِندرا سرڪار ۾ هجڻ ڪري هن اِهو ڄاڻائڻ نه چاهيو ته ڪو ڪراچيءَ ۾ هوُ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان جڙيل هجڻ ڪري اَسان سان لهه وچڙ ۾ آيو هو. اُدگهاٽن رسم بعد چانهه جي دؤر وقت هوُ اسان سنڌين طرف وڌي آيو. مونکي چيائين، ”مالهي، تون پاڪستان ۾ پرسو نا گريٽا (اَڻ گهربل شخص) آهين اِها سڌ مونکي پاڪستاني پرڏيهي کاتي کان پيئي. هر پروگرام ۾ چوندو رهين ٿو، سنڌ آزاد ٿيندي، توکي ڪيئن گهرائيندا؟ ها، جي تنهنجي گروپ توڪانسواءِ وڃڻ چاهي ته مان اُن کي موڪلڻ جي ڪوشش ڪري سگهان ٿو.“

مون بنا گروپ جي سنڌ وڃڻ جو سوال ئي نٿي اُٿيو. ڪڪي هت ئي مون بنا پروگرام جو سوچيندي ئي نه هئي.

اُن بعد اسين هڪ ٻئي سان هارڻ سميلن جي ڪلچرل پروگرام جي دؤران ۾ گڏيا هئاسين. مان سنمت ئي پروگرام جي سنچالڪ هجڻ ڪري ٻئڪ اسٽيج مٿي آيس. هن ڪيرت کي منهنجي گروپ کي منچ تي آڻڻ لاءِ چيو. ڪيرت مونکي چيو، ”ڪي ڪلاڪار ضرور ناراض ٿيندا پر گجرال جي تمنا

پوري ڪرڻ کپي.“ مون هڪ سمجهوتو طيءِ ڪيو، مون پنهنجي پروگرام کي ٻن حصن ۾ ورهايو. پندرنهن منٽ گجرال اڳيان باقي پندرنهن منٽ پروگرام جي آخر ۾، جڏهن ٻڌندڙ پڇاڙيءَ تائين ويٺا رهن.“ پوءِ به ڪي ڪلاڪار ناراض ٿيا ٿي.

ڪڪيءَ جي آواز جو جادو گجرال مٿان به هليو. هو هلڻي وڃڻ کان اڳ ٻئڪ اسٽيج تي آيو. سڌو ڪڪيءَ وٽ اَچي هن کي مبارڪون ڏيندي چيائين، ”جيتري اُميد رکي هئم، تنهن کان بهتر ٿي ڳائين، شپ ڪامنائون.“ مونکي چيائين، ”اِها سياست جي لعنت آهي جو سنڌ جا سنڌي هنڪي ٻڌڻ کان وانجهيل آهن.“

اَچنتاڻيءَ جي گهر خانگي پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ ٿي ديدي پنهنجي هڪ ٻيڻ ڪملا سان گڏ هلي آئي. اَچنتاڻي گهر گهڙي آيلن جو نرادر ڪيئن ڪري؟ مان پنهنجي مليل ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ تي هوس جو اَچنتاڻيءَ مون کان اَچي پڇيو، ”دادا، موهنيءَ کي اَجوڪي پروگرام جو اوهان ٻڌايو؟“ مون چيو، ”نه ته.“ اچنتاڻيءَ وري پڇيو، ”ڀلا دادي ڀڳونتيءَ؟“ مون چيو، ”مان نٿو ڀانيان، ڪڪي اهڙي ڪچي آهي؟“ ڪڪي پنهنجي ڪمري ۾ اچا سنڀري رهي هئي. ڪڪيءَ هيڪاري پڇيس، ”ديدي آئي آهي ڇا؟“

اَچنتاڻيءَ ڀهريسن ته مرڳو پروگرام رد ڪرڻ چاهيو پر هن جا پنهنجا عزيز ۽ مٽ زالين مردين ايندا رهيا.

ديديءَ ڪڪيءَ سان ڀاڪر پائي گڏجندي چيو، ”مٺي، تو ته ڪونه ٻڌايو. منهنجي من مونکي چيو ته ڪو راڳ جو شيدائي تو جهڙيءَ ڳائڪا کي ڪا شام ٻنا ڳائڻ جي نه ڇڏيندو —

نه ته به ڪاميابو نه ٿيندو ٿي، اهو سوچي ڪملا کي ساڻ ڪري هلي آيس، همت اچي ڏنم ته منهنجو من عجيب هو."

اُچمنائيءَ کي پڪ ٿي ويئي ته ڪڪيءَ ۽ مون هنجي وشواس کي ڌوڏيو نه هو. هن جو اوچتو ديديءَ طرف رخ ۾ ڦيرو اچي ويو، ڏاڍو آدرڀاءُ ڪرڻ لڳس. ڪيئن مهمان ديدي ٻڻجي ويئي!

پروگرام جي دوران ۾ هڪ متر جو فون آيو، "سڀاڻ پريم وچاٽيءَ جو جنم ڏن آهي. هن کي ڀگونتيءَ جو پروگرام ڪپي. جيترا به پئسا چوندين، اوترا ملندءِ."

مون چيو، "سڀاڻي صبوح جو اسين گواليار وينداسين. لڇمڻداس پمناٽيءَ معرفت اُتي هوليءَ جو پروگرام ڏنو آهي."

هو متر سپا ۽ سميلن سان نزديڪيءَ تان جڙيل هو. چيائين، "اسان جا سڀ ساٿي چاهن ٿا ته تون پروگرام وچاٽيءَ کي ڏي. پمناٽيءَ سان تاريخ بدلاءِ."

مون چيو، "پروگرام جو اعلان گواليار ۾ ٿي چڪو هوندو. پمناٽي اسانجي ڪارپت بچائي نه سگهندو. عام ٻڌندڙن تي اثر ويهندو ته اسين واعدي جا پڪا نه آهيون، پئسن تي ڦرندا گهرندا آهيون."

متر ناراض ٿيو مگر مان پنهنجي من کي هن جي ڳالهه مڃائي نه سگهيس.

پروگرام پوري ٿيندي ديديءَ چيو، "مون ٿي پريم کي چيو هو، ڪڪيءَ جو پروگرام رکائڻ لاءِ." هن به ڀگونتيءَ کي ڪڪي چوڻ شروع ڪيو هو.

نڪ پريم جو فون آيو- غلڪ ۾ عجمت جو عجيب سنگهه

هو، هن جي آواز ۾، اِهو به چيائين، "مان ٻلڊنگ چيڪ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

مون چيو، "سائين منهنجا، اِها، منهنجا نوان نوان واقف ٿيا آهيو، تنهن ڪري اِها سڌ ڪانه اٿوَ ته مان پئسي کي واجبيءَ کان وڌيڪ اهميت نه ڏيندو آهيان."

هن چيو، "اوهان کي منهنجي دل رکڻ کپي."

مون چيو، "مان مجبور آهيان. ٻئي سال اوهان جي جنم ڏينهن تي اچبو ۽ ڪا ڀيٽا نه وٺبي." مون به پنهنجي طرفان درياه دليءَ جو اظهار ڪيو.

هن ناراضپي مان چيو، "جيڪا اوهانجي مرضي."

ديدي ناراض ٿي ته اِها ڏيکاري ڪانه ڏنائين. ها، ويندي ويندي ايترو ضرور چيائين، "پروگرام ڪٺو ها ته اسين سڀ خوش ٿيون ها."

اچنتاڪيءَ زبان سان به ڪجهه نه چيو ۽ چهري جي ڀاوَ مان به دل جي ڳالهه ظاهر نه ڪئي.

مون ڪڪيءَ کي ٻڌايو، "ٻلڊنگ چيڪ موٽايو اَٿم."

ڪڪي پهرين ئي سمجهي ورتو هو. مرڪي چيائين، "اِهو ڇا پهريون دفعو ڪيو اَٿو؟"

ها، هڪ ٻلڊنگ چيڪ وري اڳ موٽايو هوم، تڏهن پئسا نه وٺندا هئاسين، منڪي ۾ آيل پئسا به آرگنائيزرن کي ڏيئي ايندا هئاسين. جيڪي ڪي بند لفافي ۾ ڏيندا هئا، اُهو سڀ ڪلاڪارن ۾ ورهائي ڪٺا هئاسين. خانگي پروگرام ڪٺندا ئي نه هئاسين. اُن دؤران ۾ ڪيترا دفعا سٺيون آڇون به نه قبوليون هيون. هڪ لڳا گيا جو هڪ سڄڻ بمبئيءَ چڙهي آيو. هن پٽنا ۾ گرو گوبند سنگهه جي جنم دن تي پروگرام ٻڌو هو. چيائين، "ڇهن ڏينهن پنيان پٺ جائو اَٿم. اُن خوشيءَ ۾ پروگرام ڏيو. لولي ته

ڏيوس ۽ لاڏا ٻہ ڳايو. پئسا جيڪي ڇٽو. " اسڪول ۾ ماستري ڪندو هوس، تڏهن، هڪ ماستر چيو، " اوهان جا تہ ياڳہ ٿا ڦاٽن " مان ڪجھ چوان ٿي چوان، ڳيا مان آيل سڄڻ ڪيسي مان چيڪ بوڪ ڪڍيو، بلئنڪ چيڪ ڪولي ڇيائين، "رقم لکو ... " مون چيو، "معاف ڪجو. سوال پئسن جو نہ، اُصول جو آهي. شاهوڪار پٽ جمڻ تي بلئنڪ چيڪ ڏيندو، غريب سڪڻي دعا ڏيندو- مون لاءِ ٻئي برابر آهن. ۽ جي ان ريت پروگرام ڏيڻ شروع ڪيا ويا تہ هڪ ڏينهن بہ آرام تہ نہ ملندو، پئسا بہ گهڻا نہ ملندا."

اُن ماستر ٿي چيو، " سووري ڪيٽن."

" سو هيئن، " مون چيو، " نوي سيڪڙو ڪان مٿي ماڻهو اڻ سرنديءَ وارا آهن."

۽ پروفيشنل ٿيڻ بعد خانگي پروگرام ٽارڻ ناممڪن بڻجي پيو هو. مگر ڪنهل پروگرام پئسن جي ويڌيءَ تي سواهہ ڪرڻ لاءِ مان پاڻڪي مڃائي نٿي سگهيس. ڪڪيءَ ڪسي چيم، " پريم ڪي انڪار ڪري سنوئي ڪيو نہ؟ "

ڪڪيءَ چيو، " پروگرام ڪٽڻ نہ ڪٽڻ اهو اوهان جو ڊپارٽمينٽ آهي ... " پوءِ چيائين، " صحيح ٿي ڪيؤ، پئسا نصيب سان ملندا آهن."

اچنتاڻي چپ چاپ بيٺو هو اوستائين. گويا جملو پورو ڪندي چيائين، " عزت اُصولن تي محڪم بيهڻ سان ملندي آهي."

مونکي خبر هئي تہ هوُ دل ٿي دل ۾ بيحد خوش هو، منهنجي اُصول پرستيءَ تي، خاص ڪري جڏهن اُن پريم جهڙيءَ ماڊرن هستيءَ کي اِنڪار ڪيو هو.

۽ گواليار جي پروگرام لاءِ پيٽا ملي- ٽوڪن، نالي ماتر

ايائي سؤ روپيہ، منڪي ء باجي تي آيل پئسا ڪٽڻ لاء آرگنائيزرن مجبور ڪيو.

وچائين ضدم نار ڪري جڏهن مان ڪملا ڪيسوائيء کي گهرايو- پريم جي جنمدن آنسؤم.

ان ڪري به مهنا پوء جڏهن مونکي اچنتائيء جي تار ملي ته حيران ٿي ويس.

” پريم جي پائنيء جي شادي. پروگرام فلائي ء فلائي تاريخ (ياد نہ آئم) پيتا سني. ٽڪيٽون ويسٽن جي بامبي آفيس ڏيندي. رهڻ جو بندوبست مون وٽ. اچڻ جو اطلاع ڏجو.“

مون ڪڪيء کي چيو، ” بلئنڪ چيڪ چٽر.“

هوء پروگرام جو بڌي خوش نہ ٿي هئي. چيائين، ” پئسن بدران مونکي بي ڳٽتي آهي. پروگرام وچائين جو، رهائش اچنتائيء وٽ ء وچ م ڏيدي، مان تہ پيسجي ويندس.“

مون چيومانس، ” مان توکي بچائيندس.“

هن جي منهن تي ڪا سرهائي نہ آئي. چيائين، ” اها هڪ ڳالهہ آهي جنهن م اوهان مونکي بچائي نہ سگهندا ...“

مون بہ گنڀيرتا سان چيو، ” چئين تہ انڪار جي تار ڪريان.“

”انڪار مان نقصان خواہ مخواہ ڪلاڪارن کي پوندو.“

پوء بلڪل دريتا سان چيائين، ” اوهان پروگرام ڪٽو، اوهان جي دعا سان سيٺي جي رهجي ايندي.“

مون دل م هنکي شاباس ڏني، هوء پاڻ سان گڏ، سيٺي جي رهجي اچڻ جي خواهشمند هئي.

ڏيڍي سياڻي ثابت ٿي. پروگرام رکايو هن هو، اچنتائيءَ جو اسانجي هن وٽ رهائش جو شرط به مڃيو هئائين. پوءِ به هن اچنتائيءَ کي ڪجهه نه چيو، منهنجي خوشامد ڪرڻ شروع ڪيائين. اچنتائيءَ مان اِهو معلوم ڪري ورتو هئائين ته مونکي وسڪيءَ کان وڌيڪ بيئر وڻندو آهي.

پروگرام به هئا. پهچڻ واري ڏينهن تي پريم سندر جي وڏي ڀاءُ پرڪاش جي گهر لاڏن جو پروگرام هو. هن جي ڏيءُ مدوءَ جي شادي هئي. هو ميونسپل ۾ آفيسر هو ۽ هنکي لوڌي ڪالونيءَ ۾ ڪوارٽر مليل هو. ڏيڍيءَ هنجي فرج ۾ ولائتي بيئر جا دٻا پرائي ڇڏيا هئا. لاڏن جي پروگرام ۾ اچا پٽيون پريون مس ته منهنجي لاءِ بيئر جو دؤر شروع ڪرائي ڇڏيائين. هڪ دٻي بعد ٻيو دٻو- ائين سلسلو جاري رهندو آيو.

شاديءَ جي پروگرامن ۾ مان صرف انائونسمينٽ ڪندو هوس ۽ پروگرام رکائيندڙن ۽ هنن جي عزيزن مٽن کي واڌايون ڏيندو هوس، ۽ بس. پوءِ ڪڪي ڪلاڪارن جي سهڪار سان ڌوم مچائيندي هئي. هن شاديءَ جي پروگرامن جو نرالو ۽ يگانو طريقو اپنائي ورتو هو. شروع ٿي اهڙي پڇڻ سان ڪندي هئي جو ڳائڻ شرط نچڻ چالو ٿي ويندو هو- پوءِ لاڏي مٿان لاڏو ڏيئي نچائيندڙن کي ٽڪائي ساهي پٽيندي هئي. وچ منجهندي ته منهن ورائي اکين جي اِشاري سان يا ڌيمي آواز ۾ مونکان پڇندي، "هن کانپوءِ ڇا؟" ائين ٻن ٽن قسطن ۾ ٻن ايڏائي ڪلاڪن جو پروگرام ڪامياب ڪري اُٿندي. وچ وچ ۾ سريندر کان چٽڪلا ڏياريندي. "ڪهڙا ڏيون؟" اِهو آهستگيءَ سان مونکان پڇندي. اُن ڏينهن جو مون مٿان بيئر جو خمار چڙهندو ڏٺائين ته سموري جوابداري سنڀالي

ورتائين. پوءِ ٽي دفعا آهستي مونکي چيائين، "نشو ظاهر ٿيڻ نه ڏجو، مهرباني ڪري." مون تي نشو نه چڙهيو، خمار جاري رهيو. ڪڪيءَ جي ڀيڻ ديوڪا به هلي هئي اسان سان. پروگرام بعد ماني کائڻ ويناسين ته ديدي مون وٽ آئي، چيائين، "دادا، جي رات ڪڪي ۽ هنجي ڀيڻ مون وٽ هلن ته اوهانکي اعتراض آهي؟" ڪڪي اڪيلي هجي ها ته اعتراض وٺان ها، چيم، "ڀينر توسان هلڻ چاهن ته مونکي ڪو اعتراض ڪونهي." ديديءَ جي ٻائي ٻڌي، فلڪ سان اچنتائيءَ کي چيائين، "دادا مڃيو آهي، ڪڪي ۽ هن جي ڀيڻ مون سان منهنجي گهر هلنديون." اچنتائيءَ به ٻيئر ٻيٺو هو، مون کان گهٽ. هنجي زبان مان نڪري ويو، "اڳو پوءِ دادا ڪـــي به پنهنجي گهر وٺي وڃو نه." مون موقعي جي نزاڪت سمجهي چيو، "نه. مان ڪلاڪن سان اوهانجي گهر هلندس." زبان تي اهو به آيم، "جي اوهان وٺي هلندا." پر زبان مان لفظ ڪـــي ٻاهر نڪرڻ ئي نه ڏنم.

ڪڪي ۽ ديوڪا ٻيئي ڏينهن سڄو به ديديءَ وٽ رهيون. ٻڪيءَ جو پروگرام سندر جي بنگلي تي رکيل هو. اُتي به هوُ ديديءَ سان سڏيون پهتيون. اچنتائيءَ گهر مان نڪرڻ کان اڳ ئي مونکي چيو، "دادا، مهرباني ڪري اَج رات داديءَ ۽ ديوڪا لاءِ موهنيءَ جي چڪر ۾ نه اَچجو. مونکي ڏک ٿيندو." ڪڪي به اَچنتائيءَ جي پريشانيءَ جو لحاظ ڪري اُها رات ديديءَ کان نٽائي ويئي، رات جو دير سان ئي، دوُر راڄوڙي گارڊن هليا آياسين، سڀ جو سڀ.

ڪڪيءَ مونکي اڪيلائيءَ ۾ چيو، "مان ٻن جڻن جي ايترا جو ڪارڻ ٻڌڻ نٿي چاهيان." مون چيو، "مان به

پريشان آهيان. هن بعد دهليءَ جو پروگرام نه ڪٽبو." اها ڳالهه ڪڪيءَ کي نه آئڙي ۽ ممڪن به نٿي لڳي. مون کي اُن مهل هڪ رستو سجهيو. چيم، "هيئن ڪنداسين. جي سائوٿ دهليءَ ۾ پروگرام هوندو ته ديديءَ وٽ رهنداسين، نارٿ دهليءَ ۾ هوندو ته اچنتائيءَ وٽ دابو ڪنداسين. هڪ هڪ رات ٻنهيءَ ڏر وٽ ميزباني قبوليندا سين." ڪڪيءَ کان ٺهڪ نڪري ويو. پوءِ گنڀير ٿي چيائين، "اوهان پنهنجي ناهه گرو دماغ مان شارٽ ڪٽ ڳولهيو آهي پر پوءِ به مان ٻن جي چين پٽ ۾ پريشان رهنديس ٿي. اڳ ٻڌو هوم ته هاڻ مڃانٿي ته چنڊ ڪرڻ ته چنڊ ڳڍرو پر ڪرڻ ته پڙ ڳڍرو." مون پنهنجي سياءَ سان نباهيندي چيو، "في الحال ته دهليءَ جو پروگرام آهي ڪونه، جڏهن ملبو تڏهن رستو ڳولهي ونبو."

ٻئي ڏينهن پروگرام جي پيٽا وٺڻ وياسين ته سندر پنهنجي چيمبر ۾ ٿي ٻيٺو جو هڪ ڊبو ڪولائي منهنجي اڳيان رکيو. پوءِ 555 جو پئڪيٽ ۽ رانسن لائيٽر منهنجي اڳيان رکي چيائين، "دادا، منهنجي طرفان نذرانو سمجهجو."

۽ پول به اچنتائيءَ ۽ پريم وچم عجيب ٿي هئي. ٻئين ڀڪي واري پروگرام ۾ منڪي ۾ جيڪڏهن مقرر رقم کان پئسا گهٽ آيا ته مقرر رقم ۽ منڪي وارن پئسن وچم فرق ويسٽن وارا مجرا ڏيندا. پهريون پروگرام رونگه ۾ هو، جيڪي پئسا آيا اُهي پول ۾ نه شماربا! ياڙو الڳ، سيڪنڊ ڪلاس سليپر اوٽ موٽ ويسٽن وارا ٻوڪ ڪرائي ڏيندا. راٽ منڪي ۾ آيل پئسا رواج موجب ڪلاڪارن ٿي ڳڻيا، اُن ڏينهن صبوح جو. منڪي جي منهن کي رومال ٻڌي اُهو منهنجي ڪمري ۾ ٿي رکيو هئائون. اسان منڪي جي رقم پريم کي

ٻڌائي. پريم جي حساب موجب اسان تي سؤ روپيه گهٽ ٻڌايا هئا. هن حساب ڪري ٻڌايو، "مون هيترا وڏا، سندر هيترا، گيان هيترا، مون پنهنجي مائٽن کي هيترا ڏنا ..."

۽ مون چيو، "اوهانجي مائٽن گهٽ وڏا هجن ته؟"

هن ٻه ٽي ڀيرا ورائيو، "اوهان جي ڪلاڪارن تڳايا هجن ته."

مان تڳايا لفظ تي باهوڙجي ويس: "منهنجا ڪلاڪار پائيوار آهن، هنن جا حصا آهن، هو ٻئي ايمانيءَ ڪندا ئي ڪونه ..."

ويا صرف مان ۽ اڇنتاڻي هئاسين. اڇنتاڻيءَ کي وڃهه مليو. چيائين، "چڱو ٽي سؤ روپيه مان ٿو ڀريان."

پريم قناعت پنج سؤ روپيه مون ڏانهن وڌايا ۽ چيو، "پروگرام سڀني کي بيحد پسند آيو."

سندر موٽ جون ٽڪيٽون اڇنتاڻيءَ جي هٿ ۾ ڏنايون. اُٿڻ لڳاسين ته پريم سنجيدگيءَ سان چيو، "دادا، اوهان منهنجي جنم ڏينهن تي پروگرام نه ڏنو؛ ڀورين ته مان ناراض ٿيس. پوءِ من ئي من ۾ اوهانکي مڃيم - اوهان واعدي کي پئسن کان وڌيڪ ٿا سمجهو. منهنجي نظر ۾ هيڪاري مٿاهان ٿيا آهيو."

مون چيو، "مهرباني." اسان اُٿي کڙا ٿياسين.

پريم چيو، "واعدو ياد ڪجو. ڪڏهن نه ڪڏهن مان اوهان کان جنم ڏن جو پروگرام وٺندس - مفت ۾." هن پوين ٻن لفظن تي زور ڏنو.

مان ڪجهه چوان ئي چوان تنهن کان اڳ اڇنتاڻيءَ چيو، "دادا واعدي جو پڪو آهي."

اُن ڏينهن شام جو اڇنتاڻيءَ پنهنجي گهر ۾ پروگرام ڪرايو.

ڏيندي نہ آئي، جيتوڻيڪ ڪڪيءَ نيند بہ ڏنيس - اڇنتاڻيءَ کان پڇڻ بنا. ھوءَ ضد تي: ”مان اينديس جي تون ۽ ديوڪا مون سان گڏ منھنجي گھر ايندءِ.“ ڪڪيءَ لاءِ اھڙي خاطري ڏيڻ، منھنجي سھڪار بنا ممڪن نہ ھئي. ۽ مان ھڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ ٻئي کي ناراض ڪرڻ جي فائدي ۾ نہ ھوس - خاص ڪري جي اھو شخص اڇنتاڻي ھو، ھو ٻاھران غم کائي وڃي ھا، پر اندر ئي اندر پريشان رھي ھا.

ڪڪيءَ جڏھن ديڪيءَ کي آئت ڏيندي منھنجو فيصلو ٻڌايو تہ جي سائوٿ دھليءَ جو پروگرام مليو تہ تون وڃ، جي نارٿ ۾ مليو تہ اڇنتاڻيءَ وٽ.

اُن پروگرام جي آخر ۾ ٻلئہ جي دؤران ۾ اڇنتاڻيءَ چيو، ”مونکي ھڪ ٻئي جي ٻنيان ٽي ڏيئر آھن. دادي ٻلئہ ٻاءِ تہ ھاڻ منوءَ کي جي ڪڪو چائو تہ مان توھانکي ھت گھرائيندس ۽ ڪڪي کي لولي ڏياريندس.“ ھن ٻنڇين جو نوٽ ڪڪيءَ جي ساڙھيءَ جي ٻلئہ ۾ وڌو. ڪڪي مرڪي ۽ ٻلئہ ٻاتو. اِھا مرڪ شرارتي ھئي.

مون اڪيلائيءَ ۾ اِن شرارتي مرڪ جو ڪڪيءَ کان ڪارڻ پڇيو. چيائين، ”اڇنتاڻيءَ جو مون سان بيحد موھہ آھي پر اِن ۾ مونکي ديديءَ جي پيٽ ۾ ٻارڻ سان ٻڌي رکڻ جي زوردار تمنا پڻ آھي، ھن ديديءَ سان منھنجو فون تي ڳالھائڻ ٻڌو ئو ڏسجي، تڏھن تہ ڪنھن نہ ڪنھن ڪارڻ ھو مونکي پنھنجي گھر سان ٻڌي ئو رکڻ چاھي.“

پوءِ بہ منھنجي من ۾ اڇنتاڻيءَ لاءِ ھمدرديءَ جو جذبو اُڀريو.

ڪڪيءَ ٺهڪ ڏئي چيو، "ٻن ريساڻن جي وچ ۾ اوهان ٻه ڪلاڪار ڦاٿلي ۾ آهيو، گهاٽي ۾ هڪ مان ٿي آهيان."

ڦڪي مرڪ منهنجي چهري تي آئي. ڏيڍ مهني اندر ديديءَ هڪ پروگرام آڇيو- آڇيو نه، ڪنيو ۽ اسانکي اچڻ لاءِ لکيو. لڇمڻ نگر مارڪيٽ پرسان جهولي لال مندر ۾ چاليهي جو پروگرام هو- مهنو وچ ۾ هو. هون ءِ ان ميلي ۾ مڪاني ڪلاڪار گهرايا ويندا هئا. هن ڀيري ديديءَ پنهنجي پاران سنڌو ڪان اسانکي گهرائڻ جو خرچ ڀاريو هو!

مون ڪڪيءَ کي چيو، "ديدي پرين کان وڏيڪ ٿي اڏامي. هن ضد ۽ موهه جي گڏيل چڪر ۾ ڦاسي پنهنجي پاسي پروگرام ته ڪنيو آهي پر اسان سڀني کي رهائيندي ڪٿي؟ گهر اٿس ٻن ڪمرن وارو، پنڌين آڱرن کي سيمينٽ جي چادرن سان ڍڪائي ڪمرو ٺهائي اُن ۾ ٽرانزسٽرس جي فئڪٽري وڌي اٿائين." اوچتو مونکي ويچار آيو، "هوءَ ڪٿي صرف ٽوڪي ته پنهنجي گهر رهائڻ واري نه آهي؟"

ڪڪيءَ کي ان وچ ۾ ديدي خط ٻه لکندي هئي ۽ هفتي ۾ هڪ ٻه دفعو فون تي ٻه ڳالهائيندي هئي.

ڪڪيءَ چيو، "ديديءَ کي مان سڃاڻان، جي هنکي مون سان موهه آهي ته هن کي اوهانجو به خاص خيال رکڻو آهي، اِهو هوءَ ڄاڻي ٿي. اڪيلي هن وٽ مان ٻه نه رهنديس، اِهو مان ٻه ٿي ڄاڻان، هوءَ ٻه ٿي ڄاڻي. ها، ڪلاڪارن کي شايد پاسي ۾ ڪٿي رهائي پر رکندي هنن کي ٻه سکيو."

اِها دعا مونکي ٻه دل سان لڳي.

ديديءَ فئڪٽريءَ وارو ڪمرو خالي ۽ صفا ڪرائي اُن کي ٻن پلنگن وارو بيڊ روم ٺهائي ڇڏيو هو- منهنجي ۽ پنهنجي ڀيڻيءَ لاءِ، پٽ بابيءَ جي سمهڻ لاءِ فولڊنگ پلنگ جو انتظام

ڪيو هئائين - رات جو ڊرائنگ روم ۾ وڇڻ لاءِ پنهنجي بيڊ روم ۾ ڊبل بيڊ پلنگ ڪانسواءِ ٽيءُ سيما جي سمهڻ لاءِ سينٽي به وڇائي ڇڏي هئائين. ڪلاڪارن لاءِ پرواري گهر جو هڪ ڪمرو ولي اُن ۾ فولڊنگ ٽي پلنگ، سينٽرل ٽيبل ۽ فرج وڇائي ڇڏيو هئائين. ۽ فرج ۾ وسڪي هئي، بيئر هو ۽ سوڊائون به هيون!!

مون لهي ٽيئي چيزون ڪلاڪارن جي فرج مان ڪڍائي ڇڏيون. ورهيه اڳ ناگپور جي ڪوڙي آزمودي ڪانپوءِ مون ڪلاڪارن کي پروگرام کان اڳ ته ڇا، پروگرام واري ڏينهن تي به وسڪيءَ کان وانجهي رکيو. هت ته پروگرام بعد ماني ڪلاڪار ۽ ميزبانڻ جا گهر وارا گڏ کائڻ وارا هئا. وسڪيءَ جو دؤر به گڏ هئي سگهيو ٿي. بيئر ته مون پروگرامن جي دؤران ۾ ڪلاڪارن کي پيئڻ ڏي نه ڏنو، گلي خراب ٿيڻ جو انديشو رهندو هوم. ۽ جي وسڪي نه هجڻ ڪپندي هئي ته فرج ۾ سوڊائون ڇا ڪرڻ واريون هيون!

اڇنتائي اسانکي اسٽيشن تي وٺڻ ۽ ڇڏڻ آيو. پروگرامن ۾ به منهنجي پاسي ۾ ويٺو. ٽيئي رات پنهنجي گهر وٺي هليو. سٺي مهمانوازي ڪيائين. راجوڙي گارڊن ۽ لڇمت نگر وچم ٽنگاٽولي به ٽيو پر پاهران بيحد خوش رهيو. پر هن نه ديديءَ وٽ ڪاڌو ۽ نه ديديءَ کي پنهنجي گهر گهرايو.

پوءِ به ڪڪيءَ ۽ مون شڪر ڪيو جو لٽي پٽي پنهي جي پاڻ ۾ ۽ پنهي مان اسانجي سک جي رهجي آئي هئي!

ها، هڪ ڳالهه ٻيءَ جو به ذڪر ڪري ڇڏيان:

جتي، اڇنتائي مونکي ۽ ڪڪيءَ کي پروگرامن جي سلسلي ۾ هڪ ٻئي جو پورائو سمجهندو هو تتي ديديءَ تي اثر ويٺل هو ته آواز ڪڪيءَ جو هو ۽ مان ان آواز جي بدولت پنهنجو

رعب ڄمائيندو هوس ۽ ڪڪيءَ جي ڪنهن وقت ماستر هجڻ جي ناتي هنجي شرڌا جو فائدو وٺندو هوس. هن اسانجا خانگي پروگرام ڏٺا ۽ ٻڌا هئا، جتي مون ظاهري ڪجهه به نٿي ڪيو ۽ صرف سمپلن ۾ ٻن ٻن قسطن ۾ به پروگرام ڏٺا هئا. اُتي ته سڀني ٽولين جي پروگرام جي اناؤنسمينٽ مون ڪئي هئي. هوءَ ڪلاڪار منڊل ۾ منهنجي اهميت ڪٿڻ کان قاصر هئي. هن ڪڪيءَ کي ٻه چيو، ”دادا جو ايڏو رعب ڇو ٿي سهين؟“

ڪڪيءَ کلي چيس، ”جو مان حڪم جي ٻڌي آهيان.“ ٻوءِ گنڀير ٿي چيائينس، ”وقت ايندو جو تون پاڻ صحيح حالت سمجهندينءَ.“ ڪڪيءَ مونکي اِهو ڪي ٻڌائيندي گويا دلجاءِ ڏني هئي. ”جڏهن جڏهن ويجهائيءَ تان ڏسندي، اوهان جي اهميت سمجهي ويندي.“

مونکي ديديءَ جي رائي جي گهٽي پرواهه نه رهي، ٿورو وقت اڳ ڪڪيءَ جي زباني ئي مونکي ڪملا ڪيسوانيءَ جو سرٽيفڪيٽ مليو هو، هن ڪڪيءَ کي احمدآباد ۾، ريڊيو سماروهه جي دؤران ۾ ڳالهين ڳالهين ۾ چيو هو، ”من، تون پروگرام ۾ ڪندي ڇا آهين؟ پروگرام ٻولیندو دادا مالهي آهي، آرگنائيزن کي منهن دادا ڏيندو آهي، ٻڌندڙن جي چاهه جي پرک هوُ ڪندو آهي، گيت هو چونڊيندو آهي، اُنهن جي ڳائڻ جي مهل به هوُ ئي فيصل ڪندو آهي...“

ڪڪيءَ چيس، ”گيت ڳوليندو ٻه مالهي آهي ۽ اُنهن جون ڌنون ٻه مالهي ٺهرائيندو آهي. مان صرف ڳائيندي آهيان...“

ڪنهن ٻئي جي سرٽيفڪيٽ کان وڌيڪ ڪڪيءَ ڪلاڪارن کي منهنجي اهميت جي خبر هئي - منهنجي لاءِ اِهو ئي

ڪافي هو. مونکي اهو به سنتوش هو ته هڪ خاص مقصد لاءِ ڪلاڪار منڊل هلائي رهيو آهيان.

لڇمڻ نگر جي پروگرام جي سلسلي ۾ پنهنجي گهر ۾ ٻئي ڏينهن ريهرسل ۽ پروگرام ڏسي ديدي دنگ رهجي ويئي.

هن ڪڪيءَ کان منهنجي منهن تي ئي پڇيو، ”مني، دادا نه هجي ها ته تون ڇا ڪرين ها.“

ڪڪيءَ مون ڏانهن نهاري مرڪيو، پوءِ اکين ۾ شرارت ڀري چيائين، ”مون اڳ به ان سوال جو جيڪو جواب مالهيءَ جي دوست کي ڏنو هو، سو توکي به ٿي ڏيان،“ ”زندگي ۾ ويهي لولا پچائيندي رهان ها.“ هن دل سان ٽهڪ ڏنو.

سچ پچ ديديءَ جو رخ بدلجي ويو. هوءَ گويا منهنجي احسان مند رهڻ لڳي جو مون هنجي پيار جي پاڙ کي عرش تي پهچايو هو. لهه وچڙ وڌندي هوءَ مونکي سڀني ڀائرن کان به وڌيڪ عزت ڏيڻ لڳي.

لڇمڻ نگر جي پروگرام کان ٿورو پوءِ اچنتائيءَ کي پٽ ٿو ڄائو. هن ڪيئن به ممبئيءَ ۾ سيڪنڊ ڪلاس سليپر رزرو ڪرائي اسانکي گهرايو. رهايو اڳئين جيان ڪڪيءَ ۽ مونکي پنهنجي گهر ۾. جڏهن ته هنجا سڀ ۽ پيا ڪي عزيز به آيا تن ڪلاڪارن جي رهائش جو بندوبست پاسي ۾ هڪ گئريج ۾ ڪيو. ديديءَ کي هن دعوت ڏني پر آئي ڪانه. هن فون تي ڪڪيءَ سان ڳالهائڻ جي دوران ۾ اچنتائيءَ کي به پٽ ڄائي جون واڌايون ڏنيون. پروگرام ٿي رهڻ بعد ديديءَ مونکي فون ڪئي، ”ياد اٿو، ڪڪيءَ جي ٻڌايل سڻاءَ موجب اوهان سڀاڻي جي رات مون وٽ هجڻ کپو.“ پروگرام اسان منجهند جي مانيءَ کان اڳ ڏيئي پورو ڪيو.

مون چيو مانس، ”سو ته ٺيڪ پر اڇنتائيءَ سچائي جون واپسي ٽڪيٽون بوڪ ڪرائي ڇڏيون آهن. هن جو چوڻ آهي پرينهن اڳهن جون ٽڪيٽون ملپس ڪو نه."

ديديءَ چيو، ”ٽڪيٽن جو ڏڪو مونهنجو. ٻه راتيون مون وٽ رهو..."

مون چيو، ”مان ڪڪيءَ سان صلاح ڪري توريءَ ڏيہ ۾ مون تو ڪريانءِ."

ڪڪي ڳالهه سمجهي ويئي ته ديديءَ واعدي جي وفائيءَ جي تقاضا ڪئي آهي. چيائين، ”اوهان انصاف ڪندا آهيو، انصاف جي تقاضا اها آهي ته هڪ رات هن وٽ رهڻ کپي."

”رهڻ کپي، موٽ جي رزرويشن بنا؟" مون پڇيو.

اڇنتائي فون اچڻ ڪانوني هال ۾ ويٺو هو. چيائين، ”جي هوءَ ٽڪيٽون رزرو ڪرائي سگهي ته ٻل رهو، مونکي اعتراض نه ٿيندو. سچي ڳالهه اها آهي، مونکي پرينهن جون ٽڪيٽون نه مليون. آٿر سان گڏ ڏڪڻا ڏيئي مون جڏهن سچان جون ٽڪيٽون ورتيون آهن."

مون چيو، ”هوءَ ٻن راتين جي گهر ٿي ڪري ۽ ٽڪيٽون رزرو ڪرائڻ جي جوابداري کڻي ٿي."

اڇنتائيءَ پنهنجي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ چيو، ”جي ڪري ته اوهان ٻل هن وٽ هڪ ٻه ڏينهن رهڻ قبوليو پر هوءَ ٽڪيٽون رزرو ڪرائي نه سگهندي."

مونکي هڪ ڳالهه جي ٻڪ هئي، استري ٻرش ڪان موهه ۾ ٻه ودڪ ٻڌي آهي ته اُن جي سرانجاميءَ ۾ ٻه ودڪ ٻڌي آهي. هوءَ ويهن ڏنهن جو زور ضرور لڳائيندي.

فون وري ٻه ديديءَ ٿي ڪيو. مون شرط وڌو مانس،

”شام تائين رزرو ٽڪيٽون منهنجي هٿ ۾ ڏي. اسان ٻه راتيون ٽو وٽ هونداسين- مان، ڪڪي ۽ ڪلاڪار. زور ڏيئي چيم، ”سڀ.“

هوءَ شام کان اڳ ئي ٻه ٽڪسيون وٺي آچي سهڙي. هڪ ۾ ٻار ۽ پيٽس ڪملا، ٻيءَ ۾ ڪملا جو گهوٽ لڇمڻداس، هيٺان ئي سڏ ڪري ٽڪيٽون مونکي ڏيکاريائين، چيائين، ”اچو.“

مون چيومانس، ”ڀرين مٿي اچو.“

اچنتائي ٻه بالڪنيءَ ۾ اچي چڪو هو. چيائين، ”پائرن جي هلندي پڄندي هلائي هوندائين.“

پوءِ ديديءَ جي دل ۽ دوراند يشيءَ جي خبر پيئي. هن اسان جي اچڻ کان اڳ ئي اچنتائيءَ کان اسانجي واپسي ٽڪيٽن جو پڇيو هو ۽ ويسٽن جو اٿر هلائي ٽڪيٽون رزرو ڪرائي رکيون هيون!

مون دل ۾ چيو، ”ديديءَ جهڙي عورت! تنهنجو جواب ناهي.“

ٻئي ڏينهن ديدي ٽن ٽڪسين ۾ ٻنيءَ، ٻٽ ڌيءُ، پيڻ پيٽوئي، پاٽيجي پاٽيجيءَ، مونکي، ڪڪيءَ ڪلاڪارن پنهنجي پائنٽي، پرڪاش جي پٽ راڄن - هيڏي ساري ڪٽنب کي وٺي هلي هريانا جي سورج ڪنڊ ۾ - پڪنڪ تي، ٻار، ڪڪي، مان، راجن ۽ پيٽويو لڇمڻداس هڪ ٽڪسيءَ ۾ هئاسين. لڇمڻداس، راجن ۽ منهنجي وچ ۾ گويا بيئر پيئڻ جي شرط شروع ڪرائي ڇڏيائين. سورج ڪنڊ پهچڻ تي، وچو ڪو پروگرام نه هجڻ ڪري ڪلاڪارن سريندر ۽ جهامن ٻه ٻڏو تي پيتو. ميوي مٺائيءَ ۽ فرسان جا ٻه ٽوڪرا پرائي هلي. پنڊ ۾ پيڙيءَ جو سئر ٻه ٿيو، گانو بجانو ۽ ڊانس ٻه ٿيو.

"ڀيڻيءَ وارا ادا ڙي مهاڻا." سيني گڏجي ڳاتو مون سميت.

ڊيڊيءَ اچنتائيءَ کي ٻه دفعا گڏ هلڻ لاءِ چيو، ٻهرئين دفعي هن چيو، "آيا کي مهمان رهيل آهن، هنن کي ڇڏي هلڻ ٺيڪ نٿو سمجهان." ٻئي دفعي ساڳي ڳالهه دهرائي چيائين، "ھئو گڏ ٿا ئيم."

اسانجو وقت ته ڪافي سٺو گذريو. وچ وچ ۾ مونکي ويچار ٿي آيو، "ڪاش، اچنتائي هجي ها." هڪ دفعو ڀيڻيءَ ۾ ڪڪيءَ کي چيم. هن ڏاڍيان چيو، "اچي ها ته ڪيس به مزو اچي ها، اسان به وڌيڪ اينجاءِ ڪريون ها." هوريان چيائين، "ٻن ريساڙن وچ مزو ڪرڪرو ٿي سگهي ها. مان به آزار ۾ هجان ها."

مون به هوريان چيو، "منهنجي توسان همدردي آهي."

هن چيو، "حل به ته نٿا ڳولهيو."

"واپس گوبندرام ٻنهي مل وٽ هلي رهنداسين ..."

مون گوبند کي، جيترا ڀيرا به دهليءَ آيا هئاسين، فون تي "هلو هلو" ضرور ڪئي هئي.

ڪڪيءَ چيو، "اهو هاڻ ممڪن نه آهي. اهو ڪن ٻين غلطفهمين کي جنم ڏيندو."

ڊيڊيءَ کان اسانجي سس پس لڪل نه رهي. چيائين، "ناراض آهيو ٻئي! اچنتائيءَ کي ته مون به ڀيرا فون ڪئي."

ڪڪيءَ ٺهه پهه چيو، "ڳالهه هز ماسٽرس وائس جي رڪارڊنگ جي آهي ..."

مون دل ئي دل ۾ ٿڌي ٿي عقل اچڻ لاءِ ڪڪيءَ کي مڃيو.

سچ پچ گرامو فون ڪمپنيءَ جي رڪارڊنگ جو مسئلو به آڏو هو. مون ووڪل ڪلچر ٻڌائڻ لاءِ ڪلاڪار منڊل جي سنگيت گروپ کي چست ڪيو هو. ۽ ١٩٦٣ جي ڄڃپور سميلن بعد سنڌي ووڪل ڪلچر ٻڌائڻ جي ذريعن ۾ چڱي وسعت آئي هئي. سنڌي فلمون رليز ٿينديون رهيون، هز ماسٽرس وائس رڪارڊ نڪرڻ شروع ٿيا هئا ۽ پروگرامن جو انداز به وڌندو ويو هو. انهن سڀني ۾ ڪکي ٻين ڪلاڪارن کان اڳري رهي هئي - انداز ۾ خواهه لوڪ پريه تا ۾، هرهڪ نڪرندڙ سنڌي فلم ۾ هنجو آواز لازمي ٻڌيو هو. گرامو فون ڪمپني به سنڌي رڪارڊ نئين سر ڪڍڻ لڳي هئي. ڪملا ڪيسواڻي، مهيش چندر، راڻي گدواڻي، شيام لال ۽ ٻين جا رڪارڊ نڪتا هئا. شروع ۾ مون سي. ارجن کي چيو هو ته رڪارڊن لاءِ سنگيت ڏي. هن کي هڪ فلمي سنگيتڪار طور اها ڳالهه نه آئڙي هئي. مان پنهنجي فلم ۾ مشغول ٿي ويس، اُن جي مارڪائڻ بعد پروگرامن ۾. ان وچ ۾ گووردن پارتيءَ سي. ارجن کي مڃارائي ڪکيءَ ستوام جا ٻه اي. پي رڪارڊ ڀرايا - هرهڪ ۾ به گانا ۽ چار ئي مذاقي. رڪارڊ خوب هليا، ڪکيءَ کي به سٺي رائلٽي ملي. مان راضي نه هوس. مان اسٽيج پروگرامن ۾ ئي مذاقي گيتن جو انداز گهٽ ڪرڻ لڳو هوس. صرف مذاقي گيت ته سنڌي سنگيت جو صحيح درشن ڪرائي نٿي سگهيا. گرامو فون ڪمپني جي رڪارڊنگ مئنيجر مرلي منوهر سروپ کي ڪنهن اها ڳالهه ٻڌائي. مونکي گهرايائين، مون چيومانس، "ڪکيءَ جي آواز کي مان وسعت خواهه گوناگونيت ڏيندو رهيو آهيان - صرف مذاقي گيتن لاءِ اُن جو استعمال مونکي اڌورو ٿو لڳي. هن چيو، "ڀل گنڀير گيت ڳولهه، سنگيت لاءِ سي. ارجن کي چئبو."

اِن ڪانپوءِ گرامو فون ڪمپنيءَ ڪڪيءَ جي آواز ۾ گنڀير گيتن طرف متوجه ٿي. موھن ضيا جو ”ساڄن ۽ سڄڻي“ پريو وفا جو، ”سھڻي سڀاڄھي“، ”نوري نمائي“ اِھي ٻه دوگانا اي. پي ۾ ڪڪيءَ ۽ ستارام ڪان ڳارارايا. ٻيءَ اي. پي ۾ ڪرشن راھيءَ جي ”لولي“ ۽ ”اوراڻو“ ڏنو. اِھي رڪارڊ ٻه ڪافي ھليا. گووردن ٻه ڇھولي لعل گيتن جي اي. پي ۾ ھڪ پاسي مھيندر ڪپور ۽ ٻئي پاسي مھيندر ۽ ڪڪيءَ جي آوازن ۾ گيت ڏنا.

مرلي منوھر مونڪي چيو، ”اِھو رڪارڊ مھيندر ڪان وڌيڪ پڳونتيءَ ڪري ھليو آھي.“ انھن ڏينھن اي. پي ز ۾ سنگيت سي. ارجن ڏنو. سنگيت ڪار طور سي. ارجن ڪافي ڪامياب رھيو. اِن ڪري ھوءَ اي سنگيت ڏيندو رھيو. ھڪ وڌيڪ اي. پي ڪلامن جو گووردن ڀارتيءَ جي گيتن جو به نڪتو. اُن ۾ ڪڪيءَ سان ستارام جو آواز به ھو، اِھي مڙئي رڪارڊ چڱا وڪاميا. پوءِ مرلي منوھر مونکي گھرائي چيو، ”مالھي جي، ھاڻي مھرباني ڪري ڪي لاڏا ڳولھ. اسان سپر سيون سيريز ڪڍيون آھن. اي. پي ۽ ايل. پي وچم، ۽ پڳونتي جي نه سنڌي لاڏن جي راڳي مڃي وڃي ٿي. اڳ مون تنھنجي گنڀير گيتن جي ڳالھ مڃي، ھاڻ تون مڃ، لاڏا چوندي ڏي.“

اِن سپر سيون جي رڪارڊنگ ڍھليءَ مان اڃا بعد ٿي. ٻه لاڏا راھيءَ جا، ٻه لاڏا موتي پرڪاش جا ۽ ھڪ پوپٽي ھيرانندانيءَ جو.

ڪڪيءَ ديديءَ سان سورج ڪنڊ ۾ اِن سپر سيون رڪارڊ طرف اِئي اِشارو ڪيو ھو.

مارچ ١٩٧٤ کان مارچ ١٩٧٥ ۾ سميلن جي پروگرام ڪانسواءِ

ڇهه پيرا اسان دهلي - ياترا ڪئي. ٽي پروگرام اچڻتائيءَ جا هئا ۽ ٽي ديديءَ جا. مارچ ١٩٧٥ واري پروگرام ڇيٽي چنڊ جو پروگرام هو. ٻيو دفعو راڄڌانيءَ ۾ سنڌين ڪرول باغ جي اجمل خان پارڪ ۾ ڇيٽي چنڊ جو پروگرام رکيو هو - وڏي پئماني تي. ان کان اڳ دهليءَ ۾ سبزي منڊيءَ ۾ چاليهي جو پروگرام شاهي پئماني تي ٿيندو هو. اسان اُن ۾ ٻه دفعا اڳ ئي ڀاڱو ورتو هو - گوبندرام ڀنڇي مل جي گهر مهمان رهندي. گوبندرام ان ميلا ڪاميٽيءَ جو چيئرمن هو. هن ڇيٽي چنڊ جي ميلي جا مکيه ڪاريه ڪرتا هئا - اندور جي ديپڪ جو ڀاءُ کوڏوائي ۽ پوڄراج ڇمنائي، جو جهولي لال جو شيوڪ هو - ٻيڙين جو وڏو واپاري به هو، دل وارو به هو ۽ سنڌيت سان به پيار هوس. هنن مکاني سنگيت پارٽيون اڳ ٻوليون هيون، مان سمجهان ٿو هنن جيوڻ گر سهائيءَ جو ايڪانڪي به رکيو هو. ان پروگرام جي اوڳڙ جي سلسلي ۾ مکيه ڪاريه ڪرتائون ديديءَ وٽ وڃي نڪتا ۽ هن نهه ٻهه چين- "ڀڳونتي ناوائيءَ کي ڇو نه ٿا گهرايو؟" پوڄراج چيو، "ٻڌو آهي، پئسا تمام گهڻا وٺندي آهي." جواب ديديءَ ڏنو، هن جي جوڙيدار ڏنو، چيائين، "پروگرام ته ڀڳونتي ناوائي ٻوليندي ڪانهي. هرتا ڪرتا گوبند مالهي آهي. هن بابت منهنجي ڀاءُ ديپڪ جو چوڻ آهي ته پئسن جو موه ڪونهيس. گروپ هلائي ٿي سنڌيت جي سڳند ڦهلائڻ لاءِ ٿو. مان اَڄ ئي ديپڪ کي لکان ٿو ته مالهيءَ کي اسانجي پروگرام لاءِ منائي." پوڄراج چيو، "پر هنن کي رهائبو ڪٿي؟"

ديديءَ چيو، "اها جوابداري مان ٿي کڻان. ڇڏو ته دادا مالهيءَ سان فون تي مان ٿي ڳالهايان. ڇڏو ته مان هينئر ئي دادا سان ڳالهايان." اندر گهري هڪ اک، هنن کي ٻه ٿي

مليون. ڪوڏواڻيءَ چيو، ”نيڪيءَ ۽ ٻچ ٻچ! ٻـر پيئتا ۾ رعايت ڪرائي ڏجو.“ ڊيڊيءَ فون ملائيندي چيو، ”پيئتا لاءِ اوهان ٻاڻ ڳالهائجو.“

آرتوار جو ڏينهن هو، اُهو. ڊيڊيءَ فون ملايو، مان ٻمبئيءَ ۾ پنهنجي گهر ويٺو هوس. سرٻستي ڳالهه ڪري چيائين، ”پيئتا لاءِ مسٽر ڪوڏواڻيءَ سان ڳالهايو.“ مان ٻڌيرم پڇڻي ويس. ڪوڏواڻيءَ ڪـسي چيم، ”هيئنر ڪي چوڻ مشڪل آهي. ڪڪي رواجي طرح ڪو پروگرام ڪٽيندي ڪانهي. ڪڏهن ڪڏهن زور ٻار هيٺ ”ها“ ڪندي آهي. مان شام جو ٻڇي اوهانکي ٻڌائيندس. ڪيپو نـه ڪڪيءَ وٽ فون ڪجو يا ڊيڊيءَ کي فون لاءِ چئجو.“ ڊيڊيءَ هن کان چوغو وٺي چيو، ”دادا، منهنجو قسم اٿو، ناڪار نه ڪجو.“ مون چيو، ”ٺيڪ آهي. ڪڪيءَ وٽ فون ڪج. ستين ڪانپوءِ. مان هڪ ميٽنگ بعد هن وٽ ويندس.“

مان نه ڪڪيءَ وٽ ٺيم موجب ٻنجين لڳي ٻهچي ويس. هن سان صلاح مصلحت لاءِ اُٽي سٽ چيا هئم، ڪڪيءَ وٽ ٻه ڊيڊيءَ جو فون هو، ”منهنجو قسم اٿيئي ...“

پروگرام مون نتائڻ ٿي چاهيو، ڪڪيءَ جي ماٺڪ پيڙا جي لحاظ کان. ڪڪي اڳ ٻوءِ اڳ ٿي ويچاري ويٺي هئي. چيائين، ”نتائڻ حل نـه آهي - نـه ڪلاڪارن جي اُپـراسي جي لحاظ کان ۽ نه مقصد جي خيال کان، الاهي ماڻهو ايندا، اوهان جو سنڌيت جو سنديش ٻڌندا. مان پوڳي چڙهندس، ڪٽو پروگرام.“

پرڻي سال جي هيڏي ساري پريشاني ساڻ ڪٽي ڦرندي ۽ ڪڪيءَ ۾ مون هڪ مبارڪ ڦيرو ڏٺو هو - هوءَ سوچڻ

به لڳي هئي، رايو جوڙڻ ۾ لڳي هئي ۽ ويچار ظاهر ڪرڻ به لڳي هئي.

اوچتو وڏيڪ گنڀير ٿي چيائين، ”رهنداسين ديديءَ وٽ، دکي اڇنتائي ٿيندو؛ مونکي ارمان هن جي ڪري آهي. هو ٿنگا ٿولي ٿيندي ۽ دل ڪري خوش نه رهندو...“

پر دهليءَ ۾ اڇنتائي مونکي رضا تي راضي لڳو. ڪڪي خوش ٿي، پڇيائين، ”اوهان هنکي پرپوذ ڏنو - خط ۾ يا روبرو؟“

”نه“ مون چيو، ”پرپوذ ته نه، هن وشيه تي هن سان بات چيت هلائي ڪرڻ وارو آهيان، هو ٿورو گهڻو پاڻ ۾ صورت حال سمجهڻ لڳو آهي...“

ديديءَ اڇنتائيءَ جي من ۾ آيل ڦيري جو فائدو ورتو، پروگرام جي بئي ڏينهن رات جو مونکي ۽ ڪڪيءَ کي اڇنتائيءَ سان ويٺو هو، اڄ جي سڀاءَ موجب. عين موقعي تي اڇنتائيءَ کي چيائين ته ”جي صرف دادا اوهان وٽ هلن ته؟“

مون سمجهيو، اجهو ٿو جوالامکي ڦاٿي ۽ لفظن جو پنڇيت ٻري. اڇنتائيءَ جي منهن جو بنو لهي ويو. هن جا چپ به ڦڙڪيا، پر آواز رهجي ويو!

ڪڪي بئي ڪمري ۾ هئي، اهو به چاتم ٿي ته ديديءَ ڪڪيءَ کان پڇڻ بنا ئي اڇنتائيءَ سان ڳالهايو هو. مان ڪڪيءَ کي سڀاءَ تي عمل ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ لاءِ ڪوچ تان اٿيس مس ته اڇنتائي اٿي ڪڙو ٿيو، مون سمجهيو، هو مونکي به ساڻ وٺي نه ويندو. پر هن چيو، ”دادا، هلو. توهان ۽ مان ٿا هلون، دادي پاڻ هت رهي.“

مان ڪپڙن جي وڳي ڪڍڻ لاءِ ڪڪيءَ وٽ ويس. هن پنهنجا خواه منهنجا ڪپڙا ٽوالن ۾ ويڙهي هٿ ۾ جهليا هئا. هوءَ سواڻي نگاهن سان مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. هن ڊرائنگ روم جي رونڪاري ڏني ڇڏي هئي. مون هوريان چيو، "ديديءَ کي ائين ڪرڻ نه کپي." ڪڪيءَ چيو، "ديدي ڇا نه چوي ۽ سمجهي، مان اوهان سان هلان پيئي..."

اڇنتائي پهريون دفعو اندرئين ڪمري ۾ آيو ۽ چيائين، "دادي، اوهان پريشان نه ٿيو. همت رکو، ديديءَ جي خوشيءَ ۾ منهنجي خوشي آهي." ۽ هن جي چپن تي هئي – مرڪ.

اُن ئي رات......

ديديءَ جي گهر ۾ ڪڪيءَ ۽ ديديءَ وچ ۾ جهڳڙو ٿيو.

۽ اڇنتائيءَ جي گهر؟

اڇنتائيءَ وسڪيءَ جا ٻه گلاس ٽپائيءَ تي آڻي رکيا. هڪ گلاس هٿ ۾ کڻي مٿي جهلي چيو، "دادا! چيئرس. ٽو دي سڪسيس آف يوئر لائيف مشن..."

هو بيٺو مرڪي رهيو هو.

مون ٻه گلاس کڻي چيو، "چيئرس."

مان پڇڻ چاهيو – "هيءُ ڦيرو ڪيئن آيو؟ دل جو ڦيرو آهي يا زبان جو؟" پر ست نه ساريم.

هو منهنجي سامهون ڪرسيءَ تي ويهي ويو. چيائين، "دادا، مونکي رضا تي راضي ٿيڻ ڪنهن سيکاريو؟ داديءَ دادي ڀڳونتيءَ!"

ڀڳونتيءَ! ڪڏهن! ڪيئن!

هو چوڻ لڳو، "مون موهه وس هنکي ڪافي پريشان

ڪيو. ٻه هفتا اڳ خط لکيو هانس، ”پروگرام بعد دادا ۽ توهان مون وٽ رهجو. مان اوهان ۽ دادا کي ضرورت پيئي ته فرسٽ ڪلاس ۾ يا هوائي جهاز ۾ بمبئيءَ موڪليندس.“ هن ننڍڙو خط لکيو، اوهان سان ڳالهائڻ بنا، ”مان اوهان ٻن جي ريس جي ڇتاڻيتيءَ کان بيزار آهيان. دهليءَ اچڻ تي دل ٿي ٿئي. ڪو وقت اچي، اسين دهليءَ جا پروگرام ٿي نه ڪٽون.“ منهنجون اکيون کلي ويون. پاڻا کان پڇيم، ”اهو موهه ٿي ڪهڙو جو اڳلي کي بيزار ڪري؟ ۽ دهليءَ ته اچڻ جي اشاري مونکي اهو به محسوس ڪرايو ته منهنجي ۽ موهنيءَ جي اپرڪا ڪري دهليءَ جي سنڌي جنتا داديءَ جي آواز کان ۽ سنڌيت جي هڳاءَ کان ڇو وانجهيل رهي؟“ هن وري مرڪيو ۽ چيائين، ”اوهان ٿي نه چوندا آهيو، مڙيو سو جڙيو.“

اسان ٻيو ڀيرو ڪڪيءَ جي آواز جي سلامتيءَ جي دعا پنندي پيئڻ شروع ڪيو.

صبوح جو ديديءَ مونکي چيو، ”دادا، ڪڪيءَ کي سمجهايو نه، هوءَ رات کان رئي ويٺي آهي.“

اچنتائي مونکي ڇڏڻ آيو هو. پاسي ۾ ويٺو هو، ديديءَ کي چيم، ”پوءِ اهڙا ڪم ڪرين ڇو ٿي؟ ...“
هن جا هٿ سج ڀڄ ڪنن طرف کڄي ويا، چيائين، ”مون توبهه ڪئي.“

مون دل ئي دل ۾ شاباس ڪڪيءَ کي ڏني. هن شرڌالن کي صحيح راه تي آندو هو. مون کلي چيو، ”ڪڪي رسندي به آهي، اها شروعات به هن هٿ ٿي ڪئي ٿي ڏسجي. آهي ڪٿي؟“

ڪڪي ٻن هفتن ۾ ٻه چانهه جا ڪوپ ڪڻي اچي وارد ٿي.

ديدي ٻاهوڙجي ويئي: "شنيو ڇا مري ويو آهي جو تون پاڻ چانهه کڻي آئي آهين."

ڪڪيءَ پنهنجي اندرڪي مرڪ مرڪي چيو، "گهر ۾ ڇا مون وٽ ڪر شنيو ويٺو آهي..."

"هت ته راڻي ٿي رهه نه."

"مان هن بعد دهليءَ وري اچڻ واري نه آهيان."

اچنتائي ان وچ ۾ چانهه جو هڪ ڍڪ ڀري چکيو هو. چيائين، "دادي اوهان نه بيزار ٿيو نه دهليءَ وارڻ جي ڳالهه ڪريو. مون اڳ ئي هٿ مٿي ڪيا آهن."

"مان به ٿي ضد ڇڏيان نه."

"ڪلاڪار ڪٿي آهن؟" مون ڳالهه بدلائڻ لاءِ پڇيو.

جواب ڪڪيءَ ڏنو، "ويا آهن چانديءَ چونڪ تان خريداري ڪرڻ. اڄ ڊيلڪس ايڪسپريس ۾ هلڻو آهي. منجهند تائين موٽي ايندا."

اچنتائيءَ ڪسي به شرارت سجهي، چيائين، "مونهنجي ديدي، سپاٽيءَ جون ٽڪيٽون گهراءِ نه."

"دادا - ڪڪي مڃن ته مان سپاٽيءَ لاءِ ٻنهي جون هوائي جهاز جون ٽڪيٽون گهرايان."

ڪڪيءَ چيو، "ماڻهي سڀني ڪلاڪارن لاءِ سفر ۾ سهوليتن ۾ هڪجهڙائيءَ جو حامي آهي."

درحقيقت رواجي طرح هوءَ به مون سان ان سلسلي ۾ سهمت هئي. ڪڏهن ڪڏهن حد کان وڌيڪ ٽڪل هجڻ ڪري چاهيندي هئي ته مان هنجي ڇوڪري هجڻ جو لحاظ ڪري هنکي بهتر سهوليتون ميسر ڪري ڏيان پر عين وقت

تي هوءَ ڪلاڪارن سان گڏ سفر ڪرڻ ۽ رهڻ چاهيندي هئي، جتي منهنجي زندگيءَ جا الاهي تضاد هئا، هن جي تورن تضادن ۾ اهو به هڪ هو.

ايتري ۾ ديديءَ جو ننڍو ڀاءُ گيان اچي ڏمڪيو. چيائين، ”دادا، هڪ وينتي آهي، اميد ته نراس نه ڪندا.“

مون چيو، ”چئو.“

”سڀاڻي مون وٽ جگجيت سنگهه چترا جو پروگرام آهي. اوهان ڄاڻو ٿا ته غزلن ٻڌڻ لاءِ ٽيسٽ ڪريئيٽ ڪرڻي پوندي آهي. سندن جو خيال آهي ته ڊنر کان اڳ اوهانجو پروگرام ٿئي ۽ ڊنر بعد جيڪي غزل ٻڌي اينجاءِ ڪن، اهي ترسن، ٻيا ڀل ڊرنڪس ۽ ڊنر بعد هليا وڃن. ڊرنڪس غزلن جي دؤران ۾ به هوندا.“

وچاڙي ڀائر ۽ ڀينر - سڀ سنگيت جا شائق هئا، مگر صحيح معنيٰ ۾ سنگيت جو شيدائي گيان هو. هن جي گهر ۾ ڊيڪ هئي ۽ ميوزڪ ڪٽ به هئي. رڪارڊن ۽ ڪئسيٽن جو ڳاڻاٽو نه هو. مشهور هو ته جگجيت سنگهه کي ڀهرين لڌت گيان ڏني هئي.

مون ڪڪيءَ ڏانهن نهاريو. هن اکين سان چيو، ”جيڪا اوهان جي مرضي.“

مون چيو، ”ٺيڪ آهي!“

گيان چيو، ”اها چنتا مون تي ڇڏيو. ٽن ڪلاڪارن جون فرسٽ ڪلاس جون ۽ دادا ۽ ديدي پڳونتيءَ جون هوائي جهاز جون سڀاڻي شام تائين اوهانکي ملي وينديون ٽڪيٽون جون.“

ماڻ چوڻ وارو ئي هوس، ”اهو ڀيڊ ڀاو ڇو؟“ پر ڪڪيءَ جي ٽورو اڳ واري ڳالهه ٻڌي چپ رهيس.

گيان ڀاڻ چيو، ”مان جگجيت - چترا ۽ ديديءَ پڳونتيءَ

وچ ۾ فرق وجهڻ نٿو گهران. جيڪي پئسا هن جي ٻاجي تي آيا، آهي هنجا، جيڪي پئسا اوهان جي مٽڪي ۾ پيا سي اوهانجا. هنن ٻن لاءِ هوائي جهاز جون ٽڪيٽون آهن ۽ سنگت ڪندڙن لاءِ فرسٽ ڪلاس جون، ساڳي ڳالهه اوهان سان رهندي."

مان ڪجهه چوان ئي ته ديديءَ چيو، "ڪلاڪارن جون پل پرينهن جون ڪرائج. دادا ۽ ڪڪيءَ جون ارينهن جون." شايد منهنجي اعتراض وٺڻ جو اونو ٿيس. چيائين، "ٽرين ۾ به ته ارينهن ئي پهچندا نه."

مون چيو، "ٺيڪ آهي."

ديديءَ جي خوشيءَ کي پر لڳي ويا. چيائين، "ان خوشيءَ ۾ رات جو کاڌو موئنٽ هوٽل ۾ کائينداسين، سڀ جو سڀ: اچنتاٽي، اوهان به."

اچنتاٽيءَ چيو، "ان لاءِ معاف ڪجو. ڏينهن جو ڪنهن ڏينهن ..."

ڪڪيءَ چيو، "اَڄ ڇو ڪين؟ هونءَ به اسانکي ڇڏڻ هلو ها ته منجهند جي ماني هت ئي کائو ها." اچنتاٽي مڃي ويو.

سپاٽي تي ٻئي پروگرام ڪامياب ويا، زالن، ٻارن ۽ ٻڍڙن اسانجو پروگرام پسند ڪيو، جوانن ۽ ڪرڙودين کي غزل وڌيڪ راس آيا. ۽ ٻناءُ به غزلن تي وڌيڪ پيو. ڪڪيءَ چيو، "اسانجي سنت پئسن تي گهٽ آهي." گيان ڪو ڪٿي پر ۾ ويٺو هو، چيائين، "دادي، اوهان نالو گهڻو ڪمايو آهي، ناٽي ڪان نالو پلو. جگجيت کي به اوهانجو آواز وڻيو. چيائين، هنديءَ ۾ ڳائي ته قهر ڪري."

ڪڪيءَ چيو، "پوءِ مالهيءَ جي سنڌيت جو ڇا ٿيندو؟"

مون ٽورو ٻگڙجي چيو، ”صرف منهنجي سنڌيت آهي؟ تنهنجي ڪجهه نہ لڳي؟“

هن موقعي جي نزاڪت سمجهي چيو، ”ساري، مان بہ پنهنجي ڳائڻ جو مقصد سمجهڻ لڳي آهيان ...“

جتي جڳجيت جي وڌيڪ ڪمائڻ جو اسانکي ارمان نہ ٿيو، تتي سال سوا ٻوءِ ٻمبئيءَ ۾ اُن جي اُبتڙ ٿيو.

گيان ويسٽن جي ٻامبي برانچ سنڀالڻ لاءِ پريزيڊنٽ هوٽل پنيان ڪف پريڊ تي ”سنيتا“ بلڊنگ ۾ اچي مقيم ٿيو. ديدي پنهنجن ۽ ڪملا جي ٻارن سان اُتي آئي. هفتو ڏيڍ رهي، پاڻ کي وري بہ ٻئي پروگرام اڳيان پنيان رکڻ لاءِ چيائين، هن ادلي بدلي ڪئي. ٻهرين جڳجيت چترا، ٻوءِ اسان ۽ اُن بعد ٻئر. مهمان ٿوي پنجانوي سيڪڙو سنڌي، اسان جي پروگرام جي دؤران ۾ نچڻ بہ وڌيڪ ٿيو ۽ پئسا بہ گهڻا آيا. جڳجيت - چترا ماڻي ڪائڻ ڪانسواءِ هليا ويا، ٻئم سال ڏيڍ تہ گيان ۽ جڳجيت وچم ڏئر سنوان نہ رهيا!

دهليءَ ۾ پروگرام جي ٻئين ڏينهن ڪلاڪارن جي هلڻ وڃڻ بعد، اسٽيشن تان ٿي مان ۽ ڪڪي اچنتاڻيءَ وٽ رات رهڻ وياسين. ديديءَ جي دل مايوس ضرور ٿي پر ٻاهريون ٻنو رکي ويئي. اچنتاڻيءَ چيو، ”دادا مونکي هڪ خيال آيو آهي، هفتي کن ۾ تہ گوهاٽيءَ وڃان پيو، انڪم ٽئڪس لاءِ حساب ڪتاب ٺاهڻ. خيال اٿم، گوهاٽيءَ رهان، ڌيءُ بہ مڱائي اٿم. باقي هڪ ڌيءُ جو ڀاڳ بہ پلو ٿيندو. مون سان واعدو ڪريو تہ احمد آباد منهنجي ڌيءُ جي شاديءَ تي ٻئي ايندا، جڏهن سيٺن شادي مڃي. ٻيو تہ ڪلڪتي ايندا تہ گوهاٽيءَ بہ ايندا. وري چيائين، ”دهليءَ کي وارجو نہ، پل ديديءَ وٽ رهجو، مونکي منهنجي خطن جا

جواب ڏيندا رهجو ...“ هن جو گلو ڀرجي آيو. مون ۽ ڪڪيءَ زبان سان ڪجهه نه چيو پر دل ئي دل ۾ اسان هڪ ئي وقت هنکي داد ڏنو. ممڪن آهي، هن پنهنجي پٽ جي لائق ٽيڻ ٽي دهليءَ جو دوڪان هن حوالي ڪرڻ نيڪ سمجهيو هجي ۽ گوهاٽيءَ جي دوڪانن کي پائيوارن ٻدران پاڻ پنهنجي سر هلائڻ وڌيڪ فائديمند سمجهيو هجي، پوءِ به ان طرح ڌيءَ جي حق ۾ دست بردار ٿيڻ واقعي ساراهه جوڳو قدم هو. ۽ هن اهو قدم دهليءَ کي سنگيت ۽ سنڌيت کان نه وانجهڻ لاءِ کنيو هو.

پاڻ ۾ ڪيل سٿاءُ موجب اسان ڌيءَ سان اچڻ اٽيءَ جي گوهاٽي وڃڻ جي ڳالهه نه ڪئي - هنجي وينتر بيگهي مڇي ها.

ڪڪيءَ کي ۽ هن ڪري مونکي پاڻ وٽ گهرائڻ ۽ رهائڻ لاءِ هوءَ ڪو به موقعو هٿان ڇڏڻ واري نه هئي. هنکي فون تي ۽ فون هوءَ ڪنهن نه ڪنهن آفيسر سان بندوبست ڪري هفتي ۾ ٻه ٽي دفعا ڪندي ئي هئي، اها خبر پئجي ويئي ته ميءَ ۾ اسانجو ڪو پروگرام ڪونهي. هن تاهوت لڳائي ڏني، ”اچجو اچجو!“ اسان پئي ناڪار ڪندا رهياسين. هڪ ڏينهن، ميءَ جي پهرئين هفتي ۾ فون تي چيائين، ”مون ڪار ورتي آهي، ڪڪي ۽ اوهان چڙهي اُن جو مهورت ڪريو نه ته ائين پيئي هوندي.“ مان آناڪاني ڪرڻ لڳس. هن چيو، ”ڪار سيڪنڊ هئنڊ آهي، ڪوالٽي ڏسڻ لاءِ هردوار هلنداسين، راڄن جي ڪار به ڪڍنداسين ۽ پنڊت جي ٽئڪسي به هوندي، ٻارن ٻچن اوهان سان ڪڏ گهمي ايندا سين، اينجاءِ ڪنداسين.“

هن مهل تائين پنڊت جي ٽئڪسي هن ٻلي رهندي آئي

هئي، جي هڪ ڪان وڌيڪ ٽئڪسين جي هنگي گهرج پيئي، اسان جي ڪري ته اُنهن جو انتظام به هوءَ پنهنجي معرفت ڪندي هئي.

هردوار جو لب مونکي ٽوٽي ڪڪيءَ ڪي لالچائڻ وارو نه هو. مان ته ماتيلي ماءُ جي پارهي ٻارهي جي ڪريا ڪرم لاءِ ١٣-١٤ سالن جي عمر ۾ هردوار ويو هوس - پيءُ ۽ مامي اوچيرام سان. ١٩٤٨ ۾ منهنجي ڀاءُ به هردوار جو سنان ڪرڻ چاهيو، ڀارت ۾ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪان اڳ. هوءُ مونکي به ساڻ وٺي ويو، سونهون ڪري پوءِ به مون ڪڪيءَ ۽ ڪلاڪارن کي ٻه دفعا هردوار ڏيکاري هئي - هڪ ڀيري ٻريلي ۽ آگري جي پروگرامن وچ ۾ ٽي ڏينهن وٺي هئي ۽ ٻئين دفعي آگري ۽ دهليءَ جي پروگرامن وچ ۾ چار ڏينهن ويساهيين هئي. اهڙيءَ ريت اُتي هڪ دسهڙي تي مون ڪلاڪارن کي گجرات ۾ امبي ماتا جو مندر ڏيکاريو هو، ابو شهر ۾ هڪ رات دابو ڪرڻ سان. بمبئيءَ موٽي وري واپس اچڻ پيسن جو زيان ته هوئي، بلڪ تڪليف جو باعث به هو. پروگرام وٺندڙ ڪنهن به هڪ ڏر وٽ به ٻه ٽي راتيون ڪاٽجي سگهيون ٿي جو سنڌين ۾ اچا به مهمان نوازيءَ جو گڻ موجود آهي پر مون لن سلسلي ۾ ڪڙو آزمود و پرايو هو. "روٽي رام جي آهي." ائين چئي رهائيندو هر ڪو، خاطرداري به ڪندو، پر پوءِ شام ٿيڻ کان اڳ هوءُ ٿي چوندو، ڪلاڪ سوا پروگرام رکجي ته؟ جي هن چڱي عزتي ڏيکاري ڪا فرمائش يا وينتي نه ڪئي ته ڪو ٽڪا ٽيدار، ڪو پوجاري، سنسڪرتڪ يا سماجي سنستا جو ڪو عيوضي هٿ جوڙيندو ايندو، ياڻون" جي ذاتي مرضي آهي ته مندر ۾، پنڊر ۾ يا ڪنهن

هال ۾ سنگيت سڀا ڪئي ويئي. اوهان هونءَ ئي سنڌيت جو پرچار ڪندا آهيو، ڀڳوان اوهان جو ڀلو ڪندو. پوءِ اهو ڪلاڪ سوا جو پروگرام ٽي ڪلاڪ ٿي ويندو، ٽڪ ۾ ٽڪ الڳ، ساڪ تي مٿو ڪوڙائڻ ٻئي طرف - رهڻ ڀاري پوندو. اِن ڪري مان به پروگرام بعد ڪوچ ڪرڻ جو عادي بڻجي پيس - اِن ڳالهه ۾ آزاد صوفيءَ جو پيروڪار ٿي پيس - "پروگرام ڊنو نه آهي، مڏي پٽي نه آهي."

پوءِ به اسين دهليءَ ۽ اُن بعد هردوار ويا سين ٿي. هڪ اِها اُڻ ٽڻ رهي ته وسڪيءَ بنا ويشنو ڪاڏي تي اينجاءِ ديڏي ڪيئن ڪندي؟ هن لاءِ هردوار هلڻ هڪ بهانو هو، اسان ڪي راضي رکڻ جو. ۽ هن اِن پنهنجي اُصول جو به پالن ڪيو. "پوترتا جو مدار من تي آهي، ناسونت سرير تي ڪا ميار ڪانهي." هان، رهڻ جو بندوبست هر جي پوڙيءَ کان ميل کن پري پيءَ ٻر سرڪاري گيسٽ هائوس ۾ ڪيو هئائين. جئن وديشي ياترين تي ڪا بندش ڪانه هئي تئن ديڏيءَ به ڪا بندش نه مڃي. سنان، کائڻ پيئڻ ۽ گهمڻ سان اسان اينجاءِ ڪيو ٿي. ديڏيءَ کي اِهو سرٽيفڪيٽ مليو ته هن جي سيڪنڊ هئنڊ ڪار لڳايل رقم ۾ لائي نه هئي.

هڪوار هردوار هلڻ جي دعوت مڃڻ تي ديڏيءَ جي ڏاڍ هري - هن منهنجي گرو نانڪ ۽ گروائيءَ سان چاهه کي خيال ۾ رکي وري رٽ لڳائي: "هلو ته امرتسر دربار جو درشن ڪري اچون." پروگرامن ۾ مشغول رهندي مان هنڪي ٽاريندو آيس. اُن زماني ۾ شاديءَ جا پروگرام ڪرائڻ جنهن تنهن جو شغل نه هو - ڪي تمام گهٽي پئسي يا ۽ مرتبي وارا ماڻهو ئي اِهو شونق رکندا هئا. مئي ۽ ڊسمبر ۾ نه جهڙا پروگرام هوندا هئا.

درحقيقت جڏهن سنڌ ۾ چار مندون هيون تڏهن سنڌي سنگيت پروگرامن جا به سال ۾ چار وڏا موقعا هوندا هئا. اهي چئن وڏن ميلن وارا اُتسؤ هئا - مارچ - اپريل ۾ چيٽي - چنڊ، آگسٽ ۾ جهولي لعل جو چاليهو، ڏسهڙي ۽ ڏياريءَ وچم آڪٽوبر - نومبر ۾ ڪنور رام صاحب جون ورسيون ۽ نومبر جي شروع ۾ يا آخر ۾ گرونانڪ صاحب جي جنم ڏن جا. انهن چئن ميلن ۾ جنهن تنهن ڪلاڪار کي پروگرام رهندا هئا، اسان لاءِ ته اهي ميلن جو سلسلو جوڙيندا هئا. چيٽي چنڊ کان هفتو اڳ ۽ ٻه هفتا پوءِ تائين، چاليهي صاحب جا ٽن چئن شهرن ۾ خود بمبئيءَ ۾ ڪرافورڊ مارڪيٽ، ڪرلا ۽ اُلهاسنگر ۾، ڪنور رام جي ورسين جا ٽي چار هفتا - بمبئيءَ کان ٻاهر ۽ گرونانڪ جنم ڏينهن کان هفتو اڳ ۽ ٻه ڏينهن پوءِ تائين پروگرام رهندا هئا. تنهن سواءِ شوراتري، جنم اشٽمي، رام نومي، اُسو ۽ ٻوهي چنڊ ۽ ڪيترن سنتن جي ورسين جا پروگرام، پروفيشنل بڻجڻ کان اڳ سال ۾ مشڪل ٢٠-٢٥ پروگرام هئا، اُهي وڌندا سؤ سوا سؤ تائين وڃي پهتا. ٿورا سال شاديءَ جي پروگرامن جي گهٽ هجڻ ڪري ميءَ ۽ ڊسمبر ۾ پروگرام گهٽ رهيا ۽ اهي مهنا ڪي سال ديديءَ جي ٻلي رهيا - هڪ ئي وقت به ٽي هفتا هن وٽ رهڻ ۽ هن سان گڏ گهمڻ جا رهيا. هن تي اثر رهيو يا هن اهو اثر ٻار ٻار جتايو - "اَوهان سان گهرائي وڌڻ بعد منهنجي ڪمائي وڌڻ لڳي آهي، ڪنهن وقت جي ڪنجوس، اَڄ جي درياه دل آهيان، مهمان نوازي ڪرڻ مان راحت ملندي آهي ۽ اوهان سان؟"

هوءَ اڪثر چوندي هئي، "ڪير ڪيئن به چوي يا مڃي هڪ ٻئي سان ناتا جنمن کان، جنمن تائين هلندا آهن."

اوهان کان اڳين جنمن ۾ ڪافي گهڻو ورتو هوندم، ان جو هن
جنم ۾ وياج ته ڏيڻ ڏيوم نه، ۽ ڪڪيءَ جو ناتو؟ آد ڄڳاد
کان هوندو. هن ئي جنم ۾ نس پس جهڙين اکين وارو، هن
جهڙين اکين وارو، هن جهڙي سڀاجهي سڀاءَ وارو نينگر ننڍپڻ
۾ منهنجو واقف ٿيو، اعتبار ڪريو نه ڪريو، اسان وڏي
هوندي شاديءَ جو بار بار اقرار به ڪيو، هوُ مري ويو او چئو
۽ ورهين بعد هوُ مونکي ڪڪيءَ ۾ ڏسڻ آيو، ۽ دادا، پيار
۽ ڪام واسنا - به الڳ الڳ چيزون آهن. ڪام واسنا پوري ٿيڻ
تي ڪن پنگر خوشي ڏيندي آهي ۽ پيار لائيندي به اٿاهه
خوشي ڏيندو آهي - پيڙا به خوشي پاسندي آهي." پوءِ
گويا زمين تي لهي ايندي ۽ چوندي "اوهانکي ڇا سمجهايان؟
اوهان ليکڪ آهيو، مون کان وڌيڪ سمجهو سياڻا ۽ ڄاڻو..."

سچ پچ هن مونکي عمر ڀر موهه به ڏنو، عزت به ڏني.
پنهنجن سڄڻ پاڻرن کان گهڻو گهڻو وڌيڪ هوءَ مونکي
مڃيندي هئي. پهرين ڏيکاءُ به هو، مجبوري به هئي ڪڪيءَ
جي ويڇهو اچڻ جي - پوءِ اسان جا من ملي ويا، سڀاءَ پيت
تي پڄي ويا، البت هن پاڻ کي مون کان به وڌيڪ موڙيو.
هڪ جبري، ڏنڌي ۾ ڪامياب، محفل جي مورڳي، رعبدار
۽ آڻ نه مڃيندڙ عورت سچ پچ منهنجي موهه، ممتا ۽ مڃتا
جي بندن ۾ بڌجي ويئي. مون هن ۾ دادن جو پيار ئي نه،
گهڻي حد تائين لڄ ۾ اهڙي گهرائي ۽ پنهنجائي پاتي. هن جا
مٽ مائٽ، ڪڪي، منهنجي ۽ هن جي ناتي جي گهرائيءَ
تي اڪثر چوندا هئا- "ديديءَ ۾ مبارڪ ڦيرو آيو آهي، اهو
وڌندو ئي رهي." ۽ هن اسانکي جنهن تنهن مائٽ ۽ مترسان
واقف ئي نه ڪرايو، هنن جي پنهنجائيءَ جي دائري ۾
داخل ڪرايو!

وڙهڻ جهڙڻ به ٿيو اسان وچ ۾، آخر ڏهه يارنهن سال

اسان ٽي ڪافي ويجهو رهياسين. ڪڪيءَ اُن جو ذڪر ڪرشن ڪنواڻيءَ ڏانهن خط ۾ ڪيو آهي. مان همت ٿو اعتراف ڪريان. اڪثر مان هن سان ناراض ٿيندو هوس ۽ اڪيلائيءَ ۾ ئي نه، گهر وارن ۽ ٻائرن ٻيڻرن اڳيان به تکو مٺو پوندو هوس. هوءَ اتفاق سان دل ۾ ڪندي هئي ۽ ڪلاڪ ڏيڍ وقت ۾ وڏ ٿي چئن ڪلاڪن بعد اچي چوندي، "دادا، ناراض آهيو اڃا؟ اڄ مڃي، جهڳڙو پورو ٿيو نه؟"

ڊسمبر ۾ اسان دهليءَ کان امرتسر اُسهاسين، اِن وچ هنجي پيڻ ڪملاڪي به ويسٽن وٽان سيڪنڊ هئنڊ فيئٽ ڪار سستي اگهه ۾ ملي هئي. راڄن واريءَ ڪار ۾ راڄن سان ديدي ۽ ٻئي خاني ۾ مان، ڪڪي ۽ هنجو پيٽو يـو لڇمڻداس. دهليءَ خواه ٻاهر اسين پنج ساڳيءَ ڪار ۾ هوندا هئاسين اڪثر.

١٩٧٥ جو زمانو هو، پنجاب مسئلو اڃا پيدا نه ٿيو هو- صلح سانت، رستا ويڪرا ۽ پڪا، راڄن جي لفظن ۾ "ڪار ترڪندي ٿي هلي - گهٽ ۾ گهٽ رفتار اسيءَ جي." ٽـن ڪارس ٻي ڪاروان. سوچيو هوسين رات ڍابي تي ماني کائبي - "سرسون دا ساڳ اور مڪي دي روٽي" ۽، ڪنهن سراءِ ۾ چار پنج ڪلاڪ آرام ۽ پرڀات جو وري سفر. اهو سڄاڻ ڪڪيءَ جو هو ۽ سڀني کي راس آيو هو. پر شام ٿيندي ئي راڄن جي ڪار تنگ ڪرڻ شروع ڪيو، هڪ هنڌ بيهي ئي ويئي. رستي تي گڏيل گڏيل تي بيٺاسين. گهربل پرزو مليو ئي نه. ائين ڍنگ ڍنگ ڪندي ٻارنهن اڃي ٿيا. جڏهن ماني ياد آئي ته ڍابا سڀ ٽرڪن ۽ هنن جي هلائيندڙن سان ڇڪاڇڪ ڀريل، سڀ ڪٽون والا ريل، ٽرڪ ڊرائيور پي رهيا هئا ۽ موڊ ۾ هئا. فيصلو ڪيوسين امبالا ۾ ڪنهن هوٽل ۾ ٽـا هلي کائـون ۽ آرام ڪريون. ڪـاڏ وسين اُهو ئي

سرسون دا ساگ اور مکي دي روٽي - ڪڪيءَ جي فرمائش ٿي. پر هوٽل جي کاڌي مان ڍابي وارو مزو نه آيو - ڊيڊيءَ دهليءَ جون سڀ وڏيون هوٽلون ئي نه، مکيه ڍابا به گهمايا هئا، ڀيري ڀيري سان "موتي محل" ۽ "ڪاڪي دي هٽي" تي رات جو هڪ ويلو ضرور کائيندا رهياسين. موتي محل ۾ قواليءَ جي لالچ ٿي ۽ ڪاڪي دي هٽيءَ تي ڪاڌي جي ذائقي ڪري. ۽ ڏيري ڏيري مون هنکي رات جي ماني گهر کائڻ تي هيرايو هو، ڪڏهن ڪڏهن ٻاهران کاڌو گهرائيو هو.

چنڊيگڙهه شام جو ڇئين ڌاري پهتاسين. سياري ڪري شام ٿيڻ واري هئي. هوٽلون سڀ جو سڀ ڀريل. ڏيڍن ٻن ويل ٿيڻ ويسٽن ٿي. ويءَ جي ٻرانچ منيجر وٽ وڃي ڌرڻو ماري ويٺاسين. هن دهليءَ ۾ ڊيڊيءَ کي ڏٺو به هو ته هن جو دٻدٻو به ڏسيو هو. جنهن ڪري هڪ موٽل ٽائيپ هوٽل ۾ ٻه ننڍڙا ڪمرا هڪ رات لاءِ هٿ ڪري ڏنائين. ٻئي ڏينهن منجهند کان اڳ هوٽل خالي ڪرڻي هئي جو اهي ٻه ڪمرا جنهن پارٽيءَ ٻاڌيا هئا، اُها ڪنهن ڪارڻ ڪري هڪ ڏينهن دير سان اچي رهي هئي. اِن ڪري چنڊيگڙهه اهڙو اُتاڇرو ڏٺوسين جو صرف قسم کڻي سگهجي ته اسان چنڊيگڙهه مان ٿي آياسين. اِن مختصر رهائش جي دوران ۾ ٻه چنڊيگڙهه جي بناوت ۽ اُوسر يگاني پاتيسين. سيڪٽرن ۾ ورهايل ماڊرن شهر، هر طرح کليل ۽ هر طرف هوادار، نالا نه، نمبر. جاميٽريڪل حساب سان اڏيل، ٻور وڇوٽيءَ وارا وڏا رستا - ٻن هاءِ وي رستن جي وچ ۾، سرڪاري آفيسون ۽ رهائش جون جڳهيون شهر جي ٻرانهين طرف. هر سيڪٽر پنهنجي ۾ پورو، مارڪيٽ هر ڪنهن جو پنهنجو. ڪافي وڻندڙ

مثالي ماڊرن شهر هو چنڊيگڙهه. گروڻيءَ سان منهنجو لڳاءُ، شاهه جي بيتن کان به اڳ رهيو. گروڻيءَ جا پڙهڻ ساڻيڙ ۾ اچڻ سان ٻڌم. بابا پرڀات کان اڳ اُٿي سنان پاڻي ڪري گروڻي اُچاريندو هو - وڏي واڪي، اول ته جاڳ ٿيڻ تي مٺيان لڳندي هئي، سوچيندو هوس بابا ڪي جي رام ريجهائڻو ئي آهي ته آهستي پڙهن ڪري نه. پر گروڻيءَ ۾ ڪا غيبي ڪشش محسوس ڪيم، ٿوري وقت کانپوءِ منهنجي ننڊ پاڻ کان پاڻهي ڦٽي پوندي هئي. اُٿندو نه هوس، پر ليٽئي پئي ئي گروڻي ٻڌندو هوس- ٻٽو فائدو/ اٿر ڏٺو آتم ان جو. مونکي سويل اُٿڻ يا گهٽ ننڊ ڪرڻ تي ڪا جسماني تڪليف درپيش نه ايندي آهي ۽ گروڻيءَ سان دلي موهه اَج به قائم آهي - البت پاڻي سريلو هجي ۽ اُچارڻ جو ڍنگ سٺو هجيس، مان پاٺ جي پوڄ تي وڃڻ پسند ڪندو آهيان، صرف نائين محلي جا سلوڪ ٻڌڻ لاءِ مارڪسواد مونکي ناستڪ نه بڻائي سگهيو جو نائين محلي جي سلوڪن جو اثر دل جي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ سلامت رهيو بعد ۾ ته شاهه جو صوفي مت به گروڻيءَ سان دخل انداز رهيو. اڪرن وچ نه اڙجي مان ته ٻنهي ۾ صدق روپي عشق ڪان متاثر ٿيو آهيان.

امرتسر هلڻ مون ٻن ڪارڻن ڪري ڀانيو هو - هڪ ته منهنجي رول پين جي جڏ ٻي ڪي لنبو سفر، گهٽگهوڙن مان گڏ ورهين پڇاڻا تسڪين ڏيڻ وارو هو، ٻنهي پاسي وڻراهه - پکي پرندا، ۽ انسان ۽ راهه جا راهي هم سفر وغيره. ٻيو ڪارڻ، بابا منهنجي ماٽيلي ماءُ جو گورو هردوار پهچائڻ وقت مامي اوچترام ۽ مون سان گڏ هليو هو. هن هردوار کان وڏيڪ گرو آستانن جي ياترا چاهه سان ڪئي هئي، ۽

جهت ڪٿ سونهون ضرور ڪئي هو. اُن وقت اُي امرتسر ۾ چوويهه ڪلاڪ سريلي ۽ وڏي آواز ۾ گروائيءَ جي اُچارڻ مونکي ڪافي موهيو هو، ڪيءَ عمر ۾ اُها ننڍپڻ جي ڇڪ ڀيهر زنده ٿي اُٿي هئي...

اَمرتسر جو مندر اڳئين جهڙو هو، اُن جو ايوان ڪافي وڏو ٿي ويو هو، جڳهيون به وڌيڪ هيون پر گروائيءَ جي مناس اڳئين جيان اثردار هئي. آتنڪوادين جو نالو نشان نه هو.

اَمرتسر لاءِ اچڻ ۾ آناڪانيءَ جي دؤر ۾ ڏيڍيءَ پي ٻه هڪ لائچ ڏني هئي- اَٽاريءَ هلي هند- پاڪ باڊر ڏسڻ جي، جاٽي ٻجهي اَٽاريءَ شام جو وياسين- ٻنهي پاسين جهنڊن جي لهڻ، باڊر جي رات لاءِ سيل (بند) ٿيڻ جي رسم ڏٺي سين. شيشن جي هٽراڊ ۽ ديوار جي ٻئي پاسي ماڻهو ڏٺاسين. هن ۽ هن پاسي جا ماڻهو ٻئي هڪ زمين جا رهاڪو، هڪ اُي ٻولي ڳالهائيندڙ هڪ ٻئي لاءِ پرڏيهي ٻڻجي پيا هئا/ ٻڻايا ويا هئا، پوءِ به ٻنهي پاسن هڪ ٻئي سان هٿ ملايا، خوش خير وعافيت پڇي ۽ کيڪر ڪئي، اسين به خوشنصيب هئاسين. پاڪستان جي محافظ ملٽريءَ ۾ هڪ ڄڻو سنڌي هو. اسانکي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي وڏي آيو. سنڌيءَ ۾ ڳالهاياٿين ۽ سيني سان هٿ ملاياٿين. منهنجي چوڻ تي اسانکي پاڪستان جي حد اندر به وٺي ويو، فلئگ پوسٽ تائين، منهنجو من ڀرجي آيو ۽ دل دانهن ڪئي:

”ماڻهو هڪڙا اُي پر رهن راڄن ٻن ۾.“

۽ اُن رات مون ڪڪيءَ کي ”سنڌ ۽ سنڌي“ ٻڌائڻ لاءِ چيو. اهڙي فرمائش مون ڪڪيءَ کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪئي. هن به پهرين ته ڪلي چيو، ”هيءَ سنڌ جي باڊر

نہ آهي، پنجاب جي آهي.“ مون زور ڀريو، ڪڪيءَ
شروع ڪيو:

وطن لاءِ جان گھوري، ڀوءِ ٻہ ٿوري ...

وڏا تہ ڇا، ننڍا ٻہ چپ چاپ ٻڌندا رهيا. ڪجھ ڏڻ جو اثر هو، ڪجھ منهنجي حد گنڀيرتا جو. ڏوهيڙن جي پوري ٿيڻ بعد ٻہ سانت طاري رهي، ڪجھ وقت. ماٺ جي مهر ديديءَ ٽوڙي. چيائين، ”گروائيءَ جو ڀڄن ٻڌاءِ، تہ ”شرنائي آيا ستگر...“ ڪڪيءَ چيو، ”ان بعد فل اسٽاپ ...“

راڳ پورو ٿيو تہ راڄن ڪٽراڳ شروع ڪيو. چيائين، ”هيستائين آيا آهيون، ڇو ڪين سملا هلون؟“ ديديءَ ۽ ڪملا جي ٻارن ڪورس ۾ چيو، ”هلو هلو.“ ديديءَ ڪڪيءَ کان پڇيو، ”مٺي، ڇاٽي چوين؟“ ۽ ننڍن وڏن سڀني کي گھڻو اڳ معلوم ٿي چڪو هو ۽ هوُ ان ٿي هري ويا هئا تہ اهڙين ڳالهين ۾ آخرين فيصلو ڪندڙ راءِ ڪنهن جي آهي. سڀني جون نظرون ڪڪيءَ تي هيون ۽ ڪڪي خرچ جي باري ۾ هر ڪنهن جو بوجو هلڪو ڪرڻ چاهيندي هئي ۽ نہ ڏور. نتائڻ سانگي چيائين، ”پر ڪپڙا تہ اسان هل اسٽيشن جهڙا آندا ڪونہ آهن.“ ديديءَ چيو، ”اهو انتظام ٿي ويندو، هر ڪنهن لاءِ هڪ هڪ شال هٿان وٺون ٿا. سئيٽر سملي ۾ هلي وٺنداسين.“

۽ اسان ٽين شالن سان هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات لاءِ سملي وياسين! سياري ۾ ڪنهن هل اسٽيشن تي وڃڻ کان توبهہ ٻہ ڪري آياسين. ١٩٧٥ جي مئي ۾ نئنيتال ساڳئي اٺالي سان ساڳئي نموني گھمي آياسين. نئنيتال مان ڇڏن ڏينهن اندر پڄي آياسين جو دهليءَ ۽ نئنيتال جي گرميءَ ۾ نہ جهڙو فرق

هو. مٿان نئنيتال ۾ برف جو قحط به هو. برف ٻنا وسڪي
پيئڻ ۾ مزو ئي نٿي آيو، ڊيڊيءَ کي ۽ مٿان مڇرن جو آزار
به هو.

١٩٧٦ ۾ مسوريءَ ويا هئاسين. اتي خانگي مسواڙي جڳهه ۾
رهياسين. مسوري مونکي دارجلنگ کان ٿورو گهٽ وڻي.
ڏڪيءَ کي مسوريءَ وڌيڪ متاثر ڪيو. دارجلنگ اسان
١٩٧٣ ۾ ايڪانڪي فيسٽيول کانپوءِ گوهاٽيءَ ۾ پروگرام ڏيڻ
بعد ويا هئاسين. لکمي ڪلاڻيءَ ڪلڪتي يوٿ ائسوسيئيشن جي
ڏهن سالن سان، آف سيزن هئي، ڇهل پهل ڪانه هئي ۽
اڌ به وڌيڪ هئي، پوءِ به جيڪي ڪي ڏسڻ لائق هو،
ڏٺوسين. رهياسين "تغني" هوٽل ۾ جا هڪ سنڌيءَ جي
هئي. ڪلاڪار به ساڻ هئا. لکمي ڪلاڻيءَ جو هنڪي ٻڌايو ته
پگهونتي ناواڻي آهي، گوبند مالهي آهي ۽ ڪلاڪار آهن ته
هن سڄڻ جي دل هرڪي. چيائين، "سٺ پنجهٺ سنڌي
هت ڪونه ڪو ڌنڌو ڪندڙ آف سيزن ۾ به هت آهن، مان
سنگيت پروگرام رکان؟ لکمي مون کان پڇيو. مون به ڪٺي
چيو، "پڪ رکو." ڏڪيءَ چيو، "هن اڌ ۾ سوڙ پوون
ويڙهي پروگرام ڏيڻو پوندو." اها نوبت ڪانه آئي. هيٺر
سڄي هال ۾ گرمائش ڦهلائڻ لڳا، سڀ جو سڀ سنڌي اچي
شريڪ ٿيا. سنڌي سنگيت تورن پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻڌو هو؛
سڀ پهريون دعوو مڃڻ لڳا ته واقعي سنڌيءَ ۾ سنگيت به
آهي ته ڪلاڪار به. وڏن ڏڪيءَ کي آسيسون ڪيون،
جوانن هٿ ملايا ۽ ننڍين آٽوگراف ورتا، چڱي سنڌيت جي
لهر لڳي وئي. هوٽل جي مالڪ رهائش ۽ کاڌي پيتي جا
پيسا به نه ورتا. دارجلنگ چانهه جا پڙيڪا سيني کي ڏنا.
هوٽل مالڪ ڏکڻا به پڇي. مون چيو، "سيني چاهه سان ٻڌو

۽ داد ڏنو، اهوئي اُجورو آهي.“ مسوريءَ چاڪاڻ ته سيزن جي وچ ۾ آيا هئاسين، چڱو پنهنجو ڪٽڪ ساڻ هو، ديديءَ جي درياهه دلي هئي ۽ وچ ۾ ”ويسٽن ڪئين“ جي چونڊ هئي ۽ گيان، سندر جو پٽ روي ۽ ٻيا ڪرمچاري به آيا هئا - ٽي ڏينهن پارٽيون ۽ گڏجاڻيون رهيون، گهمڻ جا موقعا به جام مليا - انهن سڀني ڳالهين ڪري هل اسٽيشن جي راڻي ڪڪيءَ کي وڏيڪ وڌي.

تنهنڪان پوءِ هڪ ٽي وقت ڏهه بارنهن ڏينهن ديديءَ وٽ رهڻ لاءِ نه مليا. شادين تي ڪلچرل پروگرامن جو رواج عام جام ٿي ويو، سنڌين جي شاهوڪاريءَ ۽ ڏيکاءَ ۾ به اضافو ٿيو. اسان ميءِ ۽ ڊسمبر ۾ هونءَ ڪان به وڌيڪ مشغول ٿي وياسين - شادين جي پروگرامن ۾، ميءِ ۾ اسڪولن ڪاليجن ۽ ڪن آفيسن جي موڪلن ڪري پارٽ ۾ رهندڙ سنڌين کي شادين جي سهوليت ٿي ۽ ڊسمبر ۾ پرڏيهن جي ٿڌين ۽ ڏنڌن ۾ ڪي قدر ماٺائيءَ صدقي سنڌ ورڪي پارٽ ۾ اچي اهو سمو نينگرن نينگرين جي شادين جي شغل ۾ سڪيارٿو ڪرڻ لڳا. ۽ شادين جي پروگرامن ۾ اسان جي هڪ هٽي رهي. اسان جي مشغول هجڻ ڪري ٽي ڪنهن ٻيءَ پارٽيءَ يا ٽوليءَ وٽ وڃڻ لڳا. شاديءَ جي رسيپشن وقت ڪڏهن به پروگرام نه ڏنو - اُن وقت پروگرام گويا سنگيت جي توهين هو. ماڻهو کائيندا، پيئندا ۽ ڳالهائيندا رهن ۽ ڪلاڪار ڳائيندا رهن. هڪ ڏينهن اڳ يا هڪ ڏينهن پوءِ پروگرام ڏيڻ لڳاسين - اڪثر هڪ ڏينهن اڳ. ڪي سرنديءَ وارا ۽ هڄائتا هڪ ڏينهن اڳ يا هڪ ڏينهن پوءِ - ٻه ٻه پروگرام وٺندا هئا. ۽ اهي شاديءَ جا پروگرام ٽي ڪلاڪارن جي ڪمائيءَ جا پروگرام هئا. صحيح معنيٰ ۾ هونءَ پبلڪ پروگرام صرف

سگهي پکي گذر جا هئا، منهنجو مول مقصد هو ته ڪلاڪار منڊل جو ننڍي ۾ ننڍو ڪلاڪار به ڪنهنجي اڳيان هٿ نه ٽنگي. هڪ وڏي ڪلاڪار جو مثال مون اڳيان هو. هوءَ پاڻ پيسا نه وٺندو هو، مٿڪي جا پيسا به هوءَ پروگرام وارن کي ڏيئي ڇڏيندو هو. هن جو هارمونيم پليئر خواهه طبلچي آرگنائيزرن کي ٻڪ جا چڪ پائيندا هئا ۽ آرگنائيزر به هنڪي مڪائيندا نه هئا. مون اُن وڏي ڪلاڪار کي ورجايو. مون وٽ سڀ جو سڀ ڪلاڪار ساڳيا آهن ۽ اوهان وٽ هارمونيم پليئر ۽ طبلچي به ٽڪن نه ٿا. هن ڳالهه ٻڌي اَڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. خير، مون ڪلاڪار منڊل کي هڪ قسم جي ڪوآپريٽو منڊل ئي نه ٻڻائي، اِها به سنڀال رکي ته ڪلاڪار منڊل هڪ پرش استري ڪلاڪار جي پارٽي نٿو ٻڻجي، اُهو سڀ هڪ لاءِ ۽ هڪ سڀ لاءِ واري ڀاونا کي اُجاگر ٿو ڪري ۽ کين هڪ ڪٽنب ٿو ٻڻائي. پروفيشنل ٿيڻ بعد به ڪي پروگرام مفت ۾ ڏيندا رهياسين، ساهت سڀائن ۽ سماجي سنستائن کي ۽ ڪن مهاپرشن جي ورسين تي، ڪي رعايت سان ڏيندا رهياسين، چئرٽيبل ۽ ڪوڪاريه سڌ ڪندڙ سنستائن کي ۽ باقي پيسن تي. پبلڪ پروگرامن جي ڀيٽا شاديءَ جي پروگرامن کان گهٽ رهي. مون ائڊوانس به زوريءَ ڪن آرگنائيزرن جي زوربار تي ورتو ۽ پوءِ به ڪن جزوري پروگرامن جي ڪٿي، پوءِ به ڪلاڪار منڊل جا پيسا هڪ ٻن آرگنائيزرن کان وڌيڪ وٽ ميرا نه ٿيا ۽ ڏانڊل پنجويهن سالن جي اٽڪل ٽن هزارن پروگرامن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ آرگنائيزرن سان ٿي. جڏهن پروگرام وڌيا تڏهن اسان ميلي / ورسيءَ / اُتسوءَ ۾ سال بسال وڃڻ ڇڏي ڏنو – ٻه سال وچ ۾ يا گهٽ ۾ گهٽ هڪ ته ٻئي سال، صرف گرونانڪ جنم دن جا

پروگرام بمبئيءَ ۾ سال بسال ساڳيا رهيا ۽ ڪنور رام جي
ناگپور واري ورسي هر سال نباهبي هئي، سا به ٽي ڏينهن ۽
نه ته ته دستور بڻيو رهيو، گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال وچ
وڇڙيو. ناگپور سان رعايت جو ڪارڻ هو- ١٩٦٢ ۾ ڪڪيءَ
جو آواز ٻه ڏينهن خراب رهيو هو ۽ ٽئين ڏينهن مون پنهنجي سر
۽ ڪڪيءَ پنهنجي سر ڪنور رام جي آدمقد ڪاٺ وڏيءَ
مورتي aiue ۽ اڳيان پروگرام کان اڳ ٿي دل ۾ چيو هو، "جي
ڪڪيءَ جو آواز اڄ نه کليو ته هوءَ ڳائڻ ڇڏي ڏيندي."
۽ اُن رات هن جو آواز به کليو ۽ هن جي ڌاڪ به وڌي.
اِن ڪري ڪڪي ۽ مان اُن ميلي وارن سان رعايت به ڪندا
هئاسين، ٽي ٽي راتيون پروگرام به ڏيندا هئاسين. هڪ نه
ٻئي سال پروگرام پورا ٿيندا هئا ته هن آرگنائيزرن کي شهر
۽ سنسٿا جي مالي حالت کي خيال ۾ رکي چوندو هوس -
"سؤ، ٻه سؤ، ايائي سؤ وڌائي ڏيو." اهو سؤ کان
ايائي سؤ جو اضافو آرگنائيزر ڇون وچرا ڪانسواءِ مڃيندا هئا.
منهنجو مقصد هر پروگرام ۾ ڀوليءَ کان مارُوءَ تائين ۽
شاهه لطيف جي ڪلامن کان ماڊرن گيتن تائين وئرائٽي رهيو-
۽ ووڪل ڪلچر جي اهميت ۽ ضرورت جتائڻ سڀ کان وڏو
مقصد هو. گيت ڪن شاعرن کان خاص لکائيندو هوس،
گوورڌن ڀارتي ڪميٽيون پري موڪليندو هو ۽ ٻين ڪلاڪارن
کان اڳ مونکي وجهه ڏيندو هو، انهن کي استعمال ڪرڻ
جو ۽ سنڌ جون ڪميٽيون سنڌ مان سڌو نه ته دبئيءَ معرفت
اچي ويندڙيون هيون ۽ ... ۽ ڪڪيءَ جي آڪاشوائيءَ تي،
سپني سنگيتڪارن سان مڪمل سهڪار ڪرڻ
سان به خاص موقعن جي سنگيت روپڪن مان
گيت ميسر ٿي ملندا هئا. سپي. ارجن ڪڪيءَ

جي سهوليت تي رڪارڊنگ ۾ ٻه ڦيرڦار ڪندو هو، ان ڪري ڪڪي هنجي ٻهرين دلپسند گائڪا رهي. هوءَ سترام ۽ گرڌر کي ٻه ڪٽيندو هو، ان ڪري سولو، ڊيوئيٽ ۽ ڪورس گيت ملي ويندا هئا. ڪلاڪار ٻه گيت ۽ ڏنون همت ڪري ايندا هئا. ۽ ڪڪي ٻه گهوڻ ۾ رهندي ٻيڙين ڪان يا ٻين ڪان ڪي گيت همت ڪري وٺندي هئي. ريهرسل سيني گيتن جي ٿيندي، پروگرام ۾ ڦيرڦار نه ڏيڻ ۽ اُنهن جي مهل چوندڻ منهنجو حق رهيو، ٻڌائڻ تائين.

ڪوشش ڪندو هوس ته ڪنهن ٻه اُتسوَ جا ٻاهر جا پروگرام هڪ ريلوي لائين يا بس جي سهوليت تي هجن، پوءِ ٻه ڪن پروگرامن ۾ منهنجي سنڀال، ترتيب ٻهندي ڪانه هئي، آرگنائيزرن / مترن جو زوربار دخل انداز ٿيندو ئي هو.

پروفيشنل ٿيڻ تي پهريون پروگرام، ڪنور رام جي ورسيءَ جو ناگپور جو ڪنيو، پوءِ جبلپور- مون انهن ۾ ڪنهن ٻئي پروگرام جو اضافو ڪرڻ نه چاهيو پر پنڇواڻي صاحب جي ناڪار ڪرڻ تي، گووردن پارتيءَ جي زور بار تي اجمير ڪٽيو پيو ۽ پروگرامن لاءِ نڪرڻ کان اڳ مهسانا وارن پهريون دفعو ڪنور رام جي ورسي ملهائڻ جي شروعات ڪرڻ چاهي ۽ سا ٻه اسان سان. هنن کي نه مون اجمير کان ٻمبئي موٽندي هڪ رات مهسانا لهڻ سان راضي ڪيو. ناگپور ۽ جبلپور جي پروگرامن وچ ۾ هڪ رات جي وٿي هئي پر بس جي سفر ۾ بس خراب ٿيڻ تي اڌ رات رستي ۾ ڪنهن سراءِ ۾ ڪاٽڻي پيئي، ٻيءَ رات اٺين ٻڄي پهتاسين ۽ يارنهين بدران هڪ بجي رات جو پروگرام شروع ڪيوسين.
ٻلو- سي. رائي ٻه اُن پروگرام ۾ اسان سان هو؛ شيام لالا ٻه هو، ٻلا جيءَ جبلپور ۾ ئي چيو، "مالهي صاحب، ههڙو

لنبو ۽ اَٿڪائيندڙ سفر ڪرڻ بعد جبلپور کان اجمير هلڻ جو
سوچيندي ئي منهنجي دل ٽپي ڏڙڪي. اِهو سنڌيت جو
سؤداءُ اوهان ۽ ڀڳونتيءَ کي مبارڪ هجي. مان ۽ شيام ڪنڊوا
کان بمبئيءَ واپس هليا وينداسين." مون کي خبر هئي ته
گهڻا ڪلاڪار ساڻ مون کي اجمير ۾ دقت ٿيندي، خاص
ڪري جڏهن گوورڌن جو به پروگرام هوندو، جنهن ۾ ڪملا،
ڪلا، لتيڪا، گرداس ۽ ٻيا ناميارا ڪلاڪار هوندا. پوءِ به
مون ٻلاجيءَ کي ڪجهه نه چيو، ڇو ته هنجي وهي سچ پچ
اؤکن سفرن ۽ اوجاڳن جي نه هئي، تنهن سواءِ چانئم،
"سنڌيت جو سؤداءُ سڪ جو سودو آهي، زور جي ميندي
لڳڻي ڪانهي." هن ۽ شيام کي وڃڻ ڏنم." جبلپور به دفعا
پوءِ به دقت ڏني، مهمانن وارن پروگرام لاءِ ڪن سالن بعد
وري زور ٻڌو. چئجي ڪٿي ڏرتو ماري وينا، هڪ گهڻگهرو
ڏکيءَ وٽ ويٺو هو. هوُ اڪثر پروگرامن تي هلندو هو،
واهرو بڻجي. چيائين، "مهمانن کان جبلپور پهچائڻ وارا
ٻڙودا منهنجو ذمو ۽ هڪ ٽائيم ٽيبل ٺڏي تي جوڙي
ورتائين. پوءِ به مون مهمانن وارن سان هڪ تاريخ اڳ طيءِ
ڪئي، پوءِ به ٻڙودي، سورت، جلگانو ۽ ڀوپال جون ريلوي
معرفت ۽ ڀوپال کان ساڳر ۽ ٻين شهرن جون بس ۾ منزلون
ڪندا، بائيتاليهن ڪلاڪن بعد جبلپور ٻيءَ پروگرام واري رات
پهتاسين. آرگنائيزر آنند مانڊ ۾ ۽ ڪجهه عرصو پوءِ جبلپور
اِستيشن تي مڌيه پرديش جي ڪنهن ڳوٺ مان بس ۾ پهتاسين
ته خبر پيئي ته باهجي ميل وايا الهه آباد ڏهه ڪلاڪ ليٽ هئي،
اسانکي ڏري گهڻا ٻارنهن ڪلاڪ جبلپور ۾ گهارڻو هو. مان
اِستيشن تي ايترا سارا ڪلاڪ گهارڻ لاءِ تيار نه هوس،
ڇاڪي ڪنهن ڌرمسالا ۾ رهڻ لاءِ راضي نٿي ٿي، اِستيشن

جي پر ۾ ڪنهن سستي هوٽل جو سوچي رهيا هئاسين جو
ناپيولڊ پريڊ جو ماڪ ٽيڪچند ڪنهن ڪم سانگي اچي
اسٽيشن تي سهڙيو. هن جي نظر اسان تي پئجي، وڏي آيو
پڇيائين، "هت ڪيئن؟" ڪارڻ ٻڌڻ ـــي چيائين،
"منهنجي گهر جي هوندي اوهان هوٽل جو ٿا سوچيو؟"
هن ڪوليءَ کي سڏيو ۽ سامان کڻڻ لاءِ چيو. پـي ڪار ۾
گهرائي ورتائين. گهر رهايائين، کارايائين، پيارايائين ۽ پوري
ٽائيم تي اسٽيشن تي ڇڏي ويو. اُن ڏينهن اسان جا پير زور
هئا جو اهو سڀ ڪجهه مليو نہ تہ انهن اسٽيشن تي ئي ٽي، چار چار
ڪلاڪ گاڏيءَ جو انتظار الائي ڪيترا دفعا، ڪيترين اسٽيشنن
تي ڪيو سين. ڏکيا ۽ اڻانگا سفر برداشت ۽ پلئننگ ڪرڻ
جي باوجود زندگيءَ جو حصو بڻيا رهيا پر هڪ سفر تہ
رڪارڊ ٽوڙ رهيو، انتظار ڪري، پريشانيءَ ڪري، تڪليف
ڪري ۽ اينگهہ ڪري، وري بہ محنت مڙ ۽ محبت جي قيمت
ادا ڪئي هئي سين، پلئننگ ٽاڪ تي رکي. مڌيہ پرديش ۾ ٿي
رائپور پرسان ڏمتريءَ جو پروگرام ڪيو هو. هونءَ ٿي ڇهہ
ڪلاڪ لڳڻ هئا ۽ ڏمتريءَ کان رائپور جيپ ۾ ۽ رائپور کان
سؤراشٽر ــ ۾ ڪٽيانا تائين پهچڻ لاءِ ٽن هنڌ گاڏيون
بدلائڻيون هيون. ها انهن ٽن هنڌ اڳواٽ رزرويشن لاءِ
اڳون ڪرايون هئم، ڏمتريءَ کان جڏهن ٿي رائپور پهتاسين؛
تہ معلوم ٿيو گاڏي پنج ڪلاڪ ليٽ آهي. رزرويشن
ڪٽڪيءَ جي سلهور ۽ ان پرش جي سٽنگ جي، باقي ان جي
اُميد، ۽ آرگنائيزرن جي ان گيسر تي مجبور هرڻو پيو هئن
الاهي دفعا. جي گيسر نہ هئي تہ حد کان وڌيڪ وشواس نہ
هلندي پهچنديءَ سان عين وقت تي ڪرائي وٺنداسين. ۽
اُن وشواس جي سر انجامي نہ ٿيڻ تي پرڳڻو اسانکي

پوندو هو. ۽ هن سفر ۾ ته گاڏيءَ جو پنج ڪلاڪ ليٽ ٿيڻ اڃا به جسماني ڀوڳنا ۽ دماغي پريشانيءَ جو باعث بڻيو رهيو. ڀوساول تان مقرر گاڏي رواني ٿي وئي، اُت ڪلاڪ ٻيءَ گاڏيءَ جو انتظار ڪرڻو پيو، سورت تي به گاڏي نڪري وئي، ٽئين گاڏيءَ جو به ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پيو، ويرم گام تي ته ٻارهن ڪلاڪ ترسڻو پيو. ٻاهٺ ڪلاڪن بعد ڪٿيانا پهتاسين. هڪ رات اڳ جي بدران پروگرام واريءَ رات ڏهين بجي پهتاسين. مکيه آرگنائيزر شوديال کي ڀروسو، اوير سوير پهچندا ضرور. پر ٻين ڪم ڪندڙن کي دلجاءِ اسانجي پهچڻ تي ملي. اسان ٻارنهين بجي سمهياسين ته هڪ ڪلاڪ ننڊون ساهي اُٿنداسين ۽ آزاد صوفيءَ کان وارو وٺنداسين. پنجن ستن منٽن بعد شوديال ڊوڙندو آيو. ”آزاد صوفيءَ جو پروگرام جمي نٿو، مهرباني ڪري سنڀري وٺو.“ مان ٻڌ ترم. ڪڪيءَ چيو، ”هلو نه ڀلا، اوهان ته هر حالت ۾ ڪلاڪارن ۽ ٻڌندڙن سان بيهڻ چاهيندا آهيو...“ ٽڪل ٽنل سهي سنڀري ميدان ۾ آياسين. آزاد صوفيءَ ڪڪيءَ کي چيو، ”ادي، ڀڳوان ڀلو ڪندءِ.“ اِهو ڀلو ضرور ٿيو جو اسانجو پروگرام جمي ويو ۽ ٽن ڪلاڪن بدران چار ڪلاڪ پروگرام ڏنوسين. ماڻهن جي خوشيءَ اسانجو ٿڪ ڀڃي ڇڏيو.

هڪ دفعي دهليءَ ۾ آنند ڪيماڻيءَ چيو، ”مالهي، ڪڏهن توکي ڪنيل پروگرام تي نه وڃڻ جو ويچار نه آيو آهي؟“ مون چيو، ”مان اِها ڳالهه سوچي نٿي سگهان ته زبان جي پت نه رکان، تنهن سواءِ منهنجو منڊل جنتا جو منڊل آهي...“ هن چيو، ”ڪلپنا ڪر ۽ ڪلپنا ۾ موج ماڻ. ٻڌندڙ وينا آهن، تنهنجي گروپ جو انتظار

ٿا ڪن ...“ مون دل ۾ چيو، ”مرچ پنهنجي جڳهه تي، مان وقت کان ٿورو دير سان منچ تي اچڻ تي ئي پريشان ٿي ويندو آهيان.“ ۽ ان واعدي وفائيءَ ڪافي ڀوڳايو پر نه ڪڪيءَ ڪڏهن ورجايو ۽ نه ڪڏهن ڪلاڪارن منهن گهنجايو. گهڻن پروگرامن جي ترتيب ۽ ڪامياب سرانجاميءَ ۾ منهنجي ڪن پروگرامن جي رٿا ٺيڪ نه ڀاڙڻ ڪـــي هوءُ نظرانـداز ڪندا هئا. ها، آرگنائيزرن جي گيسر، واعدو ڪري به ٽڪيٽون اڳوات رزرو نه ڪرائڻ تي پوسرندا هئا. ڪونه ڪو ڪلاڪار آرگنائيزرن کي گهٽ وڌ چئي به ڏيندو هو، مگر منهنجي پل چوڪ هو اتفاق ۽ رضا سمجهندا هئا. ٽڪيٽن رزرو نـه ٿـيڻ جـي پريشاني پنهنجي جاءِ تي، ٿورا پيرا رزرويشن هجڻ ڪري به پريشاني پڙي. سنتا کان بمبئيءَ پيا اچون، ٻئي ڏينهن رات جو الهاسنگر ۾ ٻـڙ واري سنت جي ورسيءَ جو پروگرام هو، گـاڏي پهريـــن پنج ڪلاڪ ليٽ، پهتي ست ڪلاڪ ليٽ، اڳوات اطلاع ملڻ تي گهران نڪتاسين به ديـر سان، گاڏيءَ سان اهو دٻـو ئي نه آيـو جنهن ۾ اسانجي رزرويشن هجي. پـــر واري گاڏي جـــي ڪنڊڪٽر چيو، ”سو چيو، جبلپور مان رزرويشن ڪرائڻ وارن جي حالت ڇا هوندي؟“ اسانجي زور ڀـار تي ڏڪٽا ونـي ڪڪيءَ لاءِ زناني ڪئبن ۾ هڪ سليپر ڏنائين. طبلچي هن جي لالچ ناڻي ويو. چيائين، ”دادا، ڏڪٽا وڌيـڪ ڏينداسين تـه بـــاقي پنج سليپر بـه ڏيندو.“ ٻـيءَ رات پروگرام ڏيڻو هو. وڌيڪ ڏڪٽا ڏنيسين، گاڏي هلي ته خبر پيئي ته دٻـي ۾ ارڙهن سليپر اڃا خالـي هئا! ۽ اهوئـي غير سنڌي ڪنڊڪٽر اسان سان گـڏ اچـي ويٺو. چيائين، ”مان جبلپور ۾ اوهانجا پروگرام چاهه ســان ٻڌندو آهيان. سمجهندو گهٽ آهيان پـر هن ٻيڻ جـو آواز

مونکي ڪافي وڻندو آهي!!" اهڙين سنڌي غير سنڌي ريلوي ڪرمچارين جي لاڳ ۽ بي رخيءَ جو الائي گهڻا ڀيرا شڪار ٿيا آهيون - منهنجي هيڏي ساري ترتيب ۽ چٺاڪشيءَ جي باوجود.

جلگانءَ کان رائپور جو پروگرام ڏيڍ وڳو هو، جلگانءَ گاڏي رات جو ٻارهين بجي اچڻي هئي. جلگانءَ پروگرام ڏيئي، جهڙي ٿوري ماني کائي گاڏيءَ ۾ چڙهڻو هو. آرگنائيزرس ٻمبئيءَ مان ئي ڇهه سليپر گاڏيءَ ۾ خاني ڪٽي اچڻ جو بندوبست ڪيو هو. هنن رزرويشن سلپ به منهنجي هٿ ۾ ڏئي هئي، ۽ هڪ ريلوي ڪرمچاري اسٽيشن تائين گڏي ڏنو هو. جنهن ڊٻي ۾ رزرويشن هئي، اُن جو ڪنڊڪٽر چوي، "مون وٽ هڪ به سليپر خالي ڪونهي." پاسي واري ٿرٽائر ڊٻي ۾ چڙهي آياسين. ڪڪيءَ کي ويهارڻ ۽ ٻنهي جي ٻيهي سفر ڪرڻ جا واڌ ويهه رپيا ڪنڊڪٽر کي ڏناسين. ڪڪي اُن ڏينهن بيحد غصي ۾ اچي ويئي. هن جي ڪاهه سنت هرداسرام ۽ هن جي شش تي. جو اتفاق سان گرجندو آهي، اهو ڪافي گهڻو گرجندو آهي. ڪڪي ٻه غصو لفظن ۾ اوتيندي هلي. مان گناهه نه هوندي به پاڻکي گنهگار سمجهي چپ رهيس. ڀوساول تائين ٻين سان مان به ٻيهندو هليس. ڀوساول تي پاسي واري ڊٻي جو ڪنڊڪٽر آيو، چيائين، "هلو، مون واري ڊٻي ۾. اوهان جا سليپر خالي آيا هئا، مون ناسڪ تي ٻيئي ڇڏيا. معاف ڪريو. مان پڻ لاءِ هڪ سليپر ۽ اوهان لاءِ ويهڻ جون جڳهون ڪري ٿو ڏيان. اڪولا تي اوهان وارا سليپر خالي ٿيندا... معاف ڪجو." ڪڪي آرامي ٿي، اسان به ويهي وياسين. انهين ڪنڊڪٽر ٻڌايو، "جو ريلوي ڪرمچاري اوهان سان آيو هو،

تنهن چيس، ”هيءُ سنت جي ميلي تي آيا آهن. هنن سان ناحق ڪيو اٿيئي، سنت پڇندءِ، اِن سنت جي ڏپ ڪري اوهانکي وٽي آيو.“ صبوح جو ڪڪي اُٿي ته سڀ ڪجهه ٻڌايو مانس. چيائين، ”مان به اُٻهري آهيان، سنت مونکي منهنجو غصو شل بخشي.“

۽ اِن بخشش خاطر اسان هڪ نه ٻئي سال بدران ٻئي سال وري جلگانءُ وارن کي پروگرام ڏنو.

اُٺانگن سفرن جي سلسلي ۾ هڪ سفر ۾ بمبئيءَ مان پاٽنا ويندي، مون ٽرئنڪ جهٽ ۾ گاڏي مس ڪئي، ڪلاڪارن فلمي اٿر هيٺ ڳائي ٽڪيٽن جا پيسا ڪنڊڪٽر کي گڏ ڪري ڏيڻ چاهيا ته ڪلڪتي جي هڪ سنڌي سڄڻ هننکي سڃاڻي ٻه سؤ روپيه اُڌارا ڏنا جي مون جڳن ٽڻن ٻئي ڏينهن صبوح جو گاڏي پڪڙي اڪيلو اؤکو سفر ڪري پاٽنا پهچڻ شرط مني آرڊر ذريعي موٽايا. ٻئي ڀيري ڪولهاپور ويٺا هئاسين، مان ڪڪيءَ جي گهر مٿر ر وقت کان ڏير سان پهتس ۽ دادر ٽائين اڳ پوءِ ٽئڪسي ڪندو نه آيو هوس. ڪڪي پوسرڄي ويئي، آقي باقي منهنجي شيرواڻي لاهي رکڻ ٿي اُٿي، ائين چوندي ٻاهر هلي ويئي، ”مان ٿي ٽئڪسي وٺي اچان.“ مان به هنجي پٺيان ٻاهر نڪتس. دروازو پٺيان بند ٿي ويو. ڪنجون اندر، ٻنهي جون ٻگون اندر ۽ هارمونيم اندر! شڪر جو ٽڪيٽون ۽ پيسا منهنجي ڪڙتي ۾ هئا. ڪڪي ٽئڪسي ڪري ٿي آئي. صورتحال ڀانپي وٺي ٽهڪ ڏنائين، ”ٻنهي کي سزا ملي - اوهانکي گيسر جي مونکي اُٻهرائيءَ جي. هاڻي ويهو ٽئڪسيءَ ۾، ڪٿي گاڏي نه ڇٽي وڃي.“ اِها هئي ڪڪي، غصو هن وٽ ڪن گهڙين جو ٿي مهمان ٿي سگهندو هو.

ڪولهاپور ۾ ڪڪيءَ اُڏاري ساڙهي ٻلائوز پائي پروگرام ڏنو ۽ مونکي ڪلاڪارن ساڳيو وڳو ڏوئي ڏنو، اُن جي سڪڻ تائين، اُڏاري لونگيءَ گنجيءَ ۾ رهيس. اُتي اُي ڪنهن ڄڻائتي چيو، "سڀاڻي لڇل ڪرنجيءَ پروگرام ڏيو، ساڳيءَ گاڏيءَ ۾ اسين اوهانکي ميرج کان چاڙهينداسين." ڪڪيءَ کلي چيو، "جتي هڪ ڏينهن، اُتي ٻيو ڏينهن. هونءَ به ٻئي ڏينهن ڀرئين ڏينهن وانگر رهون ها؛ هاڻ ڪولهاپور بدران لڇل ڪرنجيءَ ۾." ٻـوءِ مرڪي چيائين، "سنڌيت زنده آباد، سنڌي سنگيت زنده آباد." هوءَ اهي نعرا ڪڏهن ڪڏهن صرف منهنجي اڳيان هڻندي هئي - اهو ڄتائڻ لاءِ تـه وڪل ڪلچر سلامت رکڻ لاءِ ڇا ڇا نٿو ڪرڻو پوي!

هڪ اُتپتانگ ريلوي سفر ڪري پناڻيءَ سان ملاقات ٿي!

وري به جبلپور کان يا ڪٽنيءَ کان ڪوٽا وڃڻو هو ۽ گاڏي ٻينا کان بدلائڻي هئي. ٻينا پهچندي معلوم ٿيو تـه هڪ گاڏي جنهن گاڏيءَ جي ڪنيڪشن کي خيال ۾ رکيو هوسين، اُها وڃي چڪي هئي ۽ ٻي گاڏي صبوح جو هئي. وري به رات اِستيشن تي ڪاٽڻ ته ڪاٽڻ جو سوال اُٿيو، ۽ جڏهن ته ٻينا ۾ اسان پروگرام ڏنوئي نه هو ته ڪنهن سان گهري واقفيت ٿيڻ جـو سوال ئي نٿي اُٿيو. اِستيشن جي ارد گرد ڪا رواجي هوٽيل به نه ٿي نظر آئي، ۽ ڪا غيبي چڪ به اُڀري منهنجي من ۾! سترام کي چيم، "تون مان هلون ٿا شهر ۾، سنڌي هت به چڱي تعداد ۾ رهن ٿا، مندر يا ڌرمسالا يا ٻئي ضرور ٺهرايون هوندائون، جي رات ڪاٽڻ لائق جڳهه ملي ته رات اُتي دابو ڪنداسين." لڙي منجهند جا چار ٿيا

هتا سنڌي ٻستي ٿورو پرڙو هئي، پنڌ ڪندا وياسين. سنڌي ٻستي نه هئي، جهڙو ٿهڙو سنڌ جو ڪو ڳوٺ هو. رستي تي ڪٿون وڇائيءِ ويون هيون ۽ پٿر ۾ پاٽيءَ جو ڇٽڪار ٿي رهيو هو، ڪٿن وارو مڪان سنڌ ۾ ڪنهن زميندار / مکيءَ جو ٿي لڳو، رات ڪاٽڻ لاءِ موزون هو. ٻاهران ٿي لڳو پئي، ڪافي ڪمرا آهن ۽ ڪٿن وارو حصو اوطاق ٿي لڳي. اسان اُن پٿر جي سامهون هڪ کٽ تي سنڌي پان ٻيڙيءَ واري وٽ وياسين. ستنرام ٻه سگريٽ ورتا، هڪ مونکي ڏنائين، هڪ پاڻ آڱرين وچ جهليائين. ۽ پان واري کي چيائين، "ڀائو، ماچيس." مونکي خبر هئي ته هن وٽ پنهنجو سگريٽ پئڪيٽ ۽ لائيٽر هو پر ڳالهه ڪيڻ جي لحاظ کان هن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ سگريٽ ورتي، هن کان ماچيس ورتو هو. هن ماچيس مان تيلي ٻاري منهنجو سگريٽ سلگائي رهيو هو جو پان واري پڇيس، "اوهان گوبندرام مالهي آهيو، هيءُ ستنرامداس روهڙا آهي. مون ٻڌو پال ۾ اوهانجو پروگرام ڏنو آهي، ضرور دادي ڪماري پيگوئني ڦاواٽي ٻس اوهان سان هوندي؟ هتي ڪئمپ ۾ پروگرام آهي ڇا ...؟"

سوالن جو سلسلو جاري رهيو. ۽ ظاهر هو ته هن مونکي ستنرام ۽ ستنرام کي مالهي پئي سمجهيو، ۽ پروفيشنل ٽيڻ جي شروعاتي دؤر ۾ اهڙين غلطفهمي ٿيندي هئي، ڪن ماڻهن کي.

ستنرام هن جا سوال نظرانداز ڪري چيو، "هت ڪا سٺي ڌرمسالا آهي؟"

هو ڇلانگ ماري اٿيو، گلو چڙهي، ٽپ ڏئي هيٺ لٿو ۽ چنسي ٻوڙندو سامهون اوطاق اندر گهڙي ويو.

سترام چيو، ”مالهي صاحب، اوچتو ڇا ٿيس؟ چڱو ڀلو ويٺو هو.“

مون ڪلي چيو، ”رات هت پروگرام ڏيڻو پوندو؟“

سترام چيو، ”ڏڪڻا ڏيندا؟“

”شايد نه، ٻاقي ڪارائيندا ٻڌائيندا ٻڌ ڏي، رهائيندا سٺي نموني.“

ٿيو به ائين ئي. سامهون اوطاق واري سڄڻ دادوءَ جي ڪنهن ڳوٺ جو مکي - زميندار هو. ڪرڙو ڏيڍو پار ڪري ٻڌائي طرف وڏي رهيو هو، کهي سٺي هيس ۽ ڳالهائڻ مان بزرگي ٽپڪي رهي هئي. هن چيو، ”ڀلي آيا، جيءُ آيا، اسانجا وڏا ڀاڳ. ڪٿي لٿا آهيو... اوهان هت ئي وهو، ڪار ۾ دادي ڀڳونتي ناواڻي ۽ ٻين کي وٺي ٿا اچون، رات سنڌي سنگيت جو ساڳ وٺايو، پنهنجو سنديشو سڻايو... صبوح جو گاڏيءَ ۾ چاڙهي ڏانئيڪو ڪرڻ اسانجو ڪم. مون اوهانجو پروگرام ڏٺو نه آهي، اُن جي ساراه ٻڌي آهي، مالهي صاحب.“ هوُ مون سان ئي مخاطب ٿيو، ”مون سنڌ ۾ به اوهانجو نالو ٻڌو هو، مان ”نئين دنيا“ مخزن گهرائيندو هوس.“

ان وچ ۾ ڪار آئي، سترام وڃڻ چاهيو. ”مون ڪانسواءِ ڪلاڪارن کي سڃاڻندا ڪيئن.“

سيٺ چيو، ”ڀائو، ڪلاڪارن جي سڃاڻپ سولي، ساز ته هوندا ئي. تنهن سواءِ هڪ ٻيڻ ۽ ڪن ڀائرن جو هڪ هنڌ هجڻ. اوهان نه ويندا ته هوُ ڪار ۾ سٺي نموني ايندا، دادي اڳيان، ٻيا ڀائر پٺيان.“

سنڌ جي ڳوٺ جي سياڻپ اڃا زنده هئي.

موکي سمجهه آيو، "ڪوٺا وارن کي تار ڪرڻ کپي ته اسان رستي تي آهيون."

سيٺ چيو، "تار ته ڪريون ٿا پر پهچندي اوهان جي ڪوٺا پهچڻ کانپوءِ."

ڪلاڪارن جي اچڻ تي، اُها خاطري ٿي گويا ڪنهن شاديءَ تي ويجها عزيز آيا هئاسين - فرسان، سنبوسا، مٺائي، بسڪيٽ ۽ چانهه...

پروگرام ڏنوسين - رات جو نوين کان. ڪالونيءَ ۾ پنجابي پناهگير به هئا. "ڪ رسيا..." ۽ ڀانگڙا تي زالين مردين نچيا، سنڌي زالون نچڻ کان نٽائينديون رهيون...

ساڍي يارنهين بجيءَ پلڪ پاتوسين، ۽ پلڪ بعد ڪلاڪار هليا ويا، ڪڪي آٽوگراف ڏيئي ڪندي رهي ۽ اڌ اڇن وارن ۽ ٿورن گهنجن واري منهن سان ڪرڙوڪ استري اچي منهنجي پرسان بيٺي، پڇيائين، "سڃاڻين ٿو؟"

مان، هوءَ پناڻي هئي. پيٽروميڪس گولن جي جهڪيءَ روشنيءَ ۾ مون هن کي منهن مان نه، آواز مان سڃاتو.

"سو نيٺ ڳولهي لڌو مانءِ."

نيم اونداهيءَ ۾ به هن جي اکين ۾ چمڪ نمودار ٿي، پوءِ گنڀير ٿي چيائين، "ٿو موکي ڪونه ڳولهيو، مان تنهنجي خبرچار پڙهندي ٻڌندي رهي آهيان، اتفاق ملايو آهي، توکي موکي." هن جو ٽهڪ فضا ۾ گونجيو. چيائين، "تون پاڻ چوندو آهين، اتفاقن کي تنهنجي زندگيءَ ۾ معنيٰ رهي آهي."

چيم، "اتفاقن کي معنيٰ ٿي نه رهي آهي، مهتو به رهيو آهي، تون اتفاق سان مليئينءَ، اتفاق سان الڳ ٿيينءَ..."

هن هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيئي چيو، "اهو سچ نه آهي." هن جو پناڻي پڻي جو رعب لفظن مان ظاهر ٿيو،

چيائين، ”مان چاهيان ها تہ زندگيءَ جي راهہ تي تو سان گڏ هلندي رهان ها.“ پوءِ اچا بہ گنڀير ٿي چيائين، ”مان خوش آهيان، جو ائين ٿيو. تون مون سان گڏ ايترو اڳتي وڌي نہ سگهين ها.“

ڪڪي آلو گوڙن مان واڌي ٿي پيا چند ڇڏيائين، مهمانن جي انتظار جو سوچي، چيائين، ”هلون!“

مون چيو، ”هيءَ آهي...“

پناٽيءَ چيو، ”منهنجي واقفيت جي نہ ضرورت آهي، نہ اُن جو ڪو مطلب آهي. ۽ هيءَ پاڻ واقفيت جي محتاج نہ آهي، هيءَ توکان وڌيڪ مشهور آهي.“

مون چيو، ”ائين چئو نہ ٿي چوين تہ مان اَڄ ڪلهہ هن جي ڪري ڄاتو سڃاتو ٿو وڃان.“

هن جي لفظن ۾ شرارت آئي: ”اِن ۾ ڪو شڪ آهي.“

”۽ اِهو مالهيءَ جي هڪ ناٽڪ جو نالو آهي.“ ڪڪيءَ ڳالهہ بدلائڻ جي هنر پرائڻ جو ثبوت ڏنو. ڪڪيءَ چيو، ”هلو، اندر.“ هوءَ اوطاق طرف مڙي.

پناٽيءَ چيو، ”نہ مان هلان ٿي.“ اوچتو پريل گڏي سان چيائين، ”وري گڏجڻ پاڇن ٿي...“ هوءَ هلڻ لڳي. مان اوڪ اوندهہ ۾ ڏسندو رهيس، هوءَ موٽڻ لڳي! ويجهو اچي چيائين، ”آسيس ڪر، توکي گڏجڻ پيا خط لکڻ تي دل نہ ٿئي.“

مون مذاق ڪرڻ چاهيو، ”تماسنو.“ پر چئي نہ سگهيس. ڪڪي بہ ٿورو هلي واپس آئي هئي.

هن چيو، ”آسرو نام جو.“

هوءَ مڙي، هلي ۽ اوندهہ ۾ گم ٿي وئي.

ڪڪيءَ پڇيو، ”ڪير آهي؟“

مون گويا پاڻ سان ڳالهائيندي چيو، ”صبوح جو گاڏيءَ ۾ ٻڌائيندو ساڻس.“

اندر وسڪيءَ جي ٻوتل کان وڌيڪ ڪلاڪار منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا - هو اِن وچ ۾ رات جا ڪپڙا بہ پائي آيا هئا.

ڪڪي سڌو گهر اندر گهڙي ويئي.

اُن زماني ۾ احمدآباد تان سنڌي پروگرام پورو ڪندي سنچالڪا آشا منشارامائڻي چوندي هئي، ”آسرو نام جو.“ اِهو پروگرام اڪثر ڪنور رام جي گيت سان شروع ٿيندو هو ۽ ڪڪيءَ جي آواز سان پورو ٿيندو هو.

اِهو نام جو آسرو هڪ ڏينهن لاءِ هوندو هو، ۽ پناڻيءَ جي نامُ جو آسرو - زندگي ڀر لاءِ بہ ٿي سگهي ٿو. مون دل ۾ نراسائيءَ جو جذبو اُڀرندو محسوس ڪيو...

ڪڪيءَ کي مون پناڻيءَ بابت سڀ ڪجهہ ٻڌايو. پڇيائين، ”شادي ڇو نہ ڪيوَ؟“

مون چيو، ”شادي تہ مان پنهنجي مسلمان هاريءَ جي ڏينگر زينؤءَ سان ڪريان ها پر همت نہ ٿيم، بابا کي ڪي چوڻ جي، اُن کان وڌيڪ وقت سان وڙهڻ جي. پناڻيءَ مان تہ ڏپ ئي ٿيندو هو، اُن وقت.“

ڪڪيءَ کليو ۽ چيو، ”ڇيري هئي، اهڙي؟“

مون گنڀير ٿي چيو، ”ڇيري اَڄ بہ آهي، تن جي ٻدران من جي.“

ڪڪيءَ ڳالهہ بدلائڻ لاءِ چيو، ”شاديءَ جي معاملي ۾ اوهان حد نصيب وارا آهيو.“

”اِن ۾ ڪو شڪ اٿيئي؟“ مون پنهنجي ناٽڪ جو عنوان صحيح چيو.

"ديوي، ڏيئڻ ۽ ڀيڻ جا لاڏلا رهيا آهيو."

"لاڏلا" مون کلي چيو، "منهنجي ۽ منهنجي گهر وارن جي ناتي کي تڙ لفظ سان بيان ڪيو اٿيئي؟"

هن مرڪي چيو، "آخر سنڌي ڪنهن وٽ پڙهي هيس، اِسڪول ۾؟"

مون چيو، "مان به اهڙو موزون لفظ سوچي نه سگهان ها."

هن اُچا به شرارتي نوع ۾ چيو، "وديارٿڻ ماستر کان هڪ قدم اڳتي."

مون چيو، "ڇوڪري، تون ته الائي گهڻا قدم اڳتي نڪري چڪي آهين."

هن گنڀير ٿي چيو، "اِهو مان ڄاڻان ٿي، تون اڻ ڄاڻ ماڻهن لاءِ، پوءِ به ڪجهه نه ڪجهه وڌيڪ عقل اوهان وٽ باقي رهجي ئي ويندو. شينهن سمجهيو، پليءَ سڀ ڪجهه سيکاريو آهي، ڪاڻڻ آيس ته پلي وڻ تي چڙهي ويئي..."

مون ڪڪيءَ سان ڪڏهن به گنڀير بحث اينگهايو نه، ٿوري گهڙي منهنجي خود ثنائيءَ جي جذبي کي اوج ڏيندي هئي. چيم، "تون ننڊ ڪر، مان ڪلاڪارن سان رهي راند ٿو ڪريان."

هوءَ سمجهي ويئي ته مان ڳالهه اٿيئي پوري ڪرڻ ٿو چاهيان. هن وڌي ئي اکيون بند ڪري ڇڏيون.

۽ ڪوٽا اِسٽيشن تي ميزبانن سان گڏ وڃڻ لاءِ بيٺا هئا— اچنتائي، ديدي، هنجي ڀيڻ ڪملا، ڏيءُ سيما ۽ ڪملا جو گهوٽ لڇمڻ داس! ديديءَ کي مون اڳ لکيو هو، ڪوٽا مان پڻ ڏينهن لاءِ سڀ ڪلاڪار دهليءَ ايندا سين ۽ اُتان ئي احمدآباد پروگرام ڏيڻ ويندا سين. ٽڪيٽون رزرو ڪرائڻ لاءِ

ٻه لکيو هومانس. هن جي اٽالي سان ڪوٺا اچڻ تي عجب نه لڳو، هن جي ڪڪيءَ سان ملڻ جي اُتاولائيءَ کان ٻخوبيءَ واقف هوس - عجب اچنتائيءَ جي ان اٽالي سان گڏ اچڻ تي لڳم. موٽر ڪاريون ڏيڏيءَ ۽ اچنتائيءَ جون ٻه هيون، ڪلاڪارن کي ميزبانن جي موٽرن ۾ چاڙهيم. ڪڪي ڏيڏيءَ جي ڪار ۾ چڙهي ۽ مان اچنتائيءَ سان وينس. ڪار هلڻ سان ئي اچنتائيءَ چيو، "دادا، مان الهه آباد جي پروگرام جي دعوت ڪٽي آيو آهيان، اُنان گڏوهائيءَ اچجو؛ اُتي ٻه پروگرام رکندس ۽ اوهانجي گهمڻ جو بندوبست به ڪندس."
مون ڪجهه نه چيو. هن وري چيو، "دهليءَ ۾ مان اوهانکي پنهنجي گهر هلڻ لاءِ نه چوندس."

مونکي ٻه شرارت سجهي. چيم، "ڀر اسين اوهانجي گهر هلڻ چاهيون ته؟" هن کليو، چيائين، "اوهان پاڻ ٻڌايو، انڊو الله کان گهري هڪ اکه، ملنس ٻئي، خوش ٿيندو يا نه؟"

مون اڳ ٻه سمجهيو هو، هينئر هڪ دفعو وڌيڪ چٽو ٿيو ته هوُ دهليءَ ۾ ٻه اسان تي پنهنجيءَ دعويٰ کان دستبردار صرف اسانجي سهوليت سهنج ڪري ٿيو هو. ديديءَ سان هن جي عداوت اڳ ٻه نه هئي پر ٻرميڇڻ جي تمنا اڃا ٻه زنده هئي. تڏهن ته هن الله آباد کان گڏوهائي اچڻ ۽ اُن کي پڪو ڪرڻ لاءِ اُتي پروگرام ڏيڻ جي نيند ڏئي اسانجي ڪاريه ۽ پنهنجي تمنا وچ ۾ ڳنڍ ٻڌي هئي...

اسان ٿورو وقت اڳ هنجي ڌيءُ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿي آيا هئاسين.

الله آباد جو پروگرام ڪٽڻ ممڪن نه هو جو هن کان تاريخن

پڇڻ تي ياد آيو ته اسان اڳ ئي اهي تاريخون ڪولهاپور ٻوليل هئاسين.

”ياد آيو“ ٿو چوان جو مون اُن وقت تائين سڀ پروگرام يادگيريءَ مان هلايا هئا ۽ يادگيريءَ مون کي ڪڏهن دوکو نه ڏنو هو، ها، پروگرام وٺندڙن جي زور بار تي، اُن ڪانپوءِ ٻه دفعا فون تي تاريخون ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪيم، ٻه دفعا ۾ غلط! ٻه ٽي دفعا رهجي آئي. هڪ دفعو ڪلياڻ ۾ ڀائي همت سنگهه جي ورسيءَ جو پروگرام هڪ تاريخ اڳ لکي ويٺس، اُن تاريخ جي اڳئين ڏينهن تي چتارام ڀڳت فيلشا هوٽل ۾ هليو آيو، ائين ئي. ڳالهه ڳالهه تي چيائين، ”اڳ ڪنهن پروگرام/ ورسيءَ جو ڀوڳ ٻنجوائي صاحب سان ٿيندو هو، هاڻ اوهان سان ٿو ٿئي. مثال طور اسان سڀاڻي ڪلياڻ ۾ پروگرام ڏينداسين ٻر ورسي اوهان جي پروگرام سان پوري ٿيندي ٻرينهن...“ مون چيو، ”اسانجو پروگرام سڀاڻي آهي.“ هن ڊائري ڪڍي تاريخ ڏيکاري، رهجي آئي. نه نه ٻه دفعا وڇڙو پوي ها. ٻئي ڀيري جلگانءَ هڪ ڏينهن اڳ پهتاسين. مکيه آرگنائيزر جيوڻ لال چيو، ”ڀلي آيا. پروگرام اوهانجو سڀاڻي آهي. اڄ ڏيڻ چاهيو ته مڪياري آهيو، پوءِ ٻئي راتيون اوهانجو پروگرام رهندو، پيتا اسان ٻن راتين جي ڏينداسين...“ مون هڪ رات جلگانءَ ۾ ئي آرام ڪرڻ پسند ڪيو. اُن ڇوڪ جو اَنڙ ڪوٽا جي پروگرام تي پيو. اُتي هڪ رات پروگرام ڏنو، سو به سويل وارو جو اُن ئي رات ڊيلڪس ۾ رات جو ٻارنهين بجي جون بمبئيءَ لاءِ ٽڪيٽون رزرو هيون. ڪوٽا وارن کي اڳتي هلي هڪ وڌيڪ پروگرام ڏيڻ جو واعدو ڪيم ۽ اهو پورو ڪيم. پر پوءِ هيڪاري ڊائري رکڻ شروع ڪيم، گويا يادگيريءَ جي شڪتيءَ بدران

لکيمت کي آزمائڻ چاهيم، ڪا پل نہ ٿي.

اَچنتائيءَ ڏهليءَ ۾ چيو، ”ڏسجو ويتا دادا، ڪام اکشا اوهانکي گوهاٽيءَ آڻي ٿي رهندي.“

گوهاٽيءَ کان سڌ پنڌ ٻاهر برهمپترا ندي وهندي آهي. گوهاٽيءَ جي اردگرد اُن کي ڪام اکشا سڏيندا آهن. مشهور آهي تہ جو ڪام اکشا پار ڪندو آهي، ۽ گوهاٽي ايندو آهي تنهن کي ڪام اکشا ٻيهر ڪونيندي آهي.

اِن حساب سان ڪام اکشا جي هڪ ڪونہ مون ڏانهن ٻاقي آهي، ٻين ڪکي تہ اُن کان وڌيڪ شڪتيشالي ڪونہ تي گهڻو گهڻو دور وڃي چڪي آهي. رهيو اَچنتائي بہ ناهي. خير...

اَچنتائيءَ جي زوربار تي اَسان چار دفعا گوهاٽيءَ وياسين - الله آباد وارو ٽڪ نہ ٻيٺو، ٻوءِ بہ ڪن مهني اَندر اَسان گوهاٽيءَ وياسين ٿي. ڪلڪتي ۾ هڪ ٿي وقت سنڌو ڪلا منڊر جي وڏن ناٽڪن جو اُتسؤ هو، ڪلاڪار منڊل جو پروگرام بہ هو ۽ منهنجو سنمان بہ هو. يوٿ اَسوسئيشن اِها پرمپرا ناهي چڏي هئي تہ هر ساهتيہ اَڪادمي اِنعام کٽيندڙ کي گهرائي هن جو سنمان بہ ڪندا هئا ۽ هن کي روڪ رقم بہ ڏيندا هئا، ڳوٺريءَ ۾ يا لفافي ۾. ٻہ سال اڳ ايڪانڪين جي چنائيءَ ٻيري هنن ڪرشن راهي ۽ گني سامتائيءَ جو سنمان ڪندي ٿي پڌرائي ڪئي هئي تہ ”مالهيءَ کي ساهتيہ اَڪادمي اِنعام ملي نہ ملي، هنجو سنمان اَڪادمي اِنعام کٽيندڙن جهڙو ڪنداسين.“ مونکي اِنعام مليو، مون کانپوءِ لال پشپ کي مليو ۽ اسان ٻنهي جو سنمان منگهارام ملڪاڻي، ملڪاڻي صاحب هٿان ڪرايائون ۽ پنج پنج سؤ روڪ بہ ڏنائون، اُن زماني پنج سؤ جي قيمت

اَڄ کان گهڻو گهڻو وڌيڪ هئي. تڏهن جو اڪادمي اوارڊ پنج هزار به اَڄ جي پنجويهن هزارن جي انعام کان وڌيڪ ملهائتو هو. مون لاءِ ته اُهو چال چڱي، تنهن هڪ روم واري فلئٽ وٺڻ ۾ واهرو ٿيو هو.

اَچنتائي اَسان جي ڪلڪتي پهچڻ کان اڳ ڪلڪتي اچي پهتو هو. اسانجو بندوبست ڪنهن سنڌيءَ جي شيدائيءَ اڳ ئي پنهنجي گهر ڪيو هو، اَچنتائيءَ ڪنهن ٻئي متر وٽ هلي رهڻ لاءِ چيو ۽ اسان هيڪاري اَچنتائيءَ کي پاڻ سان رهايو. سڀ ڪلاڪار هن سان گؤهاٽيءَ وياسين - پروگرام ٻه ڏنوسين، کاڌوسين پيتوسين ۽ گهمياسين ڦرياسين. مون لاءِ ولائتي بيئر جا ڊبا فرج ۾ پيا ئي هئا. گؤهاٽيءَ ٻيهر اَچنتائيءَ سان الله آباد جي پروگرام بعد وياسين، اڳ شاديءَ جو پروگرام نه ڪٽي سگهيا هئاسين، هاڻ ساڳيءَ پارٽيءَ جو ايوان اندر مندر استاپن ڪرڻ جي مهورت جو پروگرام هو - ٽيهر (صحيح معنيٰ ۾ چوٿون ڀيرو) بنارس ۽ ڪلڪتي وچ ۾ پروگرام ۾ ڪن ڏينهن جي وٿيءَ ڪري ڪلاڪارن سميت گؤهاٽيءَ وياسين. ديديءَ سان ريس پڄائيندي اچنتائيءَ مونکي ۽ ڪڪيءَ کي ٻين ڪلاڪارن کان هڪ ڏينهن پوءِ هوائي جهاز ۾ اُماڻيو. اُن ڏينهن بارش زور سان پيئي هئي. مونکي اونو هو ته هوائي جهاز نه رد ٿي وڃي. پروگرام ٿي نه سگهڻ جي آنڌمانڌ مونکي بيحد ستايو. پر پوءِ ڪلاڪ ليٽ سهي، هوائي جهاز چٽو ۽ ڪلڪتي ۾ پهچي رهجي آئي. ڪلڪتي ۾ به رستا پاڻيءَ سان ڀريل هئا ۽ لکمي ڪلاڻيءَ ذري گهٽ گوڏي جيڏي پاڻيءَ مان ڪار هلائي پنهنجي گهر آندو هو. سڀ ارجن زائيت پيري ته آرڪيسٽرا فلمي دنيا جي هئي، صرف مان ۽ ڪڪي ويا هئاسين. رهڻ جو بندوبست اَچنتائيءَ پنهنجي

۽ اسانجي به واقف سڃاڻ وٽ ڪيو هو. اُتان اُهي ڳوٺائيءَ
ونءِ هليو هو. هوائي جهاز ۾ ۽ هوائي جهاز ۾ اُهي هفتي بعد
پهچڻ آيو هو. اُتان اسان ڪلڪتي ميل ۾ واپس بمبئيءَ
پهتا هئاسين. ۽ ان حساب سان هڪ ڀيرو واپس ڪام اڪشا پار
ڪرڻ رهجي ويو. ڪلڪتي پوءِ به هڪ ڀيرو اچنتائيءَ جي
جيئري ۾ پاسين، ڪلڪتي ۾ پگرونتي ناواڻي نائيٽ جي سڄ پڄ
ملهائڻ جي سلسلي ۾، اچنتائي ڪلڪتي آيو ۽ اُتان
اسان سان گڏ بمبئيءَ هليو آيو. اچنتائي سيٺئي پيرا ڳوٺائيءَ
۾ سڪ پيار، آدرستڪار مهمان نوازيءَ ۽ خاطرداريءَ ۾ ڪا
ڪسر باقي نه ڇڏي، ڪن حالتن ۾ هو ديديءَ کان به ان ۾
ڏرءِ ڪٽي ويو.

اسان ڪلڪتي مان اچنتائيءَ سان گڏ ڳوٺائيءَ نه وڃي
هيڪاري هن کي ساڻ ڪري بمبئيءَ هليا آياسين جو بمبئيءَ
۾ سرينمد پگروت گيتا جي ڪئسيٽن جي رڪارڊنگ لاءِ اسٽوڊيو
اڳ ئي بڪ ٿيل هو - اهو چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته
ڪلڪتي وڃڻ ڪري اها رڪارڊنگ اسان اڌ ۾ ڇڏي هئي،
۽ جڏهن ڪئسيٽن جي رڪارڊنگ جو ذڪر نڪتو آهي، سهج
سڀاءَ ته سپاويڪ ڪئسيٽن جي جڳت ۾ ڪڪيءَ جي گهڙڻ ۽
مقبول ٿيڻ جي پيرائتي ڳالهه ته ڪريان.

هيءَ گيتا جي رڪارڊنگ جي ڳالهه ١٩٨٥ جي آهي،
ڪڪيءَ ڪئسيٽ جڳت ۾ پرويش ١٩٧٧ ۾ ڪيو. ۽ اهو به
محض اتفاق هو. جڏهن زندگيءَ جي ڪنهن به وجهه لاءِ مون
پنهنجي لاءِ ڪنهن کي به نه چيو ته ڪڪيءَ کي ڪئين به
وجهه ڏيڻ لاءِ به مون ڪنهن کي سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ ريت
ڪڏهن به نه چيو، ڪڪي مون کان وڌيڪ رضا تي راضي
رهندڙ هئي، ڪنهن به خواهش تنهن ۾ به اُمپيشن کان بنهه

آجي هئي. هڪ ڏهڳهرو پاڻ کان پاڻهي موڪ ڪمپنيءَ
جي رڪارڊنگ مئنيجر هڪ بنگاليءَ ڇوڪريءَ سان ڪڪيءَ
جي آواز جي ساراهه ڪري آيو. اُن زماني ۾ گرامو فون
ڪمپنيءَ جي هڪ هٽيءَ واري ٽڪيءَ، پابنديءَ ۽ ٻي رخيءَ
واري روش ڪسان ڏهڻا هنديءَ جسا گيتڪار - گائڪ -
سنگيتڪار ناراض ٿي ڪمپيٽ جڳت، خاص طور موڪ
ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽر جين جي اردگرد چڪر ڪاٽڻ لڳا
هئا ۽ ڇوڪري هنديءَ سان گڏ ڪن ريڇنل پاشائن جي
ڪمپيشن جي حق ۾ نه هو، هن موڪي به ڪانٽڪٽ ڪيو
۽ گهر اچي بلڪل سولي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ چيو، "پڌو اٿم ته
اوهان سنڌي ڪلچر، خاص طور سنڌي سنگيت جي بچاءَ ۽
قهلاءَ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهيو، اوهان وٽ هڪ بيجوڙ
آواز به آهي جو اوهان جي ڪاريه ۾ واڌرو به ٿي رهيو آهي ته
وڌيڪ ڪاريه لاءِ اُتساهه به ڏيئي رهيو آهي، ۽ اُها ناموَر
ڪلاڪار اوهان جي صحبت ۽ اثر هيٺ سنڌي ڪلچر جي
بچاءَ لاءِ تڪليفن ۽ ڏقتن جي پرواهه نه ڪري ٽنيءَ ٽڏيءَ
اوهانجو ساٿ ڏيندي آهي، ڪو وقت اچي اوهان عمر وڏڻ
ٿي گهٽو گهمي ڦري نه سگهو ۽ اُها گائڪا پنهنجو آواز عمر ڀر
سلامت نه به رکي سگهي - پوءِ ڇا، اهو آواز خاموش ٿيڻ
ڏيندا؟ مادرن يگ ۾ مادرن سازن سان اهو سنگيت جي بچاءَ
۽ قهلاءَ جو سلسلو هلائي ٿي جو ڪين ٿا شروع ڪريو؟ -
ڪمپيٽ جڳت ۾ اچو في الحال نه ڪمپيٽيشن پرايو. منهنجي
ڪمپني گرامو فون ڪمپنيءَ جيان راضي ٿي ته سمجهجو
اوهان جي ڪاريه جي آئينده جو بار منهنجو ٿيو..."

۽ رتوڪ گهٽڪ، جنهن هندي ڪلچرل جڳت مان ڏڪي
موڪي ڪڪيءَ، ايشو ۽ مدن کي سنڌي جڳت سان نباهڻ

جو آديش ڏنو هو، سو تازو سرير ڇڏي ڇڪر هو ۽ ڇوڙي ٻه هن جهان بنگالي هو. مون اهين محسوس ڪيو، زبان ڇوڙيءَ جي آهي، ويچار رتوڪ گهٽڪ جا آهن. مون لنمو پاسڻ چپ چاپ ٻڌو ۽ چيو، "پل رڪارڊنگ جون تاريخون طيءِ ڪريو. ان ڪئسيٽن لاءِ آءٌ ڏينهن ٻڪ ڪريو. سنگيتڪار ۽ سازيندڙن جو بندوبست مان ڪندس، سنگيتڪار ۽ سازيندڙن کي لوازمو ڏيڻ سان گڏ پگونتيءَ ڪسي ٻه واجبي اُجورو ڏجو." هن چيو، "ٺيڪ پر، مالهي صاحب جي."

مون شام جو ڪڪيءَ سان ڳالهه ڪئي، هن چيو، "سو هاڻ اوهان مونکي مئي ٻچاڻا ٻه زنده رکڻ ٿا چاهيو."

مون چيو، "سوار ٿي آهيان. تو سان گڏ مان ٻه زنده رهڻ ٿو چاهيان."

"اوهان پنهنجي رچنائن معرفت مئي ٻچاڻا زنده رهندا ئي."

مونکي شرارت سجهي. چيم، "موتيلال ٻنائيءَ جو رايو ڪون پڙهيو اٿئي، منهنجي وڏي مروڏي ۽ جيئري جاڳندي رچنا تون آهين..."

هن جي اکين ۾ شرارتي چمڪ آئي چيو، "ان ۾ ڪو شڪ اٿو؟"

۽ مون ان ڪئسيٽن لاءِ بهترين مذاقي گيت، ساکيون ۽ ڏوڙ، پڇن ۽ ڪلام چونڊيا، سنڌي سنگيت جي ۽ وسعت ۽ گوناگونيت خيال ۾ رکي ۽ رام پنجوانيءَ لاءِ جي ووڪل ڪلچر جي سلسلي ۾ اهميت واضح ڪرڻ لاءِ ٻهرين ڪئسيٽ جي شروعات پنجوانيءَ جي پڇن "آئس تنهنجي دئار داتا" سان ۽ پٺي ڪئسيٽ جي پڇاڙي پلئه ڪان اڳ پنجواڻي صاحب جي پڇن، "جهولي جهولي جهولي لال" سان ڪرڻ جي

وڃا ٿي. رڪارڊنگ به ٽن ڏينهن لاءِ هن نموني طئي ٿئي. پهرئين ڏينهن ساڪيون، لاڏو ۽ مذاقي گيت، ٻئين ڏينهن ڪلام ۽ ٽئين ڏينهن ڀڄن. اتفاق اهو ٿيو جو رڪارڊنگ ١-٢-٣ فيبروريءَ تي رکجي ويئي. وچ واري گهڙگهوري چوڏريءَ کي ٻڌايو ته ١ فيبروري ڪڪيءَ جو جنم ڏن آهي. چوڏريءَ وري چندوا اسٽوڊيو جي مالڪ ايپچنداڻيءَ کي ٻڌايو. رڪارڊنگ شروع ٿيڻ کان اڳ چوڏري موهڪ ڪمپنيءَ طرفان شاهي گلدستو ڪڪيءَ کي پيش ڪيو ۽ ايپچنداڻيءَ اڳ گهرايل وڏو ڪيڪ ڪڪيءَ کان ڪٽرايو، ٻي اختيار سازيندڙن ڌن وڄائي ۽ سنگيتڪار ناراڻ شيام ۽ ڪلاڪارن ڳاتو:- ”هئپي برٿ ڊي ٽو يُو.“ ڪڪيءَ کي پنجابي ڊريس پيل هئي، ڊبٽو مٿي تي رکي، هٿ جوڙي مون اڳيان نمي چيو، ”آشيش ڪريو“ مون به هن جي مٿي تي هٿ رکي چيو، ”شل تنهنجو آواز عمر ڀر توسان ساٿ ڏئي.“ ايپچنداڻيءَ چيو، هن جو آواز ته هنجي مٿي پڄاڻا به سلامت رهندو.“ هنجي آواز کي مٿي پڄاڻا ڪئسيٽن ۾ سلامت رکڻ جي شروعات ان طرح ٿي، پهرئين ڏينهن جي رڪارڊنگ بيحد سٺي.

۽ ٻئي ڏينهن صبوح جو ڇهين ٻڄي ...

پنهنجي گهر ٽيليفون جي گهنٽيءَ تي اُٿي ”هلو“ ڪيم ته ڪڪيءَ جو گهگهو ۽ پريشان آواز آيو. ”منهنجو گلو خراب آهي، رڪارڊنگ ڪئنسل ڪريو ته.“

مان مونجهاري ۾ اچي ويس، سڄو ڏينهن سانده ڳائڻ تي هنجو گلو گهگهو ٿي ويو هو.

مونکي ڪو جواب نه ڏيندو ڇهائين، ”چڱو، هيئن ڪريو

ديويءَ کان پڇي پڇايو ته گلي جي هڪدم ٺيڪ ٿيڻ لاءِ ڇا ڪريان؟"

سالها اڳ ناگپور ۾ ڪنور رام جي ورسيءَ ۾ آواز خراب ۽ ٺيڪ ٿيڻ جي ڏهن سالن بعد ڪنور رام جي ورسين جي دؤران ۾ ٿي هنجو آواز وري خراب ٿيو هو، جيئن تيئن ڪري ڪورس گيتن ۽ دوگانن سان، بنيادي ريت هنجي پنهنجي همت سان چار پروگرام نباهيا هئا - احمد آباد ۽ بڙودي ۾. ممبئيءَ پهچي هن منهنجي پنني ديويءَ کي فون ڪئي هئي، هن کي اڳ ئي خبر پئجي چڪي هئي ته منهنجي ڏاڏيءَ کان بدل ڏس ۽ نسخا هوءَ ڪڏهن ڪڏهن آزمائيندي هئي. هن چيس، "املداس جو ڇاتو آزماءِ، سنڌ ۾ سيندداس طبيب ڇاتيءَ ۾ بلغم جي بڌجي وڃڻ تي ڏيندو هو." ڪڪيءَ مون کان پڇيو، "املداس جو ڇاتو ڇا ٿيندو آهي؟" مون چيو، "ڪنهن پڌايئه؟" چيائين، "اِها ڳالهه ڇڏيو، اوچيرام پساريءَ وٽ ضرور هوندو، هيئنر جو هيئنر وٺي اچو."

مان اوچيرام پساريءَ وٽ ويس، هوميوپٿي دوائن جو ڪو اثر هن جي گلي تي نه ٿيو هو، ان پيري. اوچيرام جو ڪرڙوي وارث وينو هو، سڃاڻندو هو مونکي. چيائين، "ڇاتو اُلهاسنگر ۾ ڪنهن حڪيم کان ملندي ته ملندي، ممبئيءَ ۾ خراب گلي ۽ ڇاتيءَ لاءِ هيءُ علاج هلندو آهي." هڪ ڏنڊڻ جيتري سنهي ڪاري لٺ ڏنائي چيائين، جنهن لاءِ ڪپهئي ٿوري ٿوري ڏري چوسائينس. ياد رکه گجراتي پساري هنکي چوندا آهن "جيري ڪا سيرا."

"جيري جو سيرو" ڪڪيءَ ڪي سالن جا سال چڱو ڀاءُ پيو. پاڻ ئي پڌايائين ته اِهو ڏس هنکي ديويءَ ڏنو هو.

موُن فون تي ياد ڏياريو مانس، ”جهري جو سيرو...“

هن اڌ ۾ ڪٽي ويچارن جهڙي آواز ۾ چيو، ”اهو اٿر ٺٺو ڪري...“

ديوي معاملو سمجهي منهنجي پرسان اچي ويٺي هئي. موُن فون جو چونگو هن جي هٿ ۾ ڏيندي چيو، ”ڪڪي آهي، گلو خراب اٿس، ڪو ٺٺون نسخو ٻڌائيس. رڪارڊنگ ڪئنسل نه ٿئي ته سٺو، موڪ وارن تي خراب اثر وجهندو.“

ديويءَ چيو، ”ٻڌ ڪڪي، مان حاذق حڪيمياڻي ته ڪانه آهيان، سو وڏيءَ کان ٻڌل نسخو ٿي ٻڌايانءِ. لاڏن ڳائيندي منهنجيءَ نڻان جو آواز خراب ٿيو هو هڪ ڀيري - منهنجي وڏيءَ سس چيس، ”لوڻ پاڻيءَ جون غرغرون ڪر ۽ گرم کير ۾ هيڊ چپٽي وجهي پيءُ.“ هن جو گلو ٺيڪ ٿي ويو. تون بس ائين ڪري ڏس. ٻيو ڪسان وڌ واٽيئي ويساهه...“

مان عجيب رشتن ناتن جي عجيب ڳنڍ تي حيران هوس - دادن، ديوي، ڪڪي.

ٻئي ڪان ويهه وڌ وئي نڪتو. ڪڪيءَ اسٽوڊيو ۾ پهچي چيو، ”گهڻو گهڻو فائدو آهي. ڪلاسن بدران پڇن رڪارڊ ڪرايو اڄ. ٻهرين ڪو ڪورس وارو پڇن ڪٺو...“

موُن اسٽوڊيو جي مالڪ - رڪارڊسٽ چندرا کي چيو، ”ڪڪيءَ جو آواز ٺڪل آهي، اڄ پڇن ٿا ونون“

هوُ ضد تي چپائين، ”ڀڳونتيءَ جي آواز کي مان سڃاڻي ويو آهيان، جيترو ڳائيندي اوترو هنجو گلو کلندو، ٻهرين پڙ ڪو سؤلو ڪلام چونڊ...“

ڪڪيءَ ته توڪل جو ترهو ٻڌي، ٻاٽل ۾ آندل هيڊ چپٽيءَ وارو کير اڌ گلاس ڪن وري پيتو ۽ شروع ٿي ويئي. ڪنهن کي

سمڪ نه پيئي ته هنجو صبوح سوير تائين گلو خراب هو! اڳ ۾ اِسٽيج هن سان اؤکي ۾ رهائيندي آئي هئي، اَڄ اسٽوڊيو ۾ به هن جي رهجي آئي.

گراموفون ڪمپنيءَ جي اعتراض وٺڻ جي انديشي کان پهرين ڪئسيٽ سينگاپور مان رليز ٿي جتي ڪاپي رائيٽ ۽ مناپليءَ کي قانوني طور ڪا معنيٰ ڪانهي.

پوءِ جين همت ڪري ٻئي ڪئسيٽون بمبئيءَ مان رليز ڪيون. چڱي ڏوم متي ٻنهي ڪئسيٽن جي، هڪ ۾ مذاقي گيت هئا ۽ ٻئين ؛ ٻيءَ ۾ مکيه ريت ڪلام هئا، دمادم مست قلندر ۽ جهولي لال جو ترانو ۽ ٻيا.

موهن سترام روهڙا کي به انهن ڪئسيٽن ۾ ڳائڻ جي آڇ ڪئي هئي. هوءُ منهنجي ئي اتفاق سان اڀندو هو، باقي گراموفون رڪارڊن ۽ ريڊيو لاءِ ڳائيندو هو، فلمي جڳت مان وقت ڪڍي. هوءُ ڪئسيٽن ۾ ڳائڻ لاءِ راضي نه ٿيو- "گراموفون ڪمپني ناراض ٿيندي." جتي موکي به انديشو هو ته گراموفون ڪمپني ڪڪيءَ تي به ڪو قدم کڻندي ۽/يا هنجو بائڪاٽ ڪندي تني گراموفون ڪمپني به ڪڪيءَ جو آواز رڪارڊن لاءِ ڪتب آڻيندي رهي. مرلي منوهر سروپ چيو، "مالهي جي، جيستائين مان رڪارڊنگ مئنيجر آهيان تيستائين پگوتني جي تي ڪمپني ڪو قدم نه کڻندي." اِهو هو ڪڪيءَ جي لوڪ پريتا جو پرتاپ.

اِن پرتاپ جو اِهو به اثر رهيو ته اِن بعد گراموفون ڪمپنيءَ جيڪي ٽورا ايل. پي. رڪارڊ ڪڍيا تن ۾ ڪڪيءَ جو آواز هوئي.

١٩٧٨ ۾ ٻه دفعا وديش ياترا ڪئي سين- جولاءِ آگسٽ ۾ جپان ۽ هانگ ڪانگ ۽ نومبر ۾ گرو نانڪ جنم اُتسؤ لاءِ دبئيءَ.

دٻئيءَ اچي ١٩٧٠ ۾ به ويا هئاسين. ١٩٨١ واري ڏور يورپ ۽ ١٩٨٦ ۾ يورپ ياترا ڪئي - انهن وديشي ياترائن جو سربستو احوال زندگي رهي ته الڳ ڪندس. هت ايترو چوڻ ڪافي آهي ته سنڌ - هند کان ٻاهر سنڌيت ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ چاهه گهڻو گهڻو وڌيڪ آهي. وديشن ۾ رهندڙ سنڌين جي ڏڄي ۽ نرالي سڀيتا جا نشان آهن ۽ وديشن ۾ سنڌين وچ ڀائيچارو به وڌيل آهي، سنڌن گڏيل سوشل لائيف به آهي ته هڪ ٻئي کي اوکي سوکيءَ ڪم به ايندا آهن - انهن ڏنڌي ۾ چٽاڀيٽي ۽ ڇڙهت دخل انداز ضرور آهي پر حسد ۽ ساڙ ٻيچ گهڻو گهٽ ۽ صرف ڏنڌي تائين محدود آهي.

ڪئسيٽ جڳت ۾ انڊيا بڪ هائوس وارا وڏي پيماني تي گهڙيا، هنن ڪئسيٽن ڪڍڻ لاءِ الڳ ڊپارٽمينٽ کولي، جنهن جي ڏيڊ ٽيم ميدان ۾ آندو - امر ناد. ان جو انچارج هرگوبند ميرچنداڻي شاستريه سنگيت کي سلامت رکڻ جي حق ۾ هو ۽ هن سنڌيءَ ۾ به جيڪي ڪئسيٽون ڪڍيون تن ۾ لوڪ سنگيت نه هو، مگر ڪمپنيءَ جي آرٽڪ نوازن لاءِ لوڪپريه گائڪن گائڪائن طرف نهارڻ پيو، سڀاويڪ هو ته هو ڪڪيءَ ۽ هنجي ڪري مون ڏانهن متوجهه ٿئي. مون سنگيتڪار طور سي. لکميچند کنيو. سنڌي سنگيت جڳت ۾ هيءَ ٽه موڙتي به ياد رهندي - گائڪا، سنگيتڪار ۽ پيش ڪندڙ. مون امرناد طرفان سنڌي سنگيت جي ورائٽيءَ جا هڪ ٻئي پٺيان چار ڪئسيٽ ڪڍيا. ان بعد مونکي سکمني سنگيت ۾ رڪارڊ ڪرڻ جو ويچار آيو، شايد ديديءَ سان امرتسر ڏسي اچڻ جو من تي من ۾ زنده اثر هو ايو. سي. لکميچند جي محنت، ڪڪيءَ جي آواز ۽ ضيا صاحب جي سليس سنگيت ميٽر واري انواد واقعي سنڌي جڳت کي

اَمر سوغات ڏني، سڪمني ڪنسيٽن جي روپ ۾، نوجوان رميش ٽنڊوراڻي جي پيءُ جي جئه هند اليڪٽرانڪس معرفت گهٽي ۾ گهٽا رڪارڊ وڪامندا هئا. رميش جو ڌيان ڪنسيٽن طرف ڪڇيو ۽ هن به سنڌيءَ ۾ ڪنسيٽن جي شروعات ڪڪيءَ سان ڪئي. مان اَمرناد سان گڏ ٻيءَ ڪمپنيءَ سان جڙڻ جي حق ۾ ڏاڍو دير سان مڙيس – سو به ڪڪيءَ جي وقت به وقت جوان جي ساندہ چاهنا ۽ پيرن پرڻ تي، جئه هند اليڪٽرانڪس سان ناتو جوڙيو ۽ نڀاهيو. هن پيري مون ٻهرين چار ڪنسيٽ طي ڪيا – پڇنن جو، لاڏن جو، ڪلامن جو ۽ ٻ سڪو گيتن جو. ڪڪيءَ ۽ منهنجي اَٽوٽ سهڪار جي دائري ۾ لڪميچند به هم‌شريڪ بڻيو رهيو. ميرچنداڻيءَ جيان رميش به گيتن جي چونڊ ۽ ڪنسيٽن جي ترتيب لاءِ مونکي هر طرح خود مختيار ڇڏيو.

۽ گيتا، سڪمنيءَ جهڙي ۽ جيتري ڪامياب نه رهي، مونکي هڪ ڪارڻ سمجهيو ۽ سنڌين ۾ گرواڻي گيتا کان وڌيڪ لوڪپريہ آهي، گرن ۾ سنڌين جو صدق سلامت رهندو آيو آهي. لڪميچند کي ٻيو ڪارڻ سمجهيو، ضيا دلگير کان وڌيڪ سليس به آهي ۽ سنگيت ميٽر سان نڀاهيندڙ آهي.

سڪمني سک سان پوري ٿي، گيتا جي رڪارڊنگ شروع ٿي ته ڪڪي جس لوڪ ۾ داخل ٿي...

ڪڪيءَ جي جس لوڪ داخل ٿيڻ کان اڳ، در حقيقت اَمرناد وٽان ٻهرين ڪنسيٽ لاءِ تاريخن طيءِ ٿيڻ جي دوران ۾ منهنجي پتني، ديوي راهه رباني وٺي رمندي رهي. عجيب رشتن ناتن جي عجيب زنجير جي ٻهرين ڪڙي ٽٽي پيئي، تنهن بعد ٽٽڻ جو گويا سلسلو شروع ٿي ويو.

ويجهڙائيءَ ۾ هڪ وديشي مدبر جو انيؤ انگريزيءَ ۾

پڙهيم **Building of Nationalsim gets erected on Domestic ruins.** ” گهرو جيون جي کنڊهرن تي قومي / جاتي جيون جي شاهي عمارت اڏبي آهي.“ هر ديش جي ڪيترن وڏن اڳواڻن جي گهرو جيون قوميت جي ويديءَ تي سواهه ٿي ويندي آهي. اِن ۾ ڪو شڪ نه آهي ته مان شاديءَ کان اڳ ئي، درحقيقت ننڍپڻ کان گهر کان ٻاهر مشغول رهيو آهيان. ڀارت ۾ اچڻ بعد جڏهن پوءِ ڏهن مون گهر ۾ ۽ گهروارن سان ٿوراٿ اچا ٿورا پل ڪاٽيا آهن، تن مان به گهڻا آرام ۽ لکڻ پڙهڻ بدلي ڏنا آهن. پوءِ به منهنجو گهر کنڊهر نه، آدرشي ۽ گهڻو ڪجهه رشڪ لائق رهيو آهي – اِن گهرو جيون کي سنڀالڻ سنوارڻ ۽ ٻچن لوڏن کان بچائڻ ممڪن ڪيئن ريت گهرڌياڻيءَ ڪري ئي ڏيو.

ديوي قومي لهر ۽ آدرشي جيون واري ماحول ۾ پرورش پاتي – هن تي گهڻو ڪجهه ننڍڪڙي وڏي ڀاءُ پروفيسر ٿهلرام ٻلواڻيءَ جو اثر رهيو جو قومي ڀاونا، رضا تي راضي رهڻ، ڪنهن کي نه ڏکوئڻ، جنهن تنهن سان ڀلائي ڪرڻ ۽ گسي-پيسي هلڻ جي بزرگن، هم عمر وارن ۽ ننڍن کي هدايت ڪندو رهيو آهي. ديويءَ ۾ اِهي گڻ ڪن حالتن ۾ مون پاڻ کان به وڌيڪ پرچي ويا جو بنيادي ريت آدرشي ڀارتي ناري ٻڌجي پيئي. هن پرماتما جي پوڄا به ڪئي مگر مان سمجهان ٿو مان هن لاءِ پرڀوءَ کان وڌيڪ پيارو هوس.

۹ جون ۱۹۴۱ تي مان هن سان وواهه جي بنڌن ۾ ٻڌس ۽ اُن مهني جي پڇاڙيءَ ۾ مان سوڀي گيانچندا ڻيءَ جي صحبت ۾ آيس. صوفيزم جو اثر اڳ ئي هو – هڪڙائي ۽ برادري ڀاؤ جو حامي اڳ هوس، ڌيري ڌيري مارڪسواد جو رنگ پڻ چڙهڻ لڳو. سوڀي مارگ درشن ڪيو ۽ ديويءَ اُن

مارڳ تي وڃڻ لاءِ ڇوٽ ڏئي نه ڇڏيو، گهرو جيون جي فرض کان مڪت ڪري ڇڏيو، ۽ گهرو جيون جا حق سلامت رکيا، هر طرح ۽ هر وقت.

هن تي مون لاءِ هڪ ٻي سفارش به يا عمر حاوي رهي — منهنجي پيءُ دادن جي شادي ڪري وڃڻ ڌائين هوءَ منهنجي پشت و پناهه رهي هئي. منهنجي آواره گرديءَ کي هن وس ورندي منهنجي پيءُ، ماٽيلي ماءُ ۽ ڀاءُ ڀاڄائيءَ کان لڪائي رکيو، منهنجا ڏوهه پاڻ ٻلي ۽ ثواب منهنجي حوالي ڪندي هئي، ۽ ديويءَ جي منهنجي اعتراف موجب شاديءَ واريءَ رات ئي ڏٺو ته مون وٽ ڇڏي وڃڻ واري وقت اندر ئي دادن، اُن وقت منهنجي ڀاڄائي هنکي امان وٽي سڏيندي هئي، ديويءَ کي ڀاسيرو ونئي چيو، ”منهنجو ڀاءُ پيار جو بکيو آهي، منهنجي ماءُ جي امانت آهي. تون هنکي ماءُ خواه پيءُ جي امانت سمجهج. تون هنکي پيار ڏج، پيار ڏيڻي هڄيئي ته مونکي ڏج.“ دادن کي به دنيا ڇڏڻ جا پرون پيا. ڇئڄي ڪٽي هنجو ٻنيءَ جي بي رخي ۽ غلطفهميءَ ڪري جيئڻ مان موه نکري ويو ته به حيدرآباد وڃڻ کان اڳ ناروشاه اچي ديويءَ کي چئي ويئي، ”منهنجي اڙ ٻنگ مگر لاڏلي ڀاءُ جي پسارت اٿيئي...“

ديويءَ منهنجون ڪميون پيشيون نظرانداز ئي نه ڪيون، انهن بابت شڪايت به نه ڪئي. ها، ڪڏهن ڪڏهن کلي چوندي هئي ته ”مرڻ واري تنهن هلي ويئي، پيار ڪنهنکي ڏيان؟“

گهر ڪندهر نه ٿيو، ڪوسه ٻٽيو رهيو، ٿڪ لاءِ آرام گاهه، تراس جي آس، دنيا جي زخمن جو ملم ۽ اُتساهه جو سرشار

چشمو - اهي غير معمولي ۽ ڇڏهن ڪڏهن ڏرڪار نعمتون مونکي گهر ۾ ئي مليون. مان پنهنجي ڏينهن ڪي ڇڏهن ڪڏهن ڇوندو آهيان - ننڍپڻ ۾ منهنجي پيءُ ڪاريو، ڄڄائيءَ ڏانهن قدم رکندي دادي ڪاريو ۽ ڄڄائيءَ ڪانوڻي ڏيوي ڪاريو. هاڻ پڇاڙيءَ ۾ ڇا ڌڙن وارو آهيان ؟

ڏينهن وري پنهنجي مئي ماءُ جي امانت سمجهيو آهي مونکي، اهڙو ڀاڳ ڪنهن ورلي کي نصيب ٿيندو آهي.

ديويءَ مونکي اهي پيار نه ڏنو، منهنجي مڙيني پنهنجن ۽ پيارن کي پيار ڏنو، هنکي ٻئي پراون کي پنهنجو ڪرڻ جو ڏانءُ به رهيو.

جهڙي هوءَ مانسڪ طور پربل هئي تهڙي ئي سرير ڪ ريت هوءَ درپل هئي. منڍ ڪانوڻي هوءَ سو رنهن آنا صحتمند نه هئي. قبضي وڌندي وڌندي موڪن تائين پهتي ۽ گئس وڌندي وڌندي اوگرائين سان هنکي گويا دائم المريض بڻائي ڇڏيو. گهر جي جوابدارين ۽ ڪم ڪار کان هن نٽايو ڪونه، هن جو ائلوپٿيءَ کان وڌيڪ هوميوپٿيءَ ۾ وشواس رهيو - پوءِ به هوءَ ائلوپٿيءَ جي ور چڙهي ئي ويندي هئي - پهرين ڪامريڊ هاسارام راوتاڻي هنجو خاص ڊاڪٽر رهيو، هنجي آمريڪا هلي وڃڻ بعد موهن چئناڻي آخرين دم تائين هنجو ڊاڪٽر رهيو. موهن کي هن پٽ جهڙو پيار ڏنو ۽ هن به سائس توڙ تائين نڀاهيو.

وچ تي هڪ گهڙي گهڙي هنکي سينٽ جارج اسپتال ۾ به ڀرتي ڪرايو. ۽ اتي خبر پيئي ته هوءَ ڪئنسر ۾ مبتلا آهي. اتان ڪانوڻي هوءَ جيئڻ جو موهه ڇڏڻ ۽ نرموهي ٿيڻ لڳي، پر منهنجي پروگرامن ۾ اڳئين جيان دلچسپي وٺندي رهي. هڪ ڏينهن لاءِ وڃان يا هفتي لاءِ يا وڌيڪ هوءَ مڪمل وڳا نمبروار پائڻ لاءِ ٻڌگ ۾ نـاهي وجهندي هئي ۽ جنهن شيءِ

وستُن جي ضرورت پوڻ جو امڪان هوندو، اُها به ٻئگ يا ٿيلهي ۾ ڳاهي وجهندي، ڪپڙن جي چونڊ ته مون ٻمبئيءَ ۾ ڪئي، نه ٻاهر. درحقيقت اُنهن جي خريداري به مون ٻان ڪڏهن نه ڪئي. ديوي نه رهي آهي، پوءِ به هن جا منهنجي سهوليتن لاءِ ٺاهيل دستور سلامت آهن.

ٻاهر جا پروگرام وڏندا رهيا ۽ ديوي ساڳئي نموني ٻئگ ۽ ٿيلهو تيار ڪري مونکي ڏيندي رهي - گهر کان ٻاهر نڪرڻ تي هميشه جيان ٻالڪنيءَ ۾ بيهي مرڪي موڪلائيندي رهي. منهنجو ساهه ٽنگيل پوندو هو، ڇوڪيءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ڪلاڪار يا آرگنائيزرن کي ڪا سڌ پوڻ نه ڏنم. ڪي آرگنائيزر جي منهنجي پرڀت منهنجي گهر اچي نڪرندا هئا - اُهي اڪثر چوندا هئا، ”مالهي صاحب، اوهانجي پرڀت اوهانجي گهر خاطرداري وڏيڪ ٿي ٿيندي آهي. ڪي حجائتا آرگنائيزر بوريوليءَ تي لهي منهنجي گهر ايندا ۽ ديويءَ کان منهنجي پرڀت به انگوڇو ٽوال وٺي سنان پاڻي ۽ نيرن ڪري ويندا هئا. منهنجي هوندي جو حجاب هوندن سو ديويءَ جي پنهنجائي جي ورتاءَ ڪري لهي ويندو هون.

مون شوراتريءَ جو پروگرام پهرين امراوتيءَ لاءِ ڪنيو، پوءِ رائپور جي پرسان ڳلڊا جا جوان گهر ۾ ڏرنو ماري ويٺا. مان آناڪانيءَ تي، هنن ديويءَ کي چيو، ”دادا کي اوهان سمجهايو نه.“ ديوي ڪڏهن پروگرامن جي ڪٽڻ نه ڪٽڻ جي ڪرڪسي ۾ نه ڦاٿي، هن پيري چيائين، ”جوانن جي مرضي رکو نه. اوهانجي سنڌيت جي پيڙيءَ جا اڳي پوءِ اِهي ئي رکوالا ٿيندا.“ مونکي ڳالهه دل سان لڳي، مون پروگرام ڪنيو ۽ اُن بعد مون نوجوانن جي پروگرامن کي اهڙائي ڏيڻ شروع ڪئي.

ٽلبا ۾ پهتاسين ته پاٽا پاڙا جا جوان آيا. ٽلبا پهريون دفعو آيا هئاسين ۽ پاٽاپاڙا اڳ ڪڏهن نه ويا هئاسين، مون پهرين ته موٽ جون ٽڪيٽون هڪ ڏينهن اندر رزرو ڪرائڻ لاءِ چيومان ته هنن ٻئي ڏينهن رائپور ڪوٺيا مان گوبند مالهيءَ پارٽيءَ جون پنجن سليپرن جي رزرويشن جي سلپ ڏيکاري، ٻه ڳالهيون ان مان هڪ ئي وقت سڌ ٿيون، ٻاهر جي سنڌين جي هلندي پڄندي ۽ سنڌن خود اعتماد ته هو مونکي پروگرام لاءِ مڃائي ئي رهندا. مون چيو، ”نيڪ آهي، مونکي گهر فون ڪرڻ ڏيو، ڇوڪريءَ ۽ ڪلاڪارن جي گهر وارن لاءِ خاطريءَ جو نياپو ڏيڻ ڏيو...“ فون ڪيم، آواز پشپا جو هو. چيائين، ”مما بيحد بيمار آهي، اوهانجو ڏنل فون نمبر لڳي نٿو. آنٽي نانڪي چوي ٿي هنکي فورن اسپتال ۾ ڀرتي ڪرايو...“

مان بلڪل منجهي ويس. چيم، ”اوهان ڊائريءَ مان فون نمبر ڪڍي چيلارام سونيءَ کي فون ڪريو. جسلوڪ ۾ داخلا جو بندوبست ٿي ويندو، مان جلد از جلد پهچڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو...“ رائپور لاءِ تڏهن اجا ايئرسروس نه هئي ۽ ڪيتري ٻه ڪوشش سان ناگپور مان ويندڙ هوائي جهاز تي پهچڻ ممڪن نه ٿيو، ٻئي ڏينهن صبوح جو ئي ڪلڪتا ميل ۾ بمبئي اچڻ ممڪن هو. پاٽاپاڙا پروگرام ڏنو- دل تي پٿر رکي، شومست گو آن. گهر پهچي سڌو اسپتال ويس ته ديويءَ چيو، ”سنان پاڻي ۽ نيرن ڪري سانهه ستيءَ سان اچو ها نه، مان اوهانجي پرپٺ مرڻ واري نه آهيان. مون ڪو به پاري ڏوهه نه ڪيو آهي جو اهڙي ڀاري سزا ملي.“ اهو هو پارٽي ناريءَ جي روپ ۾ هنجو وشواس.

ڇهن ڏينهن بعد ڄمپور ۾ وڃڻو هو- اتي به شوراتريءَ

جي سلسلي ۾ ٿي پروگرام هو، شورانيءَ کان ڏهه ڏينهن پوءِ! ڪڪيءَ چيو، ”اوهان نه هلو. اوهان کانسواءِ جهڙوڙ ۾ سٽن اٺن هزارن ٻڌندڙن اڳيان پروگرام ڏيڻ آهي امتحان - سو به ڇهرو ٿهڙو نه. پر اوهان جي آسيس سان ڏيئي چڙهنداسين.“

ديويءَ کي ڪنهن ٻڌايو، هنجو آپريشن ٻه ڏينهن اڳه ٿي چڪو هو. چيائين، ”نه ٻاڻ ڪمزور ٿيو نه مونکي ڪمزور ٿيڻ ڏيو. ٻه ڏيئر آهن، موهن (ڇنناٽي) آهي، ناڻڪي (پائنٽي ڊاڪٽر) آهي. ۽ هاڻ ته ناني به آهي، سڀ کان وڌيڪ مان وڃڻ واري هوندس ته اوهانکي ڪيڏانهن وڃڻ ٿي نه ڏينديس. منهنجو قسم اٿو، پروگرام تي وڃو. ڪڪي اڃا ايڏيءَ لائقيءَ نه رسي آهي جو اوهان ڌاران پبلڪ پروگرام ڏئي ...“

ها، هن جي هڪ مراد پني هئي، اسان وڏي ڏيءَ شويا اُڪلا ٿي گنگا سنان ڪيو هو. جمنا سنان، ننڍي ڌيءَ کي شينهن ڪلهي چاڙهڻ باقي آهي.

هوءَ اِسپتال مان ڪٿي ڇٽي آئي پر وڃي ٻوٽي ٻوندي. پوءِ به ٻاهر جي پروگرامن لاءِ ٻئگه ٿيلهو تيار ڪندي، بالڪنيءَ مان مرڪي موڪلائڻ لڳي. هڪ ڦيرو پيو آيو هو، هوءَ هٿ سان ٽاٽا ڪرڻ به لڳي هئي!

٢٧ جنوري ١٩٨٠ تي ٽي پروگرام هئا اسانجا، صبوح جو سادي ڏهين ٻجي ڪي. جي. ڪلناٽي اسڪول ماهيم ۾، هڪ ٻجي ڪار ۾ ۽ طيءِ ٿيل هو ته سابي ٽين ٻجي دادر مان ناسڪ لاءِ وڏي ٽئڪسي ڪري پنج ئي ڪلاڪار گڏ وينداسين. رات جو ڏهين ٻجي شاديءَ جي ٻڪيءَ جو پروگرام هو. اُن زماني ۾ پروگرام زوري مڙهيا هئا، اسان مٿان، ۽ چاڪاڻ

ته ڪڪيءَ جي زندگي ۽ ڳائڻ ساڳي ڳالهه ٻڻجي چڪا هئا.
ڏور ٻاهر اڳيان جهڪڙو اُڀي ٿي پيو.

٢٦ جنوريءَ تي اسانجي سوسائٽي ڪمپائونڊ ۾ سال بسال ٿيندڙ ٻارن جي راندين ۾ ديوي بلڪل سرهي هئي. هيمنت لهي ويئي هئي اڃي، سوسائٽيءَ جو چيئرمن مان هوس، شام جو پارٽيءَ جو ٻه چڱو آغ پاڻ ۽ هن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪيائين. ٢٧ صبوح جو هوءَ بستري تان اُٿي ڪانه، ليٽي رهي ۽ لڳو پئي اڱن ۾ سور اٿس.

مان سنان پاڻي ڪري تيار ٿيس، نيرن ٻه منهنجيءَ پيرڻ مونکي آڻي ڏني. ناسڪ لاءِ ٽيلهو ٻه تيار صوفا ڪم ٻيهڻ تي رکيل ڏٺم. پر ديوي جا هونءَ وقت جي پابنديءَ لاءِ تاڪيد لڳائيندي هئي، اُها خاموش ليٽي پست ڏانهن نهاري رهي هئي.

مون ساڍي نوين ٻجي ڪڪيءَ کي فون ڪيو، ”تون پاڻ ٽئڪسي ڪري ساز کڻي ماهيم وڃ، پروگرام فون ڪجو... ديويءَ جي طبيعت ٺيڪ نه آهي... ڪيتري؟ چوڻ مشڪل آهي... هڪ پروگرام نباهيو، ان وچ ۾ خبر پئجي ويندي، گڏ اڪ.“

ديويءَ جي ڏک درد جو اندازو لڳائڻ واقعي ڪٺن هو. هن ڪا دانهن ڪوڪ نه ٿي ڪئي، ڪنجهي ڪرڪي به نٿي، پر هن جي چهري جي پاؤن مان لڳو پئي ته هن کي تڪليف گهڻي هئي.

موهن آيو، سُئي به هڻي ويو ۽ گوريون به ڏيئي ويو. چيائين، ”ٽنگن ۾ سور وڌندڙ اٿس.“

مون سان هوءَ بلڪل خاموش هئي، سئيءَ بعد پڇيو مانس، ”ڪيئن ٿي پائين؟“

جهيڻي آواز ۾ چيائين، ”سور گهٽجڻ لڳو آهي.“ هن پاسو ٻئي طرف بدليو.

مان سمجهي ويس ته ڪو فائدو ڪونه ٿيو اٿس.

آرتوار جو ڏينهن هو اهو. ٻنهي ڌيئرن کي موڪل هئي. شويا پنهنجي گهر هئي، پشپا پهرين بلوائيءَ جي ڌيءَ ڊاڪٽرياڻي نانڪيءَ کي فون ڪئي. هن پاڻ وٽان ڪي گوريون گهرائڻ لاءِ چيو. ائين به چيائين، ”ضرورت سمجهو ته مان پاڻ اچان.“ ديويءَ چيو، ”هوءَ ڇا اچي ڪندي؟ هڪ ڊاڪٽر موهن ئي ڪافي آهي.“ پشپا پنهنجي ڀيڻ کي ڪوٺي آئي. هوءَ به ماءُ جي حالت ڏسي پريشان ٿي وئي، هوءَ بيٺي پير ئي باندرا مان نانڪيءَ کان گوريون وٺڻ وئي.

ديويءَ جي منهن مان ظاهر هو ته هوءَ سور ڪري لڇڻ ڦٿڪڻ تي به ضابطو رکي رهي هئي.

ڪڪيءَ جو ٻهرئين پروگرام بعد فون آيو. چيومانس، ”بدتر حالت اٿس، ٻيون پروگرام ڏيئي فون ڪجو.“

موهن وري آيو، ان وچ ۾ هن ڪنهن وڏيڪ هوشيار ڊاڪٽر سان صلاح ڪئي هئي، ظاهر هو ته ديوي صرف موهن سان پنهنجي حالت بابت سچ سلي رهي هئي، موهن ٻين سئي هنکي لڳائي، چئي ويو، ”اڌ ڪلاڪ بعد گلوڪوس چاڙهيندو سانس.“ جڏهن موهن وري آيو ته مون بيماريءَ جو هن کان پڇيو. هن چيو، ”اها ئي آهي، جيڪا مون سمجهي پئي — سيريئس ڄاڻندس. سائي ڇمڙيءَ دوران ظاهر ٿيڻ بدران رت ۾ هلي وئي آهي...“

مان ڪجهه چوان نه ئي چوان، هن چيو، ”گلوڪوس بعد ڏسون ٿا. جي بدن جي سور ۾ فائدو نه ٿيو ته ڪنهن

ايڪسپرٽ کي گهرائيو، هڪ سان مون فون تي ڪنسلٽ ڪيو آهي ... ”

هوءَ گلوڪوس ۾ چاڙهي ويو.

وري ۾ فون تي ڪڪيءَ ٿي ڳالهايو. ” ديوي هينئر ڪيئن آهي ؟ “ مون پڇيو، ” جيترو پوڳي ٿي، اوترو لڳائي نٿي. اوهان ناسڪ وڃو، اتان فون ڪجو ... “ مون فون جو چونگو رکي ڇڏيو. مونکي خبر هئي، مان روئندس يا نه، هوءَ روئي پوندي، هنجو گلو ڀرجي آيو هو.

سايا ٿي لڳا هوندا، گلوڪوس جي باٽل پوري ٿي چڪي هئي، ديوي ڪافي سرهي پئي لڳي. ائين مرڪي مون طرف ڏٺائين، ڄڻ چئي رهي هئي، ” ڪيئن، روڪي رکيو ٿي ماڻو نه. “

اوچتو هوءَ اٿي ويٺي، چيائين، ” سنڌاس ۾ وڃڻو اٿم. “ هن اٿي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي. پشپا هنکي ٻوڙي اچي سنڀاليو، هن ڪيس بستري تي اُئي ڪجهه به ڪرڻ جو چيو. پئي ڪي تڪليف نه ڏيڻ جو ضد اڃا به سلامت هو، هن جي من ۾. پشپا هنکي سنڌاس ڏانهن وٺي ويئي. هوءَ اتان اٿي، ڪمري طرف آئي پئي ته هڪ ڪؤڙي رڙ هن جي وات مان نڪري ويئي، هوءَ پشپا جي سهاري باوجود، ڪرڻ تي هئي جو مون هنکي سنڀاليو. رانڊئي مان پيڻ به اچي ويئي. ٻنهي سنڀالي صوفا ڪم بيد تائين هنکي آندو. مون ويهي، هن جو مٿو گوڏن تي رکيو مس ته هنجون ٻئي ڄاڻ اکيون منهنجي منهن ۾ اُئي کپجي بيهي ويون. مون کان رڙ نڪري ويئي: ” الا، هيءَ ڇا ٿيو ؟ “

مان اچي روئڻ ۾ ڇڙڪيس ...

ڪي ڏينهن پوءِ سوچيم - عجيب آهي هيءَ دنيا،

تنهن ۾ به استري پُرش کان پرٻل آهي. ٻارن کان ئي، ننڍڙو هوس، ماءُ وڃائي هيم، تڏڙيءَ دادن روئندي مونکي پرچايو هو. ماءُ جي وڃائڻ بعد پنهنجا ۽ ڌاريا روئي به رهيون هيون مونکي پرچائي به رهيون هيون، منهنجي ڀيڻ روئي به رهي هئي، موت بعد جي ريتين رسمن کي به منهن ڏيئي رهي هئي!

۽ اِئين به سوچيندو رهيو آهيان، اڪثر، ”هوءَ پوئين ڏينهن تي مونکي پروگرام تي وڃڻ ڏئي ها ته مان پاڻ کي ڪڏهن به معاف ڪري نه سگهان ها. پوءِ پارٽي ناريءَ جي اِها تمنا پوري نه ٿئي ها ته هوءَ سهاڳڻ جي هٿن ۾ ساسين سڪائي ٿي ...“

هنکي دنيا مان ڪوچ ڪرڻ جا پورا پنجي ويا هئا ته به مونکي اڃان روڪي نه ويهاري ها.

ڪڪيءَ کي اهڙا پورن ڪي سال پوءِ پيا، ۽ اِهي ڪي سال هوءَ مشغولين جي چڪرويوهه ۾ منهنجي همراهه ئي نه رهي، وڌيڪ کان وڌيڪ ڪاريه جي مقصد کي پنهنجو به سمجهندي رهي ۽ اُن سان اڃا به وڌيڪ شخصي چاهه سان نباهڻ لڳي.

ڊيويءَ جي هميشه هميشه هلڻ وڃڻ جي ٻارهين واري ڏينهن آمرناد وارن کي ڪڪيءَ جي ٻهرين رڪارڊنگ لاءِ ويسٽرن آئوٽ ڊور اسٽوڊيو مليو هو- اُن ڏينهن لاءِ، هنن وٽ مهنو ڪن بيون تاريخون خالي نه هيون. ڪڪيءَ اِن وچ ۾ ئي بيا پبلڪ / خانگي پروگرام مون کانسواءِ نباهيا هئا ۽ هاڻ مون کانسواءِ ٻهريون دفعو ڪئسيٽ جي رڪارڊنگ نباهڻ جي تياري ڪرڻ لڳي. مون ٻهرينءَ ڪئسيٽ ”تنهنجو ئي آڌار“ لاءِ ڳائڻ جي وچور فون تي ڪڪيءَ ۽ لڪميچند کي ڏني هئي؛ رڪارڊنگ واري ڏينهن تي صبوح جو ساڍي اٺين بجي لڪميچند باندرا مان ئي ٽئڪسي ڪري ڪڪيءَ کي اسٽوڊيو

وٺي ويو، ڪڪيءَ فون تي مون کان ”آسيس“ گهري ورتي.

مان اُن ڏينهن ڇنڇر ڏهين شام جو اسٽوڊيو ۾ ويٺس، ست پنج رڪارڊ ٿي رهيا هئا، ۽ رڪارڊسٽ لڪميءَ سان ڪڪيءَ جي آواز ۽ ادائگيءَ سان گڏ هن جي اسٽمينا (اندرين شڪتي) جي ساراهه ڪري رهيو هو. لڪميءَ چيو، ”مان هن ڳائڪا کي ڪونه ڏيندو آهيان هنتر.“ اوچتو، مون تي نظر پوڻ تي رڪارڊسٽ کي چيائين، ”هيءَ آهي هن پرونت جو هرتا ڪرتا...“ ۽ ڪڪي جوابداري کڻي ورتي مون کي چست ۽ قوت ئي نه لڳي، مرداني لڳي. اچانڪ مون کي ملڪاڻي صاحب جا ڪلڪتي ۾ ڪڪيءَ جي سنگيت پروگرام ڏيندي اهي لفظ ياد آيا، ”مالهي، هيءَ نازڪ نينگري تہ هاڻ مڇي مڙس ٿي پيئي آهي.“

۽ سنڌي ايڪانڪيءَ جو ابو، ساهت - سنسڪرتيءَ جو پاسبان ملڪاڻي صاحب اُن ئي سال ١٩٨٠ جي ڊسمبر ۾ راهه رباني وٺي رمندو رهيو. سنڌي ساهت جي ديوتا شخصيت ۽ سنڌي ساهتڪارن - ڪلاڪارن لاءِ اُتساهه جو سرشار چشمو منگهارام ملڪاڻي ساهتيڪ ۽ سنسڪرتڪ برادريءَ ۾ ڪنهن جو اُستاد ٿي رهيو، ڪنهن جو پيءُ ٿي رهيو، ڪنهن جو وڏو پاءُ ٿي رهيو. هو هر ڪنهن جو خير خواهه هو ۽ ساهتڪ سنسڪرتڪ ناتن کي شخصي ناتن ۾ بدلائڻ ۾ جهڙس پيو ڪو ورلو ٿيندو.

١٩٨٠-٨١ ۾ ڪڪيءَ جو چئن ڏهي کٽي راڄ سان روزمره جو ناتو جڙي ويو. پروگرام، آڪاشواڻي، دور درشن، رڪارڊ، ڪئسيٽون ۽ ريهرسلون. ان وچ ۾ لنبي وديش ياترا هانگ ڪانگ (پيهر) منيلا، تائپئي، سينگاپور، جاڪرتا ۽ بانڊونگ جي

ڪري آيا سين. ڪڪيءَ جي منهنجي پرپٽ سينگاپور جي
مکيه آرگنائيزر ارجن پران سان ”سازش“ ڪري ئي منهنجو
ايڪهٺون جنم ڏينهن شاهي ڪيڪ ڪٽڻ سان ۽ ”هئپي برٿ ڊي
ٽو يُو“ ڳائڻ سان سينگاپور ۾ ڌام ڌوم سان ملهايو ويو، ۽
اُن ئي سال ڪيرت، ديال موٽوائي، هنس ۽ مست جي
زور ڀار تي مون پاليتاڻا ۾ سڀا جو پريزيڊنٽ پد
قبوليو هو.

سنڌي سياسي ۽ سماجي کيتر ۾ پارليامينٽ ميمبر بڻجڻ
بعد آچاريه ڀڳوانديو گمناميءَ مان روشنيءَ ۾ اچڻ تي اُنهن
ڏينهن ۾ خوب چمڪيو هو، هن منهنجي سنگيت پروگرامن
۾ دهليءَ ۽ ٻين هنڌ سنڌ ۽ سنڌيت جي فصيح زبانيءَ سان
حمايت ڪرڻ به شروع ڪئي هئي. پاليتاڻا ساهت سميلن جو
مهورت هن کان ڪرايو ويو هو ۽ سميلن بعد هو، ڪڪي ۽
مان هڪ ڪار ۾ احمدآباد آيا هئاسين ۽ اُتان ئي هوائي جهاز
۾ دهليءَ ويا هئاسين. ويستن واري سنڌو وچاڻيءَ جي پٽ
جي شادي هئي، ڪڪي اِن سفر ۾ گهڻو تڻو خاموش هئي.
آچاريه ۽ مان ڳالهائيندا رهيا هئاسين - ورلڊ سنڌي ڪانفرنس
جو ويچار اُن وقت آچاريه جي دماغ ۾ گهميو هو. ۽ اُن کي
حقيقت بڻائڻ لاءِ مون هن کي سنڌين جي رهنمائيءَ لاءِ
گڏيل (ڪليڪٽو) اڳوانيءَ جو آئيڊيا ڏنو هو. ڪي سال پوءِ
دهليءَ ۾ اهو ورلڊ سميلن اڌو ڳاڀري ڪاميابيءَ سان ٿي
گذريو. مان ۽ ٻيا ذري گهٽ سڀ ناميارا ساهتڪار اِن ۾
شريڪ نه ٿيا. چئجي، اسان اِن جو بهشڪار ڪيو ۽ ڪڪيءَ
به سنڌو وچاڻيءَ ۽ ٻين طرفان زور ڀار تي شرڪت نه ڪئي.
منهنجي ڪري ئي نه پنهنجي ڪري به، هوءَ سياسي اڳوانن
طرفان ساهتيڪ ۽ سنسڪرتڪ کيترن ۾ دست اندازيءَ جي

حق ۾ نه هئي. جيتوڻيڪ دهليءَ ۾ هوندي آچاريه جي لوڪ سڀا ۾ سنڌيءَ ۾ تقرير ڪرڻ تي هن جي بنگلي تي مونکي ۽ ديديءَ کي ساڻ ڪري خاص گلدستو پيش ڪرڻ هليا هئي، ۽ گلدستي پيش ڪرڻ جو ويچار هنکي پنهنجي سر آيو هو!

١٩٨٠-٨١ جي مشغولين جي چونڊيءَ وارن ٻن سالن ۾ ڏاڍي بيحد خوش رهي - من ڪري ۽ چاڪاڻ ته هوءَ من جي اڇا شڪتيءَ سان ئي تندرست رهندي آئي هئي، هوءَ ڪٿت ڪري به سرهي لڳندي هئي. الائي گهڻا ڀيرا چيائين، ”اوهان مون ۾ جيئڻ جي موهه کي اُجاگر ڪري رهيا آهيو.“ سکمنيءَ جي ڪتيبن نکرڻ تي ته، هوءَ گويا ڦولي نٿي سمائي. هن کي جڻ ته پر لڳي ويا، ويتر جو لکميچند چيس، ”پڳوتني، تو سان گڏ دادا ۽ منهنجو جنم به سڦيارٿو ٿيو آهي.“ مونکي ياد آهي، خوشيءَ وچان هنجون اکيون اشڪبار ٿي آيون هيون!!

پنجواڻيءَ جو سٺو جنم نومبر ١٩٨١ ۾ ملهايو ويو ته ڏاڍي بيحد خوش. هنکي صرف اِهو ارمان هو ته اُهو محدود جڳهه ۾ گهٽ ۾ گهٽ حاضرين وچ ملهايو ويو هو، جيئڻ جو هنجو پنهنجو موهه برقرار هو ۽ اِن ڪري هوءَ ١٩٨١ جي ڊسمبر ۾ اسپتال جو لڪ سولائيءَ سان لنگهي چڙهي.

در حقيقت اِهو لڪ هن لاءِ پنهنجي جيون جي پڄاڻي ٿيڻ اتفاق ۾ من ڪري مهانگي ۾ مهانگو هو.

اُن ڊسمبر ۾ شادين جي ڌوم هئي ۽ اسانجي هڪ هتي زور هئي. اوچتو ڏاڍيءَ ساهه کڻڻ ۾ دقت محسوس ڪرڻ شروع ڪئي. عجب اِهو ته پروگرامن ۾ ڀاڱيندي هنکي اِن دقت جي سمهڪ به نه رهي. هڪ آرتوار تي مها لڪشميءَ

جي ساڏيهلي جو پروگرام به مون کان وڌيڪ ڪڪيءَ ئي
مڙهجي ويو. اُني هنجي ڪٽنب جو گهرو واقف ڊاڪٽر
موهن ڪلناڻيءَ کي اچي نڪتو. ڪڪيءَ چيو، ”ڊاڪٽر موهن
سان صلاح ڪريان؟“ مون چيو، ”ڀلي.“ ٻئي ڏينهن سومر
تي ڪلناڻيءَ جي اسپتال ۾ وياسين. هن چيو، ”سپاڻيءَ
هارٽ سپيشلسٽ ڊاڪٽر للا جو هندوجا اسپتال ۾ وارو آهي،
ڏيکاريوس. هروڀرو ڏڄڻ جي ڳالهه ڪانهي.“ اهو سومر هو
۽ جمع ڏينهن اسانکي پورٽ اُسوسئيشن طرفان منائجڻ واريءَ
”پکو نتي ناواڻي“ ناٽيڪ ۾ ڀرو وٺڻ لاءِ نڪرڻو هو، هڪ
گهڙگهڙو، ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن جي پوري خبرچار ۽ اثر رکندڙ
ڪڪيءَ وٽ اچي ويو، منجهند جو هو به ڪلڪتي هلڻو
هو. چيائين، ”سپاڻي ڇو، اڄ ئي ڊاڪٽر للا جي پرائيويٽ
ڪنسلٽنگ روم ۾ هلون.“ مان به هنن سان گڏ ويس، مان
ٻاهرين روم ۾ ترسيس، پندرنهن ويهن منٽن کانپوءِ ڪڪي ۽
گهڙگهڙو ٻاهر نڪتا. گهڙگهڙي چيو، ”ڊاڪٽر چيو ٿو،
”هينئر جو هينئر جسلوڪ ۾ ڀرتي ٿئي، مانيٽر تي جاچ
ڪري، ٻن ڏينهن اندر علاج ڪري هنکي ڊسچارج ڪندس،
پڙ ڏينهن اسپتال کان ٻاهر ۽ جمع ڏينهن ڪلڪتي.“

ڊاڪٽر جسلوڪ ۾ فون ڪئي ۽ اُنان ئي ڪڪيءَ
پنهنجي پاءِ ايشوءَ کي به فون ڪئي، ڪڪي، مان ۽
گهڙگهڙو جسلوڪ ۾ پهچي وياسين، مانيٽرمشين به ڪڪيءَ
جي ڪمري ۾ لڳي ويئي، اوچتو گهڙگهڙي کي ويچار آيو
ته هن ڪمري ۾ مٿ مائنت، پيا واقف گهڻا ايندا، انٽينسوڪيئر
يونٽ ۾ هڪ بيڊ خالي آهي، اُتي بندوبست ڪريان،
ڪڪيءَ ۽ مون ڪلندي ڪلندي موڪلايو.

ان رات ئي ڪڪي سپ نه ماري سپ جو سراپ ماري

جي ڪهاوت جيان سچ پچ بيمار ٿي ويئي. انٽينسو ڪيئر يونٽ ڪري ملاقين تي ته بندش هئي، منهنجي هن سان گهڻي ڳالهائڻ تي پابندي رهي، ۽ اهو سچ به سڌ ٿيو ته طبيبن جي ٿات نه پئجي ۽ اسپتال اچڻ پنهنجي مرضيءَ مطابق هجي نه هجي، نڪرڻ پنهنجي وس ۾ نه آهي، ڊاڪٽرن سنپورڻ جاچ لاءِ ٻن ڏينهن بعد انٽينسو ڪيئر يونٽ مان ڪڪيءَ کي ڪڍي ٻه هڪ هفتو اسپتال ۾ رهايو ۽ ان وچ ۾ پکونتي ناواٽي نائيٽ ۾ ڪڪي، مان ۽ ڪلاڪار ڪلڪتي وڃي نه سگهياسين.

ڪڪيءَ جي اسپتال ۾ رهائش جي دوران ۾ ئي ڊاڪٽر چيو، ”ڪڪيءَ کي ننڍي هوندي سورنهن سالن جي عمر ڌاري ٽائيفائيڊ ٽپ ٿيو هوندو، تڏهن هن جي گوڏن ۾ رميٽڪ پين (وائي سور) پيو هوندو، اُن جي اثر هيٺ دل جو هڪ والو Valve (پردو) سوڙهو ٿي ويو آهي، رت جو وهڪرو سولائيءَ سان نٿو ٿئي، ان جو آپريشن ٿيندو.“ جڏهن ڊاڪٽر چيو، ”ان آپريشن مان بچڻ جو سيڪڙو؟“ چيائين، ”ڀارت ۾ هونءَ پنجاسي سيڪڙو، هاڻي ٻيانوي سيڪڙو، آمريڪا ۾ ڇهانوي ستانوي سيڪڙو آپريشن ڪامياب ويندا آهن.“

ڪڪيءَ هڪ وڏيڪ سوال پڇيو، ”آپريشن مان بچڻ نه بچڻ جو سوال نه آهي، مان آپريشن بعد ڳائي سگهنديس، اُئين ئي، جيئن هاڻي ٿي ڳايان؟ اهو ڇا سؤ سيڪڙو ممڪن آهي؟“

ڊاڪٽر چيو، ”اها گئرنٽي توکي آمريڪا جو ڪو ڊاڪٽر به نه ڏيندو.“

ڊاڪٽر جي هلڻ وڃڻ بعد ديويءَ جي سامهون ڪڪيءَ وڏو ٽهڪ ڏنو. چيائين، ”مان آپريشن نه ڪرائينديس،

اُن مان ٻچڻ جو سؤ سيڪڙو آسرو نه آهي، اِن ڪري نه، اِن ڪري جو اِن سان سؤ سيڪڙو ڳائڻ جي خاطري نٿي ملي.“

ڊيڊيءَ، ڪڪيءَ جي پاڻ اينڊوءَ ۽ مون ڊاڪٽر سان هنجي ڪنسلٽنگ روم ۾ ڳالهايو. هن چيو، ”آپريشن هر ويرو هيڻڻ لازمي ڪونهي، اڳتي هلي ڪرائجو ضرور.“ وڌيڪ چيائين، ”اِئين ته ڪڪي ذري گهٽ نارمل آهي.“

ڪو مائٽ هن کي ڳائڻ کان منع نه ڪري، اُن لاءِ ڊاڪٽر کان اِسپتال مان ڊسچارج ڪارڊ تي لکائي ورتائين ته ”هيءَ پروگرامن ۾ ڳائي سگهندي.“ روبرو ڊاڪٽر چيس، ”تڪ محسوس ٿيندي ته هڪدم ڳائڻ بند ڪجانءِ.“ ڪڪيءَ کلي چيس، ”ڊاڪٽر صاحب، تڪ نه ٿئي ته پل اڳئين جيان ڳائيندي رهان.“ پوءِ گنڀير ٿي چيائين، ”ڊاڪٽر صاحب، جنهن ڏينهن مان ڳائي نه سگهندس تنهن ڏينهن مان جيئڻ نه چاهيند يس.“

هڪ ٻن مهينن بعد هن جو ڊاڪٽر بدليو، هوءَ هاڻ پاڻ جي پاڙيسري هارٽ اِسپيشلسٽ جوان ڊاڪٽر پرڪاش ٻالاڻيءَ جو علاج ڪرڻ لڳي. هن ٽين ٽين هفتي پينسلن جي خاص انجيڪشن هڻڻ لاءِ چيس ۽ رت جي وهڪري کي جاري رکڻ لاءِ خاص گوريون ڏسيون. هن آپريشن لازمي نه سمجهيو، ڳائڻ تي به ڪا روڪ ڪانه وڌي، ويتر ڊاڪٽر پرڪاش هوميوپٿيءَ جي خلاف نه هو، بايو ڪيمڪ جي حق ۾ به هو. ڪڪيءَ جي پيگهي مٽي.

مگر مان ڪير جو سڙيو، ڏڏ به ڦوڪي پيئڻ لڳس. پروگرام گهٽائي ڇڏيم، ٻن سالن بدران ٽن سالن جي وٿي وجهڻ شروع ڪيم، پروگرام ٻن قسمن جا ڪٽڻ لڳس هڪڙا جي

سنڌيت جي لهر جي بچاءَ ۽ ڦهلاءَ لاءِ بلڪل ضروري هئا ۽ پيا آهي جن لاءِ زور ڀار بيحد گهڻو هو. سفر جون سهوليتون هر آرگنائيزر ڪيان ورتيون. ڪڪيءَ لاءِ هوائي جهاز، جي ايئر سروس هئي نه ته سيڪنڊ ڪلاس، اي. سي. يا فرسٽ ڪلاس پروگرام ديرِ ۾ دير هڪ ٻه ڏينهن اڳ تائين، آرگنائيزرن کان پهرين ئي لکائي وٺڻ لڳس، اُن ۾ پڻ ڪڪي پاڻ ڏيندي هئي. ”اڄا مان تڪي ڪٿي آهيان؟ ميلو اڄا متو هاڻي آهي. ماڻهو الائي ڪٿان ڪٿان ڪهي آيا آهن.“ ۽ مان ٿوري دير بعد واپس ڇڪيندو هوس، پنهنجو پاڻ ائيندو هوس – ائين چئي، ”راند رس ۾ ڇڏڻ کپي، ميلو مثل ڇڏڻ کپي.“

۽ سفر ۾ ڪڪي مونکي سنڀاليندي هئي. گهر وارن ۽ ڪلاڪارن طوفان منهنجو سلامت رکيل رئيسپڻو ڪڪيءَ ئي برقرار رکيو، هاڻ جو اسان ٻئي پين ڪيان الڳ سفر ڪرڻ لڳا هئاسين، هوءَ اڪثر منهنجي لفظن کي اُبتو ڦيرو ڏيئي چوندي هئي، ”اسٽيج اوهان سنڀاليو، سفر مان سنڀاليندس.“

مون دهليءَ وڃڻ بہ وڏائي ڇڏيو – ڪي پروگرامن ڪري ۽ ڪي صرف ديديءَ جي ڪري. اُتي ڪڪيءَ کي سرڳ طور آرام ملندو هو ۽ مانسڪ ريت تسڪين پڻ پئندي هئي، وڏي ڳالهہ تہ ديديءَ جي صحبت ۾ ۽ هن سان وڙهندي نهندي، رسندي پرچندي ڪڪيءَ جو جيئڻ سان موهہ سلامت رهندو آيو.

اڇنتاڻي بہ ڪڪيءَ جي اسپتال مان نڪرڻ بعد بمبئيءَ آيو هو، هن گوڙهاڻيءَ اچڻ جي تڪليف ڪڪيءَ کي ڏيڻ نہ چاهي خاص ڪري جڏهن مان دور دراز هنڌن تي وڃڻ ڇڏي ڏنو هو، هوءَ جلد جلد بمبئيءَ پنهنجي هڪ ڏيءُ وٽ باندرا اچي رهڻ لڳو، ڪڪيءَ کي هن جي آئي بہ آٿت ملندو هو.

هڪ دفعي دهليءَ ۾ اسين چار ڄڻي ڏيڏيءَ جي گهر گڏياسين - ڏيڏيءَ پنهنجو جملو دهرايو، ”مٺي، ڏسڄاڻ ويڃي، مان دنيا مان تنهنجي ڏسندي ڏسندي اٿي ويندس.“ ڪڪيءَ ڪجهه نه چيو، مان به چپ ويٺو رهيس. اچنتائيءَ چيو، ”ڏيڏي.“ هوءَ به هاڻي موهنيءَ بدران ڏيڏي چوڻ لڳو هو. ”تون سورنهن آنا عقلمند آهين. هن چؤياريءَ ۾ ڀارين منهنجو ئي نمبر آهي. مان گورين جو ٻڪ هر روز وٺندڙ آهيان.“ ڪڪي گنڀير ٿي ويئي. چيائين، ”او هان پنهنجي اهڙي اٿپ ڳالهه ڪئي ته مان ناراض ٿي ويندس.“

موهن کلي چيو، ”اسان چار ئي جيڻ جو پٽو لکائي آيا آهيون. ڪڪيءَ گنڀيرتا سان چيو، ”جيڻ ٿورو يا گهڻو، سکيارٿو هجڻ کپي.“ موهن ڳالهه کي اتيئي روڪڻ لاءِ فيصل ڪن نموني چيو، ”اسان مان ڪنهن جو به جيون اکيارٿو نه رهيو آهي.“

منهنجي من ۾ پڙاڏو ٿيو، ”اکيارٿي سکيارٿي جيون جو ماپو هر ڪنهن لاءِ ساڳيو نٿو ٿئي.“ مان اندر ۾ ڀڄي ويس. اکيارٿي سکيارٿي جيون جي ڳالهه ڪي سال اڳ ڪڪيءَ ڪئي هئي ڪرشن ڪنواڻيءَ جي اڳيان، اسانجو انساني رشتن ناتن جو ٻيون انوکو ڏکنڊو هو. موهن ڪرشن کي پيار ڏنو هو، ڪڪيءَ هنکي عزت ڏني هئي - ڪرشن موهنکي سنيهه ڏنو هو ۽ هن جو ڪڪيءَ سان موهه هو. اندر ۾ اسانجو آرام گاهه رهيو، ويساهه رهيو، گهر کان ٻاهر گهر رهيو. ڪڪي، مان ۽ ڪرشن ساڳيءَ ويولينٽ تي رهياسين اڪثر. ڪڪي اسپتال مان نڪرڻ بعد چئن پوءِ ٽئن اسان پنهنجي جي لفظن کان وڌيڪ چاهنا انوسار آتم نرڀرتا ۽ خود وشواس واري

ٻڌڻي ايندي. ان وچ ۾ ١٩٨٠-٨١ تائين سنڌي ووڪل ڪلچر ٻڏاءَ جي لهر وڌي ان جي ڦهلاءَ جو سيلاب ٻڌي هئي. جيترا ميلا وڌيا هئا، اوترا ڪلاڪار نه وڌيا هئا - ۽ هونءَ به ڪلا جي ڪيتر ۾ لوڪڙيه کي وڌيڪ وجهه ملندا آهن. ورسيون ۽ ميلا ٿي ٿي، ان کان وڌيڪ راتيون ۾ هلندا هئا ۽ هلندا به رات جو ڏهين کان ڏينهن چڙهڻي تائين هئا. تن ڇڏڻ مڪيه ڪلاڪارن / ٽولين جو هرهڪ ميلي ۾ هجڻ لازمي هو، ۽ مون اها به ڪوشش ڪئي ته اسان ڪلاڪار ٽڪرجون نه ته ۽ سهڪار تا ڪريون. ان ڏري مان ڪوشش ڪري اهي ميلا يا ميلن جا اهي ڏينهن پروگرام نه ڪٽندو هوس جتي ساڳيءَ طرز تي پروگرام ڏيندڙ گائڪ يا گائڪائون هجن. ايڪڙ ٻيڪڙ پروگرامن ڪانسواءِ ۽ مون اها به پرداخت ڪئي ته گهٽ ۾ گهٽ اسان چڙهت ۽ غير صحتمند چٽاڀيٽيءَ کان ڪنارو ڪندا رهون. ڪڪي ته ان سلسلي ۾ ٻهرين حڪم جي ٻندي رهي ۽ ٻوءِ سؤ في صدي سهمت رهي، ڪلاڪارن جي سهائتا ۽ سهڪار ۾ ڪڪي مون کان اڳري رهي - مان سنديس ٽڪ ۽ پريشانيءَ ڪري نتائيندو هوس ته هوءَ چوندي هئي - "اوهان ٻاڻ ٿي چوندا آهيو، اسان ڪلاڪارن جي پنهنجي برادري آهي." ڪلاڪيتر جي ٻن وڏن مهارتين ماسٽر چندر ۽ پنجواڻي صاحب ۾ هڪ قسم جي رقابت جي پاونا هئي، ٿني سندن جنم اُنسؤ چلسن ۾ ڪامن فئڪٽر اسان هئاسين - البت پنجواڻي صاحب سان گڏ پروگرام به ڏيڻ جا موقعا ملندا هئا - ٻمبئيءَ ۾ ۽ ٻمبئيءَ کان ٻاهر. ۽ ٻوليءَ ۽ سنسڪرتي ٻچائڻ جو ڪارڄ به ساڳيو هو.

ڪڪي اسپتال جو لڪ لنگهائڻي نئين سر زندگيءَ سان نيهن جو ناتو نڀائڻ لڳي. جڏهن هند اليڪٽرانڪس طرفان

ملهايل پکّو تني ناواڻي نائيٽ ۾ هنجو اُتساهه ۽ چستي چوٽيءَ تي هئي. پنجواڻي صاحب اُن پــروگرام ۾ سهڪار ڪندي چيو، ”پورنماسيءَ جو چنڊ گرهڻ مان نڪتو آهي، اُن جي چمڪ ڏمڪ وڌيڪ ٿي آهي، شل اُن کي وري گرهڻ نه لڳي.“ اُن ئي پروگرام ۾ قدرشناسيءَ طور مليل رقم وياج تــي رکي ڪڪيءَ پنهنجي ماتا لڪشميءَ جي نمت هر سال ڪنهن نه ڪنهن ڪلاڪار کي اِنعام ڏيڻ جي پترائي ڪئي.

ماسٽر چندر جــو پنجهتر جنم ڏينهن آچار بــه پکّرانديــو جــي سرجوشيءَ سان ملهايــو ويــو هو ۽ اُن جــي صدارت لاءِ هن پاڻ کان وڌيڪ مشهور پارليامينٽ ميمبر يشپال ڪپور کـــي آندو هو. ماسٽر چندر جــي جائــز سارا هه پڻ بعد هن ماسٽر جي زبــانــي ڪو گيت / ڪلام ٻــڌڻ چاهيو. ماسٽر جنّن تنّن هڪ ٻه ڪ ڳائي چيو، ”گلو نتو هلي.“

ماسٽر چندر لاءِ شرڌا ڪڪيءَ کي منهنجي صحبت ۾ اچڻ کان اڳ، ڪافي ننڍي هوندي کان هئي.

اِن پروگرام ۾ ماسٽر چندر جي هڪ گيت سان عقيدتمندي پيش ڪري ڪڪي پنهنجي گهر پهتي ۽ مان هن وٽان نڪرڻ لڳس ته جنسي مونکي پيرين پوندي چيائين، ”آسيس ڪجو، منهنجي اهڙي حالت نه ٿئي. مان مرڻ گهڙيءَ تائين ڳائــڻ ٿي چاهيان.“ هن جنسي پاڏايو، ”دعا ڪريو نه.“ ماسٽر چندر سان همدردي ڪندي هوءَ گويا پاڻ تــي قياس ڪرڻ لــڳي هئي. وري چيائين، ”جنّن ڪنور رام صــاحب هڪ ميلو مچائي پئي ميلي ڏانهن ويندي ساسين سڪالو ٿيو، ڪّن مان بــه ڳــائيندي هلي وڃــڻ ٿــي چاهيان.“ مــون چيو، ”چوڪري، تنهنجي به ڪنور رام جيان رهجي ايندي.“

ماسٽر چندر لاءِ هنکي جا عزت هئي، اُن جو انــدازو اِن

واقعي مان اڳاڻي سگهجي ٿو: ان کان ٿورو اڳ اسان ڪوٺايا هئاسين، ٿيون هڪ بانيڪار سڄڻ جي گهر هئي. ٿيون ني هنجو والنٽ مان آيل هڪ مهمان به شامل ٿيو، هن ڪڪيءَ جي آواز جي ساراهه ڪندي چيو ”دادي ڪنورام صاحب جي آواز بعد اوهانجي آواز دنيا ۾ جي سنڌين کي ڏهڻي ۾ گهڻو موهيو آهي.“ هن بلڪل نمرتا سان چيو ”وچ ۾ سنگيت آچاريه ماستر چندر جو آهي.“

جڏهن هند اليڪٽرانڪس جي رميش ٿڌاڻيءَ ضيا صاحب جي گيتا رڪارڊ نه ڪرائڻ جي گويا مڃرائيءَ طور سي. لکميچند جي ڏڻ ۾ هنجي نائين محلي جي سلوڪن جو سنڌي انواد ڪڪيءَ جي آواز ۾ رڪارڊ ڪرڻ جي فرمائش ڪئي. ڪڪيءَ چيو، ”مان روئي پونديس، مونکي منهنجي ماءُ ياد اچي ويندي.“ هنجي ماتا، پاپي لڇميءَ جي ديهانت بعد جي پاسه صاحب جي پوڄ تي هڪ سنڌي پاڻيءَ نائين محلي جا سلوڪ اهڙي ته جذباتي ڍنگ ۾ ڳاتا هئا جو ڪڪي اوچنگارون ڏيئي روئڻ ۾ اچي چڪي هئي. هن ڳائڻ جي ڳالهه نه مڃيندي راهيءَ جو پڄڻ گنگنائڻ شروع ڪيو، ”رهي ڏينهن ٻه چار، مسافر مو ٿي ويندو.“

مان شايد موقعو ڏسي رڪارڊنگ لاءِ ڪڪيءَ کي مڃائي وڃان ها پر ان وچ ۾ راڻي گدواڻي پنجابيءَ ۾ نائين محلي جا سلوڪ سنڌي سمجهاڻيءَ سان ڪئسيٽ ۾ پريا. ڇڙهت نه مونکي راس آئي نه ڪڪيءَ کي اچي ها، جي مان چوانس به ها.

ڪنورام جي ورسيءَ جي ڏوران ۾ ٿي پڳت گهنشيام کي اجمير ۾ دل جو دورو پيو ۽ هو ٻارڻ ڪٽائي وسڻ شاهه جي ورسيءَ ۾ هڪ شيواڌاريءَ جي گهر بستري داخل هو، جڏهن

اسان ڪنور رام جون ورسيون نباهي هر سال جيان وسڻ شاهه جي دربار ۾ پهتاسين، مان، ڪڪي ۽ ٻيا ڪلاڪار سرائي ۾ وياسين، ڪڪيءَ جون اکيون اشڪبار ٿي ويون ۽ من ڊانوان ڊول رهيو، ڏينهن جا ڏينهن. اسان پنهنجي پروگرام ۾ گهنشي جي صحتمند ٿيڻ لاءِ پلئه پاتو تڏهن به ڪڪيءَ جو آواز گويا گلي ۾ اٽڪيو رهيو. گهنشيام ٺيڪ ٿيو، ڳايائين به پر زندگيءَ هن سان گهڻو وقت نه نباهيو. اسان بمبئيءَ کان اُن وقت ٻاهر هئاسين. مان اعزا پرسيءَ لاءِ گهنشي جي گهر ويس. ڪڪي نه هئي. چيائين، ”اعزا پرسي ڪنهن سان؟ اسان سان به ٿيڻ کپي ...“ هوءَ چپ ٿي وئي. هوءَ اڪثر مون جيان سوچڻ ۽ ڳالهائڻ لڳي هئي.

۱۹۸۴ع ۾ هن ٿي ٻيون چوٿون سهسايون — ٻهرين جنوريءَ ڌاري گوهاٽيءَ ۾ اچنتاٽي راهه رباني وڃي رهندو رهيو. ان کان اڳ هن جو مون ڏانهن خط آيو هو، ”ڀڄودي ۾ ساهرن ۾ شادي اٿم، هتان سڌو اُتي ويندس. پوءِ دهليءَ وچان کان اڳ بمبئي ايندس. اوهان ۽ دادي پڳوانيءَ جي صحبت جو ڪي ڏينهن مزو ماڻيندس. اوهانجا پروگرام نه هوندا ته اوهانکي به دهليءَ ساڻ وٺي هلندس.“

مقرر تاريخ آئي، ويئي. اسان اُهو ڏينهن، ٻيو ڏينهن، انتظار ڪيو، ڪندا رهياسين. اوچتو خط مليو، هو گوهاٽيءَ مان ڀڄودي لاءِ گاڏيءَ ۾ چڙهڻ بدران عدم ڏانهن هليو ويو — جتان ڪو موٽيو ڪونهي.

سچ پچ اُن ڏهه ڏينهن اسانجا پروگرام نه هئا، ڪڪيءَ چيو، ”دهليءَ تا هلون.“

دهليءَ ۽ اسان وچ ۾ ٿري گهري اچنتاٽيءَ جو ذڪر ئي نڪتو. مان ۽ ديدي ڪار ۾ اچنتاٽيءَ جي گهر وياسين.

ڪڪيءَ هلڻ جو سٽ نہ ساريو. اسان ٻہ ڏاڪڻ چڙهندي هڪ ٻئي جو هٿ پختو پڪڙيو هو، پر اچنتائيءَ جي گهر کي تالو پيو هو. ٻن هفتن کان وڌيڪ وقت گذري وڃڻ بعد بہ ڪو ڳوٺائيءَ کان واپس نہ آيو هو. مون ڀريندي دل ٻڌي ديهانت جي خبر ملندي اچنتائيءَ جي پٽ ڏانهن خط موڪليو هو. پر اچنتائيءَ جي ياد کي خيرباد نہ اڃا تائين بہ نہ ڪري سگهيو آهيان. ڪڪي بہ يا عمر اچنتائيءَ سان نہ ناتو ٽوڙي سگهي، نہ هنکي ڀلائي سگهي. دکي ديدي بہ هئي، دل سان.

اچنتائيءَ جي گهر جي ڏاڪڻ تي ئي، هٿ هٿ ۾ هوندي ئي ديديءَ چيو، ”دادا، مونکي ڀرون ٿا پون اچنتائي جلد مونکي بہ سڏ ڪندو.“ ڦڪي مرڪ مرڪي چيائين، ”مئي ٻچاڙا بہ هنجي دل ٽيندي هوندي مون سان هڇاڪڇا پائڻ تي.“ مون ڏاڪڻ تي ئي ٻنهي هن جي هٿ مٿان پنهنجو ٻيو هٿ رکي چيو، ”ديدي، خدارا اهڙي ڳالهہ ڪڪيءَ جي اڳيان نہ ڪج، ڪڏهن بہ.“ مان ڀرون لفظ تي ئي ڏڄڻ لڳو هوس. منهنجي ڀيڻ دادن کي بہ ڀرون ٻيا هئا اسپتال ۾ ۽ هوءَ سنئين اڳين گهر نہ آئي هئي.

ديديءَ سچ پچ ڪڪيءَ سان ڪل مسخريءَ ۾ بہ مرڻ وڃڻ جي ڳالهہ نہ ڪئي.

پوءِ بہ هيءُ انساني زندگيءَ جا عجيب رشتا ناتا.

سيپٽمبر جي شروعات ۾ ديديءَ فون تي ڪڪيءَ کي چيو، ”هانگ ڪانگ مان گيان اچڻ جي دعوت سان گڏ اوٽ موٽ هوائي جهاز جي ٽڪيٽ موڪلي آهي. هفتي کن لاءِ وينديس. تنهنجي گواليار جي پروگرام کان اڳ موٽي

ايندَيس. گهر کي سجايو اٿم، تنهنجي لاءِ. دادا ۽ اوهان ڏواليار مان دهليءَ اچجو. ڏسي، داد ڏجو، هانگ ڪانگ مان تنهنجي لاءِ ڇا آڻيان؟"

مان ڪڪيءَ وٽ ويندو هوس، ڪڪيءَ چيس، "تون پنهنجو پاڻ صحيح سلامت آڻج، اِها ئي تنهنجي سوغات ٿيندي."

ديديءَ جو آنم و شواس وارو آواز آيو، "منيءَ، تنهنجي منهن ڏني بنا مان مرڻ واري نه آهيان."

۽ ديدي هانگ ڪانگ مان دهليءَ پهتي. ڪڪيءَ ۽ منهنجي پٽ ڏينهن دهليءَ پهچڻ جو انتظار به نه ڪري راهه رباني وٺي رمندي رهي.

مان دهليءَ ديديءَ جي گهر اندر گهڙندي ئي اچي روئڻ ۾ پيٽڪيس. عجب اِهو جو ڪڪي چپ چاپ مرجهايل منهن سان ديديءَ جي ڪمري اندر گهڙي ويئي. هوءَ ڦٽي هانءُ ٻگڙين جي رسم جي دوران پهرئين پڄن تي رني، ۽ مون سامت جو ساهه کنيو.

ڪنور رام جي ورسين ۾ به مهنا پيا هئا، پوءِ به مونکي چورا ڪورا لڳي ويئي. ڪڪي جا عقل ۾ اڪابر ٿيندي ويئي هئي تنهن چيو، "پروگرام ڪٽو. هن سال سلامت هونديس، پڪ ڇاٽو." پوءِ ڪلي چيائين، "اڇا مووڪ وارن جي هڪ ڪئسيٽ جو پرٽي آهي- لوليءَ کان مارُوءَ تائين، موهن چاپڙيا منهنجو مسڻ رلائسي ڇڏيندو." هن دل سان ٿهڪ ڏنو.

اُهو سال ته ڪنور رام جي ورسين جو نجهي آيو- پروگرامن جي دوران ۾ به ڇندو رهيس، پر ڪڪي ائين هلي، ڄڻ هن ڪڏهن مرڻ جي ڳالهه ئي نه ڪئي هئي.

مان ٻڌائي ڪ ٻڌائي اِن آخرين ڪئسيٽ جي رڪارڊنگ مهمل ڪندو رهيس.

هڪ ڀيري موهن چاڀڙيہ منهنجي تاريخن نہ ڏيڻ تي ٿورو ناراض ٿي ويو. ڪڪيءَ هن جي وڃڻ بعد چيو، ” اوهان پاڻ ٿي چوندا آهيو، اَجل آهي جنهن جو وقت بہ مقرر آهي، هند بہ ايندو جڏهن اچڻو هوندو. اوهان ائين هلو جڻ هلندا آهيو، فڪ ڪ سان، صرف هڪ دعا ڪجو، اسپتال ۾ نہ – گهر ۾ ساهہ ڇڏيان. “

پوءِ بہ، مان شاهہ جي لفظن ۾ ڪنيندو بہ رهيس، ڪنيندو بہ رهيس ۽ ڪڪيءَ جي زندگيءَ لاءِ دعا گهرندو بہ رهيس – منهنجو وشواس ڏڏي ويو هو، اُن ڪي ٿوڻيون ٿپي ڏيندو پئي رهيس...

ڪئسيٽ پوري، اُها نڪتي ۽ موهن چاڀڙيہ ڪڪيءَ کي ڏيئي ويو، تنهن ڏينهن...

تنهن ڏينهن مان هنجي گهر پهتس تہ هنجي ٽيپ رڪارڊر مان آواز اچي رهيو هو، ” هيءُ جڳہ مسافرخانو...“ اِهو ٽيپ جو پويون گيت هو. پوءِ بہ هن اِهو اڌ ۾ بند ڪيو ۽ نيم-انوسار مون لاءِ بسڪيٽ ۽ پاڻيءَ جو گلاس کڻي آئي. هن وري ڪئسيٽ چالو ڪئي، اُن جو آواز ڌيمو ڪري چيائين، ” واقعي، جڳہ مسافرخانو آهي. ۽ مان اِن مسافرخاني مان ڪنوررام جي ورسين وچ ۾ هلي ويندس...“

مون زور لڳائي، اکين ۾ آنسو اچڻ نہ ڏنا، ڳالهايم بہ ڪونہ.

هن وري چيو، ” زندگيءَ جو انت موت آهي – اوهان پاڻ چوندا آهيو...“

مان اُداس ٿي ويو هوس شايد. هن ڪلهي چيو، ” مايوس

ڇوتا ٿيو؟ ھاڻي تہ ڪانہ ٿي مران، اڃا اُت مهنا پيا آهن ۽ ڪنور رام جي ورسيءَ ۾."

مان اڃا بہ اوڪ ھوس، ھن وري اکين ۾ شرارت ڀري چيو، "اڃا تہ ھڪ خوشيءَ جو موقعو وچ ۾ آھي، ڪنڊوا ۾ اوھان ٿي سيمينار جو، اوھانجي سنمان جو..."

ريھر سل ھئي، اُن ڏينھن، منھنجو من تہ لڳو پر ڪلاڪارن اڳيان ٻڙڪ نہ ڪڍيم. ڪلاڪارن جي ھلڻي وڃڻ بعد ھن چيو، "اوھان پاڻ چوندا آھيو حال ۾ رھڻ کپي. ۽ حال اھو آھي تہ مان خوش آھيان، منھنجي نئين ڪئسيٽ مارڪيٽ ۾ آئي آھي..."

۽ منھنجي اتفاقن جي زندگيءَ ۾ بلڪل ٻئي ڏينھن اجمير جو لڇمڻداس نالو ھوس شايد، اھو ڀوريوليءَ ۾ رھي، ٻڌگہ بسترو مائٽ وٽ ڇڏي ھن سان مون وٽ ھليو آيو. "ھن سال اوھانکي ڪنور رام جي ورسيءَ ۾ اجمير پروگرام ڏيڻو ئي پوندو."

مان شام تائين فيصلو مھل ڪيو، ڪڪيءَ (پوءِ سمجھيم، مونکي نراس ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ) چيو، "ڪٿو، اول خير، نباھيندس." اوڏي مھل تہ مان بيحد خوش ٿي ويس.

۽ اُن سال راڄن چاولا (ھاڻ ڏاسوائي) لنڊن جو پروگرام آڇيو. ڪڪيءَ ڏاڍي چاھہ مان چيو، "ياد اٿو نہ، تہ امراوتيءَ ۾ ٽي سال اڳہ ميزبان منھنجو ھٿ ڏسي چيو ھو تہ پنج ڀيرا ڀارت کان ٻاھر وينديءَ، اھو پنجون ڀيرو لنڊن ھوندو..."

جنھن ڏينھن ويزا جو بندوبست ٿيو ۽ ٽڪيٽون مليون تنھن جي ٻئي ڏينھن چيائين، "يورپ ھلون تہ ٿا پر مان شايد جيئري واپس نہ اچان."

مان اکيون ڦاڙي ھن ڏانھن ڏسندو رھيس.

هن وري چيو، ”چوندا آهن، خواب ۾ شادي ڏسبي آهي ته موت اچڻ جو امڪان رهندو آهي.“

مون چيو، ”چئين ته نه هلون.“

چيائين، ”هلنداسين ضرور، موٽنداسين به ضرور. مان مرنديس گهر ۾، پنهنجي پلنگ تي.“

۽ جنهن رات هوائي جهاز اڏرڻ لاءِ ايئروڊروم تي پهتاسين ته لکميچند چيو، ”سفر ڪامياب ويندو، مان گهوڙن ٽڪيٽس تي ته رات ٽي وڳي بعد به هڪ ڪائي مسافر طرف ويندي ڏٺم.“

پنڊتڄي ٻولڻ جو سهارو مليو، مونکي به ٿوري گهڻي تسڪين ملي.

هڪ گيسر يا لاپرواهي ٿي ويئي، ٽين ٽين هفتي پينسلين جي لڳندڙ انجيڪشن وٺي پاڻ سان نه کنئين، مان وٺڻ پيو وڃان ته ڪڪيءَ چيو، ”مون نالو کنيو آهي، اُتي هاڻي وٺنداسين ۽ لنڊن ۾ ته هيڪاري بهتر ملندي.“

لنڊن مان اسين اسپين هليا وياسين، ۽ اُتي جيڪا انجيڪشن جڏهن ٽڻن لکي چپ ۾ ملي، (پينسلين تي بندش هئي) اُها گهربل پاور کان گهٽ جي هئي.

رات جو کنهن آرگنائيزر وٽ تڪليف ٿي، مون هنکي هوميوپيٿي دوا ڏني. پوءِ به ڊائوڊپ ڪري ميزبان ائمبولنس گهرائي. ڪڪي ٻئي ڏينهن ٿي مون ڪانسواءِ آرگنائيزرن، ميزبانن ۽ ڪلاڪارن کي ڏري گهٽ نارمل لڳي. هن مون کان بايوڪيمڪ گورين جي شيشي رات ٿي وٺي ڇڏي هئي، ڊاڪٽرن وري دل جي واڱ جي آپريشن ڪرڻ جي صلاح ڏني. ڪڪي هڪ ٿي، آپريشن جي ٽيبل تي ئي مان مري ويندي پس. مان پمبئيءَ پنهنجي گهر پهچڻ تي چاهيان -

جيئري جاڳندي. هن آپريشن جي ڇهن مهينن جي مهلت لکيت ۾ ورتي ڇڏي.

مون چيومانس، ”چڱو، لنڊن ۾ ڪن ماهر ڊاڪٽرن سان ٿا صلاح ڪريون ...“

۽ لنڊن پهتاسين ته هوائي جهاز مان لهي راڄن جي گهر ويندي ئي راڄن چيو، ”اوهان جون موٽ جون ٽڪيٽون يا سڀاڻ جون يا پندرهن ڏينهن پوءِ جون ٿي مليون، مون سڀاڻي جون وٺي ڇڏيون آهن ...“ چندرو ملڪاڻي به اُن وقت اسان سان ڪار ۾ هو.

ڪڪيءَ اکين جي اشاري سان چيو، ”منهنجو آپريشن ٿيڻو ئي ڪونهي.“ اڪيلائيءَ ۾ چيائين، ”مان صحيح سلامت بمبئيءَ پهچنديس. ڪنور رام جي ورسين تائين ترسنديس. پوءِ جي جيئري رهيس ۽ اوهان چاهيو ته مان آپريشن ضرور ڪرائينديس.“ ۽ هن وري چيو، ”۽ آپريشن مان اوهانجي ڪري ئي ڪرائينديس.“

اسان ۱۴ آگسٽ بمبئيءَ پهتاسين. ڪڪيءَ اُن ڏينهن ئي ڊاڪٽر پرڪاش کان پينسلن جي انجيڪشن هٽائي ۽ هن کي پارميلوناڊا جي ڊاڪٽرن جو رايو ٻڌايو. ڊاڪٽر پرڪاش آپريشن لازمي نه سمجهيو، پنهنجون گوريون جاري رکڻ لاءِ چيو.

سيپٽمبر جي وچ ڌاري ويسٽن ٽي. وي جي پريم وڃاڻيءَ جي ڌيءُ شاديءَ جا پروگرام ڏنا؛ سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ جو لوناوالا ۾ مست طرفان ڪونايل تعليمي ڪانفرنس ۾ به ڪڪيءَ ڳاتو- ڪنهن کي خواب نه خيال ته مهنو پوءِ هوءَ جسماني طور نه هوندي.

منهنجي آنڌ ماند آڪٽوبر جي ڏهين تاريخ ڊ سهڙي ڪانوني

مگر ڪڪيءَ اُن ڏينهن ٽنگ جي سور ڪان منڊڪ منڊڪ
ڪندي به ڪار جمخانا ۾ راڻوڻ جلڻ جو اُتسو ڏسڻ هلي.
پاڻيءَ سان ڦٽاڪا به ٻاريائين، منڊڪ منڊڪ هنجي لِن ڪري
هٿي جو گوڏي ۾ سور پيو هوس ۽ ڪنهن زور سان مالش
ڪئي هيس. مونکي يورپ ڪان اڳ ڪنيل اجمير جي ڪنور رام
ورسيءَ لاءِ پنهنجي ۽ منهنجي جٿپور تائين هوائي جهاز جون
ٽڪيٽون بُڪ ڪرائڻ لاءِ چيائين، ڪلاڪارن جون ريل جون
ٽڪيٽون اڳ ئي رزرو ٿي چڪيون هيون. هفتو پوءِ هنجي
منڊڪ منڊڪ ۾ ڪو فرق نه پيو ته مون اجمير جو پروگرام
رد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

سومر ٢٠ آڪٽوبر تي ريهرسل ڪان اڳ ئي ڪلاڪارن کي
چيم، ”ٽڪيٽون واپس ڪري اچو، مان سپاٽي- صبوح جو
اجمير نه اچڻ جي تار ڪري ڇڏيندس.“ ڪڪيءَ پهرين ته
چيو، ”اسان اڳ ڪڏهن ڪنيل پروگرام رد ڪيو آهي؟
هلنداسين. مان منڊڪائي به پروگرام ڏيندس.“ منهنجي
مٿان هنجو ڪنور رام جي ورسين نه ڏسڻ جو چٽاءُ حاوي
پئجي ويو. چيم، ”پرديس ۾ خدا نه ڪري ڪجهه ٿي پيو
ته اِهي ماڻهو ۽ هنن ڪان وڌيڪ آرگنائيزر ڇوندا، ڇو آيا؟“
هن چيو، ”نيڪ آهي. اچو ته پلا ريهرسل ته ڪريون.“ ۽
شروع ڪيائين نئون گيت، ”جيون آهي، ريل گاڏي...“

ڪلاڪار ويا ته ٻه پٽو ڳچيءَ ۾ وجهي هٿ جوڙي سر
جهڪائي چيائين، ”مونکي معاف ڪجو...“

مون پريل گلي سان چيو، ”ڇوڪري، تو منهنجو ڇا
بگاڙيو آهي جو معاف ڪريانءِ. تو هيڪاري آنجهيءَ مانجهيءَ،
ٽتيءَ ٿڌيءَ، ٽڪليفون سهي به ساٿ ڏنو- مون سان به، منهنجي
مقصد سان به سنڌي جاتي توکي وساري نه سگهندي.“

صبوح جو فون ڪيائين، ”منهنجي مٿي جي چوڌاري گهٽيل آهي، دماغ ڄڻ ڦاٽي ٿو.“

مان هن وٽ پهتس — اها ئي منهن تي مرڪ، چيائين، ”زندگيءَ ۾ مون به اوهان کي گهڻو پريشان نه ڪيو آهي.“

ڊاڪٽر پرڪاش ٻمبئيءَ ۾ نه هو، هن جو پيءُ آيو. چيائين، ”ڳوڏي جي زوردار مالش ڪري رڳون ڍليون آهن، مٿي جي چوڌاري تي اثر ٿيو آهي.“ هن ٽن انجيڪشن جو ڪورس لکي ڏنو. اهي انجيڪشن ڪيترن دوڪانن تي نه هئا. ڄڻ ٽن ڏينهن ۾ ملي آيس، پهرين انجيڪشن سان حالت بهتر ٿيس، ٻه ڏينهن سرهي رهي، پائرن، پاجامن ۽ هڪ پيرڻ ڪي گهرايائين يا اهي پاڻ ڪان پاڻهي يا اطلاع سان پهتا، رات جو مونکي فون تي چيائين، ”فرحت اٿم، نشچنت ٿي سمهو.“

مان صبوح جو سوائين اٺين ئي هنجي گهر پهتس. بي سرت هئي، صرف مٿيون چپ ۽ ڄاڙي ڦڙڪي رهي هئي. ڊاڪٽر جي ٻين انجيڪشن بعد اها حالت ٿي هيس. ڊاڪٽر جي راءِ هئي: ٻوڙن پساهن تي آهي.

منهنجي من ۾ آيو، ”ڪم جي ٻندي پنا موڪلائڻ جي ڪيئن ٿي وڃي؟“

اوچتو هن جون اکيون کليون ۽ مرڪي مون ڏانهن نهاريائين، مان پلنگ جي پيرانديءَ کان ويٺو هوس. مون پڇيو، ”ٺيڪ آهين؟“ ڪنڌ ڏوڻ سان ”ها“ ڪيائين. مون پڇيو، ”ڪجهه کپيئي؟“ آهستي ڄڻ پڙ پڙ ۾ چيائين، ”پاڻي.“ هن جي سيرانديءَ کان پلنگ جي اُيءَ ڪنار تي پاڻيءَ جو گلاس پيو هو. هنجي هڪ پاڇائيءَ چيو، ”هن جو ئي آهي.“ مون اُن گلاس مان هنجي ليٽئي ئي پاڻيءَ جا ڪي ڍڪ هنجي وات ۾ وڌا. هن اکيون ٻوٽيون، ورِي ٻي ڄڻ ٻٽڪي ويئي ۽ هنجي مٿين ڄاڙي ڦڙڪڻ لڳي.

ڊاڪٽر ان وچ ۾ ٽاهوڪ لڳائي، ”هلو هلو، ڪٿائي هلوس، ڊائمنڊ نرسنگ هوم ۾ ڊاڪٽر انتظار ڪندا هوندا.“

منهنجي من ۾ آيو، ”جي وڃڻ ٿي ٿي چاهي ته ائين پلنگ تي ليٽئي ٿي وڃڻ ڏيوس.“ هن جا ٻمبئيءَ ۾ رهندڙ ڀائر، ڀاڄايون ۽ ڀيڻ سڀ موجود هئا، هڪ ڀاءُ پاسي واريءَ ڪان ڪار وٺڻ لاءِ ڊوڙي به ويو هو، منهنجي من ۾ به اميد برخلاف اميد جاڳي هئي.

۽ هن جو تخمينو صحيح ٿي نڪتو. آپريشن ٽيبل تان هوءَ جيئري نه لٿي.

مان روڊن جي ماحول ۾ به چپ هوس. مان نوٽ بٽيو ويٺو رهيس، اکين ۾ آنسو به نه آيا.

صرف پاڻ کان پڇندو رهيس، ”هوءَ هلي ويئي؟“

اڄ ڏينهن تائين منهنجو من مڃڻ لاءِ تيار نه آهي ته هوءَ هلي ويئي، خير...

اعزا پرسيءَ جون تارون، خط ۽ نهراءِ آيا، ايندا رهيا.

ٻه تارون سنڌي لفظن ۾ رومن اسڪرپٽ ۾ آيون. ٻئي ٻمبئيءَ مان ڪيل هيون، الڳ ڏينهن تي. ٻنهي ۾ لکندڙن جا نالا جذبات چتائيندڙ هئا.

”ٿورن ڏينهن بعد فون آئي، مون چيو، ”هلو“

”مان ڪير آهيان؟“

”ڪٿان ٿي ڳالهائين؟“

”پهرين ٻڌاءِ ته ڪير آهيان.“

”همدرد همشريڪ.“

”سو تار توکي پهتي.“

”ها، همدردي به محسوس ڪيم.“

”همشريڪي نه؟“

”بي هڪ تار به سنڌيءَ ۾ آئي.“ مون ڳالهه بدلائڻ لاءِ چيو.

”سو اِن ۾ به چڙهت ٿي، پرواهه ناهي، سڀ عمر چڙهت سڀئي اٿم.“

”هوءُ ڪو همت لال آهي.“

”وري به شڪر آهي.“

”ڪٿان ٿي ڳالهائين؟“

”آمريڪا مان، ڏيءُ وٽ آئي آهيان، پهريان سوچيم پارت موٽان، پٽ منهنجو اِتي آهي. پر مون توکي ڪمزور ڪرڻ نه چاهيو، هن بعد به نه ڪنديس، پر جي ڪمزور ٿي وڃين ته... نه، نه، تون ڪجهه نه ڪج، مونکي سڌ پئجي ويندي جڏن هن دکدائڪ ديهانت جي پيئي، مان... اچي ويندس.“ هنجو گلو پرجي آيو، هوءَ چپ ٿي وئي. مان چپ هيس، منهنجون اکيون اشڪبار ٿي ويون هيون.

”چڱو رکان ٿي.“ هن روئڻهارڪي آواز ۾ چيو.

”آسرو نام جو.“ فون ڪٽجي وئي.

مان سوچڻ لڳس، سوچيندو رهيو آهيان:

هيءُ رشتا ناتا

عجيب، رشتا ناتا!

مرندا نه آهن

ٽٽندا به ناهن

۽ بس.

## ادب ۽ اديب - گوبند مالهي

### آتم - ڪٿا - پنج ڀاڱا

١. ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون .
٢. سنڌڙي، منهنجي جندڙي .
٣. نرواس ۾ آس .
٤. زندگي - هڪ سفر .
٥. عجيب! هي رشتا ناتا!



*With Best Compliments from*

# COMPUTER AIDS

*Offers you job Oriented Courses*

★ **diploma in software engineering (1 year)**

★ **diploma in computer programming**

*also short term special vacation batches for*
*Introduction to micro processors,*
*BASIC COBOL, FORTAN, D Base III*
*Lotus 123, word star etc.*

617, Priya apts., Municipality, Ulhasnagar-3.

☎ 76613

ॐ

**House of variety...**
**PLY WOOD, TIMBER, LAMINATE Etc.**
*Visit at:*

# MATRABHOOMI

**SAW MILLS: Contractors & Timber Merchants**

PLOT No. 90. SECT. 6-A
HOSPITAL ROAD
ULHASNAGAR. 421003

**TRADERS: Dealer in:**
COM. & DECO. PLY WOOD,
BLOCK BOARD. OKAL BOARD
W. P. PLY. CEMENT SHEETS
LAMINATE SHEETS, GLUE Etc.

*Our Associates* :
**Matrabhoomi Construction Co.**
(Builders' Developers & Govt Contractors, Ph. 79786)

With best compliments from :

Samrat's®

IS 1011
ISI
CM L-1022621

## BISCUITS

★ Glucose ★ Marie ★ Coconut Cookies ★ Honey
★ Nic Nac ★ Saly Bar ★ Fruit Cream ★ Nice
★ Lemon Cream ★ Orange Cream ★ Saltobix
★ Khara Mitha ★ Bourbon Cream

**ALWAYS THE BEST**

M/s. Samrat Food Products
32, Industrial Area, Ulhasnagar-421004
Phone : 71029-70580

Gordhan V. Gidwani

# VISHAL ENTERPRISES

**SUGAR, KHANDSARI, GUR &**
**MAIDA MERCHANT**

1020, Aman Talkies Road,
Ulhasnagar-421 002. Dist. Thane.

Tel. : 72135-73030 Resi. : 70225(STD. 0251)

# M. K. Achhra & Co.
# P. K. Achhra & Co.

**Authorised Transport Contractors**

94, Surat Street, 8, Fancy Chambers, Masjid,
Bombay-400 009 Phone 346651

Section 17, Ulhasnagar-421 003.
Phone Off. 76146 Resi. 70553-70677-75091

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چاهيون ٿا ته ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، پَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم - گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حساب سان اڄ‌ڪلهہ جي انتها پسندي جي ٻولي ۾ اِها سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)